More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح نامهٔ سِنڌ

عُرف

چچ نامو



سنڌي ادبي بورڊ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح نامهٔ سِنڌ

عُرف

چچ نامو

ترجمه ڪندڙ

مخدوم امير احمد

تصحيح، تحقيق ۽ تشريح ڪندڙ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو / حيدرآباد سنڌ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چاپو پهريون	۱۹۵۴ع	تعداد ۲۰۰۰
چاپو ٻيو	۱۹۶۶ع	تعداد ۱۰۰۰
چاپو ٽيون	۱۹۷۶ع	تعداد ۲۰۰۰
چاپو چوٿون	۱۹۹۴ع	تعداد ۲۰۰۰

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ]

قيمت سؤ پنجاهه رپيا

[Price: R ر]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال

تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ناشر طرفان

پيشڪش

"سنڌ جو فتحنامو"، جيڪو "چچنامو" جي نالي سان مشهور آهي، ٽي صدي هجريءَ جي پوئين اڌ واري عرصي دوران عربيءَ ۾ لکيو ويو، جنهن جي تاليف ڪندڙ جو نالو معلوم ٽي نه سگهيو آهي. ستين صدي هجريءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾، بکر سنڌ جي قاضين وٽ موجود عربي نسخي تان، علي بن حامد ڪوفيءَ ان جو فارسي ترجمو ڪيو، جنهن تان پوءِ انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ان جا مختصر ۽ مڪمل ترجما ٿيا.

فارسي متن کي اول شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائودپوٽي درست ڪيو، جيڪو حيدرآباد دکن جي "مجلسِ مخطوطاتِ فارسيه" پاران ۱۹۳۹ع ۾ شايع ڪيو ويو.

انگريزيءَ ۾ سڀ کان پهرين، ۱۸۳۸ع ۾، ليفٽيننٽ پوسٽنس "چچنامي" جو مختصر ترجمو شايع ڪرايو، جنهن کان پوءِ، ۱۹۰۰ع ۾، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ ان جو مڪمل انگريزي ترجمو شايع ڪرايو.

سنڌي ترجمو اول ميرن جي دور ۾ ڪيو ويو، ۽ پوءِ وري، ۱۹۲۳ع ۾، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ به سنڌي ترجمو شايع ڪرايو. پر اهي ترجما جيئن ته صحت ۽ تحقيق کان خالي هئا، تنهنڪري "سنڌي ادبي بورڊ"، پنهنجيءَ سنڌ جي بنيادي تاريخي ڪتابن جي اشاعت واريءَ اسڪيم هيٺ، سنڌيءَ ۾ هڪ مڪمل ۽ مستند نسخو تيار ڪرائڻ جو ارادو ڪيو. ان طرح، "چچنامي" جو هي معتبر نسخو، مرحوم مخدوم امير احمد صاحب کان ترجمو ڪرائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾، ۱۹۵۷ع ۾، شايع ڪيو ويو، جنهن کي ڊاڪٽر صاحب، گهٽيءَ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محنت ۽ تحقيق سان، متن جون سموريون غلطيون سڌاري، شرحن ۽ حاشين سان سنواري چڊيو آهي.

هن وقت هي ڪتاب گهٽي وقت ڪان ڪپي ويل هو ۽ تاريخ جي طالبن طرفان ان جي گهٽي طلب ٿي رهي هئي، تنهنڪري تڪڙن انتظامن سان اسين ان جو هي نئون چاپو ڪافي تعداد ۾ پڌرو ڪري رهيا آهيون.

سنڌ جو هي فتحنامو نہ رڳو سنڌ پر هند-پاڪ جي سڀ ڪان ڏهرين ۽ پراڻي تاريخ آهي، جيڪا هن علائقي ۾ اسلام جي اچڻ ڪان اڳ جي حالتن ۽ ان ڪان پوءِ مسلمانن جي اوائلي فتحن جو لاڳيتو تفصيل پيش ڪري ٿي.

عربيءَ مان فارسي ۽ فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ سان ظاهر آهي تہ، اصل ڪان ٿي ڏاڪا هئي، انداز ۽ بيان ۾ ڪافي ردبدل ٿي هوندي، ۽ خاص ڪري فارسي ٻوليءَ جي ليکڪن ۾ عبارت جي رنگينيءَ ۽ "زيبِ داستان" واري انداز سان، ڳالهہ ڪي وڌائڻ ۽ موڙ ڏيڻ واري طريقي جي ڪري، ڪافي فرق آيو هوندو. پر تڏهن ہ بنيادي طرح، خود هڪ عرب مورخ جي قلم سان سنڌ جي باري ۾ هن تاريخ ۾ اهڙا ۽ ايترا تفصيل ۽ انگ اکر يڪجا ٿيل آهن، جن جو مطالعو اسانجن تاريخ جي طالبعلمن توڙي عام پڙهندڙن جي معلومات لاءِ ازحد قيمتي ۽ سبق آموز آهن.

پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ جي مطالعي بنا، حال ۾ جيڻ ۽ مستقبل ۾ منزل ماڻڻ جي ارادن جو ڪوبہ بنياد نٿو رهي. ان ڪري، سنڌ جي سڀ ڪان اوائلي تاريخ هجڻ سبب، هن ڪتاب جو مطالعو اڻٽر آهي.

شمشيرالحيدري
سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ،
ڄام شورو، سنڌ

۲۰-سيپٽمبر، ۱۹۹۴ع

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

باسمه تعالي

ديباچو

سنڌ سرڪار جي "سنڌي ادبي بورڊ" پنهنجي پهرئين نشست مورخ ۲۰ـ آڪٽوبر ۱۹۵۱ع ۾ فيصلو ڪيو هو ته سنڌ جي تاريخ جا ٽي مڪمل ڪتاب: (۱) فتحنامه سنڌ، (۲) تاريخ معصومي ۽ (۳) تحفة الڪرام فارسي مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا وڃن، انهيءَ لاءِ ته اهل وطن پنهنجي تاريخ کي پنهنجي زبان ۾ آساني سان پڙهي ۽ سمجهي سگهن. بورڊ طرفان انهن ڪتابن جي ترجمي جو ڪم مخدوم امير احمد صاحب، پرنسپال اورنٽيل ڪاليج حيدرآباد سنڌ کي سونپيو ويو ۽ ان جي نگراني ۽ ذميواري بنده راقم‌الحروف جي حوالي ڪئي وئي.

جناب مخدوم صاحب ۽ بنده هن ڪم کي هڪ اهم قومي خدمت سمجهي ان کي جلد از جلد پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. "تاريخ معصومي" جو ترجمو ۱۹۵۳ع ۾ شايع ٿي چڪو، ۽ هينئر "فتحنامه سند" جو هي ترجمو پيش ڪجي ٿو. تحفة الڪرام جو ترجمو پڻ تيار آهي، جو اميد ته ۱۹۵۷ع ۾ ڇپجي شايع ٿيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح "سنڌي ادبي بورڊ" جي پهرئين رٽيل تجويز عنقريب پوري ٿيندي.

"تاريخ معصوميءَ" جي ترجمي ۽ اشاعت وقت بنده وٽ جو ڪجهه مواد موجود هو، سو فاضل مترجم جي حوالي ڪيو ويو، ترجمي، حواشي، ۽ آخر ۾ فهرست بابت ضروري مشورا ڏنا ويا. ڪتاب جي تمهيد لکي وئي ـ ۽ اهڙي طرح ترجمي جي نگراني ۽ ذميواري جو حق ادا ڪيو ويو. ان کان وڌيڪ مصنف جي حالات يا تاريخي مواد جي زياده گهري تحقيق کي في‌الحال درگذر ڪيو ويو، ڇو ته ان سلسلي ۾ شمس‌العلماء ڈاڪٽر دائود پوٽه جي ڪيل تحقيق سنڌي ترجمي لاءِ قدري ڪافي هئي؛ ازان سواءِ مير محمد معصوم جي حالات

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خواهر "تاريخ معصومي" ۾ بيان ٿيل هوڻين سنڌي تاريخي دؤر (سلاطين دهلي تاعهد اڪبر) بابت فارسي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ڪافي مواد موجود آهي، جنهن جي بناء تي باقي رهيل تحقيق جي آساني سان تڪميل ٿي سگهي آهي.

هي ڪتاب "فتحنامه سند" (عرف چچنامه) قبل از اسلام ۽ اوائلي اسلامي فتوحات واري سنڌ جي تاريخي دؤر سان تعلق رکي ٿو، ۽ ان جو هيءُ ڪتاب فارسي ترجمي جي صورت ۾ اسان تائين پهتو آهي. اصل ڪتاب عربي، فنا ٿي چڪو آهي، ۽ ڪيون ته ڪتابت جي تاريخي قدامت، ان جي اصل عربي ماخذن سان وابستگي، ۽ فارسي ترجمي جي پيچيدگين سبب ان ۾ ڪافي تصحيح ۽ تحقيق جي گنجائش باقي آهي. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ فاضل مترجم مخدوم امير احمد صاحب فارسي متن جي ترجمي جو ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ سان نباهيو ۽ پنهنجي ذميواري پوري ڪئي، مگر محض ان لفظي ترجمي کي شايع ڪرڻ سان تاريخ جو حق ڪماحقه ادا نه ٿئي ها، ڇاڪاڻ ته خود فارسي متن ۾، باوجود شمس‌العلماء ڊاڪٽر داؤد پوٽه جي فاضلانه نظر جي، ڪافي تصحيح جي گنجائش باقي هئي.

انهيءَ ڪري بندي مناسب سمجهيو ته هن ڪتاب جي سلسلي ۾ محض ترجمي جي نگرانيءَ کان ذرا اڳتي قدم وڌائجي ۽ متن جي نئين سر تصحيح ڪري سنڌي ترجمي کي به انهيءَ لحاظ سان درست ڪجي. هن وٽيل تصحيح جي دوران ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جي سيڪريٽري طرفان خط پهتو، جنهن سان گڏ بورڊ جي فاضل ميمبر دوست محترم پير حسام‌الدين صاحب راشديءَ جي زوردار راء شامل هئي ته، آءٌ هن اهم تاريخي ڪتاب جي نئين سر تصحيح ۽ تحقيق جو ڪم پنهنجي ذمي ڪريان، جيئن هيءُ ڪتاب محض "سنڌي ترجمي" جي بدران هڪ مستقل نئين ايڊيشن جي صورت ۾ شايع ٿئي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هيءَ ڪم ڪافي اڻانگو هو مگر وطن جي محبت ۽ خدمت خاطر لبيڪ چئي هيءَ ڪم شروع ڪيو ويو، جو تقريباً ٻن سالن جي محنت بعد پورو ٿيو آهي. ڪتاب جي مقدمي ۾ هن ڪتاب جي اصليت توڙي هن سنڌي ايڊيشن جي اهميت تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي؛ جملي ڪيل محنت بابت هت هيءَ اشارو ڪافي ٿيندو ته 'فتحنامه' جو اصل فارسي متن صرف ۲۴۸ صفحا آهي ۽ هن سنڌي ايڊيشن جي ضخامت تقريباً ۷۰۰ صفحا ڪن آهي. تصحيح ۽ تحقيق جي لحاظ سان 'فتحنامه' جي هيءَ سنڌي ايڊيشن، هن ڪتاب جي جملي اڳين ڇپيل ترجمن توڙي فارسي متن کان عام پڙهندڙ کي هر لحاظ سان بي نياز ڪري سگهي ٿي؛ بلڪ آئيندي هن ڪتاب بابت لکندڙ يا ان مان تاريخي معلومات آخذ ڪندڙ محقق ۽ مؤرخ کي سواء هن ايڊيشن جي ٻيو ڪوبه چارو ڪونهي. انهيءَ لحاظ سان فن تاريخ بابت سنڌي ۾ هيءَ ڪتاب سردست هڪ نهايت ئي قيمتي اضافو آهي.

اهل وطن کي سنڌن زبان ۾ شايع ٿيل هن ڪتاب جي اهميت کان واقف ڪرڻ لاءِ مٿيان اشارا ضروري هئا، ورنه بندو پنهنجي هن ڪافي محنت کي اڃا ناڪافي سمجهي ٿو. اميد ته اسان مان، ڪٿي ڪنهن صاحب علم کي ڏئي توفيق ڏيندو جو هن تحقيق کي اڃا به وڌيڪ مڪمل ڪري، سنڌ جي تاريخ جي ڪماحقه خدمت ڪندو.

آءٌ پنهنجي فاضل استاد مولانا عبدالعزيز ميمڻ، سابق پروفيسر و صدر شعبهٔ عربي مسلم يونيورسٽي علي گڙهه، جو رهين منت آهيان جنهن مسئلهه شاگردیءَ واري عرصي (۱۹۴۳-۱۹۴۵) ۾ منهنجي تاريخي ۽ ادبي معلومات ۾ قيمتي اضافا ڪيا، جي هن ترجمي جي تصحيح ۽ تحقيق ۾ مشعل راه بنيا آهن. ۽ آءٌ پنهنجي محترم رفيق ۽ مهربان دوست قاضي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

احمد ميان اختر صاحب پروفيسر "اسلامي تاريخ" سنڌ يونيورسٽي جو شڪرگذار آهيان، جنهن وقت بوقت بندي جي تحقيقي بحث کي غور سان ٻڌو، پنهنجا مفيد مشورا ڏنا، ۽ منهنجي مسلسل همت افزائي ڪئي. ازان سواء ٽن نوجوانن: مراد علي خان، محمد شريف ۽ مسعود عليءَ ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل ماٿين، ملڪن ۽ ماڳن وغيره جي هن اٿانگين فهرستن (نمبر۲ ص ٥٦٥، ۽ نمبر ۳ ص ٥٨٢) تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، بورڊ جي لائق سيڪريٽري محمد ابراهيم جويي، ڪتاب جي تڪميل ۽ طباعت ۾ خاص دلچسپي ورتي، ۽ بورڊ جي پريس جي عملي، ڪتاب کي صحيح چاپڻ ۾ حتي المقدور ڪوشش ڪئي. آءٌ انهي سڀني صاحبن جو شڪرگذار آهيان.

خادم العلم

نبي بخش بلوچ

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ.

۲۲- آڪٽوبر ١٩٦٦ع

ضروري اشارا

۱- ڪتاب جي متن ۾ چورس ڏنگين اندر ٽلهي ٽائپ ۾ ڏنل انگ، اصل فارسي متن جا صفحا ڏيکارين ٿا. مثلاً ص ١٦ جي سٽين ۾ [11] جو انگ ڏيکاري ٿو ته انهيءَ جاءِ تي اصل فارسي متن جو بارهون صفحو پورو ٿيو. حاشين ۽ نوٽن ۾ ڦٽ چورس [ ] ڏنگين ۾ ڏنل صفحن جي انگن مان مراد فارسي متن جا صفحا آهن، ۽ باقي بيا صفحن جا عدد هن سنڌي ترجمي جا صفحا ڏيکارين ٿا.

۲- ڪتاب جي مطالع کان اڳ ۽ آخر ۾ ڏنل صحتنامي مطابق درستيون ڪرڻ ضروري آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مقدمه

هيءُ ڪتاب جو عام طرح "چچ نامه" جي نالي سان مشهور ٿي ويو آهي، سو نہ فقط سنڌ جي تاريخ بابت پهريون بنيادي ڪتاب آهي، پر سڄي برعظيم پاڪستان- هندستان جي تاريخي سلسلي جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي قبل از اسلام واري حڪومتن جو مختصر احوال ۽ سنہ ١٥ ڪان ٩٦ هجري (٦٣٧-٧١٤ع تائين هندستان جي اتر- الهندين سرحدن تي اسلامي فوجن جي اوائلي ٻري ۽ بحري حملن ۽ آخر ۾ مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات جو مفصل ۽ مستند ذڪر موجود آهي. انهيءَ ڪري قدامت جي لحاظ سان هيءُ ڪتاب وڏي تاريخي اهميت رکي ٿو.

هيءُ ڪتاب اصل عربيءَ ۾ لکيل هو، ۽ سنہ ٦١٣ هجري ڌاري ان جو فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو. اسان تائين هن ڪتاب جو فقط اهو فارسي ترجمو پهتو آهي، جنهن جا وري انگريزي ۽ سنڌي ۾ ترجما ڪيا ويا آهن. گهڻن ئي مصنفن "چچ نامه" بابت ڪافي ڪجهہ لکيو آهي، مگر هن ڪتاب جا هيٺيان پهلو اڃا تائين تحقيق طلب آهن: (١) اصل عربي ڪتاب ڪهڙو هو، ڪنهن جو لکيل هو، ۽ ڪڏهن لکيو ويو؟ (٢) فارسي ترجمو، جو اسان تائين پهتو آهي ان جي اصل عربي ڪتاب سان مطابقت يا ان ۾ ڪيل ڦير گهير ۽ اختلاف بابت ڪهڙي راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي؟ (٣) خود فارسي ترجمي جي ترجمن يا ڇاپي ۾ ڪيتريقدر غلطين جي اصلاح ڪئي وئي آهي، ۽ ڪيتريقدر اڃا تائين گنجائش باقي آهي؟

اسان هن مقدمي ۾ انهن مڪيہ سئلن کي قدري حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون، ۽ آخر ۾ هن سنڌي ترجمي ۽ ان ۾ ڪيل تحقيق تي روشني وجهنداسون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اصل عربي ڪتاب

علي ڪوفي جو بيان:- اول تہ علي ڪوفي جنهن هيءَ ڪتاب عربيءَ مان فارسي ۾ ترجمو ڪيو، تنهن جي اصل عربي ماخذ بابت سندس هيٺيون بيان قابل غور آهي:

"انونجاهم سالن جي عمر ۾، سنہ ٦١٣ (ڇهہ سؤ تيرهن) ۾ سيني ڪمن مان هٽ ڪيي، قيمتي ڪتابن کي پنهنجو وندرائيندڙ ۽ همنشين (بنايم).... جيئن تہ اڳيان مصنف خراسان، عراق، ايران، روم ۽ شام جي فتحن مان هرهڪ جو بيان تفصيل سان نظر خواهم نثر ۾ لکي ويا آهن (اهڙيءَ طرح) هندستان جي فتح (بابت لکيل ڪتاب) (ص ١٢) جي گهولا لاءِ نفس اماره کي تڪليف ڏنم ۽ آڇ مبارڪ ڪان اروڙ - بڪر جي شهر ڏانهن رخ رکيم- ڇاڪاڻ تہ اتان جا امام عربن جي خاندان ۽ بنياد مان هئا- ۽ جڏهين انهيءَ شهر ۾ پهتس تہ..... مولانا قاضي اسمٰعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شيبان بن عثمان ثقفي (ص ١٣) سان ملاقات ٿي؛ ڪانئس پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين تہ: هن فتح جي تاريخ سندس ابن ڏاڏن جي هٽ اکرين حجازي هوليءَ (عربي) ۾ هڪ ڪتاب (جي صورت) ۾ لکيل آهي، جا هڪپٽي ڪان ميراث ٿيندي ورثي ۾ ايندي ٿي رهي، مگر جيئن تہ اها عربيءَ جي پردي ۽ حجازيءَ جي حجاب ۾ ڍڪيل هئي، تنهنڪري عجمين (غير عربن) ۾ مشهور نہ ٿي. جڏهن بندو انهيءَ ڪتاب کان واقف ٿيو تہ (ڏٺائين تہ) اهو حڪمت جي جوهرن سان سينگاريل ۽ نصيحت جي موتين سان سنواريل هڪ ڪتاب هو (ص ١٤) بندي، هن ڪتاب کي عربيءَ جي پردي مان ڪڍي فارسي بيان ۾..... آندو آهي (ص ١٩). هيءُ ڪتاب..... هند ۽ سنڌ جي فتح بابت عرب جي عالمن ۽ ادب وارن حڪيمن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي تصنيف آهي..... اگرچ عربي زبان ۽ حجازي لئي ۾ وڏو درجو هوس، ۽ عرب جي بادشاهن کي هن جي پڙهڻ ڏانهن نهايت توجه ۽ ان تي حد کان وڌيڪ فخر هو، ليڪن جنهن صورت ۾ حجازي پردي ۾ (ڪيل) ۽ پهلوي (فارسي) هوليءَ جي زبور ۽ سينگار کان خالي هو، تنهنڪري عجم ۾ رائج نه ٿي سگهيو (ص ٣٦٩).

مٿئين بيان مان هن ڪتاب متعلق هيٺيان اهم نڪتا واضح ٿين ٿا ت: (١) جهڙيءَ طرح خراسان جي فتح، عراق جي فتح، يا ايران ۽ شام جي فتحن بابت ڪتاب لکيل هتا، اهڙيءَ طرح هيءُ ڪتاب "هند ۽ سند جي فتح بابت" هو؛ (٢) ٻيو ت اهو ڪتاب عربيءَ ۾ لکيل هو ۽ در اصل "عرب عالمن" جوئي تصنيف ڪيل هو؛ (٣) ٽيون ت اهو اصل عربي ڪتاب سنه ٦١٣هـ ڌاري اروڙ ۽ بکر جي وڏي قاضي مولانا اسمٰعيل وٽ هو، جو عربن جي ثقفي خاندان مان هو ۽ عثمان ثقفي جي ڏهين پيڙهي ۾ هو*. هيءُ ڪتاب هن خاندان ۾ آڳاٽي وقت کان موجود هو ۽ ڏکڻي کان ميراث طور ورثي ۾ هلندو ٻئي آيو؛ ۽ (٤) چوٿون ت اهو ڪتاب مولانا قاضي اسمٰعيل جي "ابن ڏاڏن جي هٽ اکرين" عربيءَ ۾ لکيل هو.

جيڪڏهين خود هن قاضين جي خاندان مان هيءُ ڪتاب ڪنهن جو تاليف يا تصنيف ڪيل هجي ها ت قاضي اسمٰعيل اهڙي خبر علي ڪوفي کي ڏائي ها، مگر علي ڪوفي جي بيان مان ظاهر آهي ت هيءُ ڪتاب در اصل ڪن ٻين "عرب عالمن" جو تصنيف ڪيل هو ۽ مولانا قاضي اسمٰعيل جي "ابن ڏاڏن" جي محض "هٽ اکرين" لکيل هو: جنهن جي معنيٰ ت هيءُ ڪتاب ٻئي ڪنهن مؤلف يا مصنف جي اصل قلمي نسخي جو ڦهريون نقل يا ان نقل جو ب نقل هو، جنهن کي علي ڪوفي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

---

* مولانا قاضي اسمٰعيل جي مٿي جاڻايل نسب نامي جي صحت بابت ڏسو آخر ۾ ص ٣٧٥، حاشيه ١٣/[٩]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌ جي تاريخ ۽ عرب مؤرخ:- هن وقت تائين ڪنهن به اهڙي عربي تاريخ جو انڪشاف نه ٿيو آهي، جا محض سنڌ ۽ هند جي اوائلي اسلامي فتوحات بابت هجي. البت جن عرب مورخن جا تواريخي ڪتاب هن وقت موجود آهن ۽ جن پنهنجن انهن تاريخن ۾ سنڌ جي فتوحات ۽ سنڌ جي عربي دؤر حڪومت بابت ٿورو يا گهڻو احوال ڏنو آهي، سي هي آهن:-

(۱) احمد بن يحيٰي بن جابر بن داؤد الڪاتب البغدادي، جو "البلاذري" جي لقب سان مشهور آهي. سنه ۲۷۹/۲۸۰ هجري ۾ وفات ڪيائين. بلاذري پنهنجي مشهور تاريخ "ڪتاب فتوح البلدان" ۾ هڪ خاص خلاصو باب "فتوح السند" (سنڌ جون فتوحات) جي عنوان سان قلمبند ڪيو آهي.

(۲) احمد بن داؤد بن وَنَند، جو "ابو حنيفه الدينوري" جي نالي سان مشهور آهي. مهيني جمادي‌الاول سنه ۲۸۲ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس تاريخ "ڪتاب الاخبار الطوال" ۾ سنڌ بابت ڪي ٿورا مختصر حوالا موجود آهن

(۳) احمد بن ابي يعقوب اسحاق بن جعفر بن وهب بن واضح الڪاتب العباسي "الاصفهاني" (۱) جو "اليعقوبي" جي لقب سان مشهور آهي. سنه ۲۸۴ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪتاب "التاريخ الڪبير" جا عام طرح سندس نالي پٺوبان "تاريخ اليعقوبي" سڏجي ٿي، تنهن جي سنه ۲۵۲ هجري جي واقعات تي پڄاڻي ٿئي ٿي. هن تاريخ ۾ محمد بن قاسم جو سنڌ فتح ڪرڻ جو احوال ذرا تفصيل سان ڏنل آهي ۽ سنڌ جي عرب گورنرن بابت پيا به ڪي چند حوالا موجود آهن.

---

(۱) يعقوبي وطن جي لحاظ سان اصفهان جو هو (ڏسو ابن‌الفقيه الهمداني جو ڪتاب البلدان ص ۲۹۰.)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۴) ابو جعفر محمد بن جرير الطبري، جو سنہ ۲۲۴ھ ۾ جائو ۽ مهيني شوال سنہ ۳۱۰ ھ ۾ وفات ڪيائين. سندس "تاريخ الرسل والملوک" جنهن کي عام طرح "تاريخ الطبري" سڏجي ٿو، تنهن ۾ سنہ ۳۰۲ هجري تائين تاريخي واقعات جو ذکر آهي. سندس جي فتوحات متعلق ان ۾ کي ٿورا مختصر حوالا ڏنل آهن.

مٿين مؤرخن جي علاوه، ابن الاثير (عزالدين ابوالحسن علي بن محمد ۵۵۵-۶۳۰ ھ) جي "الکامل في التاريخ" ۽ ابن خلدون (عبدالرحمان ابو زيد ولي‌الدين ۷۳۲-۸۰۸ ھ) جي تاريخ "کتاب العبر" ۾ پڻ سنڌ جي اوائلي اسلامي فتوحات جو ذکر آهي، مگر اهي ٻيئي مؤرخ گهڻو پوءِ جا آهن ۽ سندن تواريخن ۾ انهن اوائلي فتوحات جو مواد اڳين تواريخن تان، خصوصاً بلاذري ۽ طبري تان نقل ٿيل آهي. انهيءَ ڪري مٿين ڇهن آڳاڻن مؤرخن جا ڪتاب نسبتاً اصولي حيثيت رکن ٿا.

انهن ڇهني مؤرخن جي وفات جي سالن (۲۷۹ ھ، ۲۸۲ھ، ۲۸۴ ھ ۽ ۳۱۰ ھ) مان ظاهر آهي ته هنن ڏي صدي هجري ۾ پنهنجون تاريخون لکيون. هند ۽ سنڌ جون اوائلي اسلامي فتوحات پهرين صدي هجري (۱-۹۶ ھ) ۾ واقع ٿيون. ان جي معنيٰ ته هنن مؤرخن ۽ سنڌ جي اوائلي فتحن جي وچ ۾ ڪ سؤ ورهيه کان به ڪجهه زياده عرصو حائل هو: انهيءَ ڪري هنن خود اهي حالات ڪاڻن اڳ وارن مؤرخن يا سندن ڪتابن تان ورتا هوندا. هاڻي سوال آهي ته هند ۽ سنڌ جي فتحن بابت خود انهن ڇهني مؤرخن جا ماخذ ڪهڙا هتا؟

عرب مؤرخن جو مکيه ماخذ "المدائني":- ابوحنيفة الدينوري جي "کتاب الاخبار الطوال" ۾ خاص سنڌ جي فتوحات بابت ڪو اهم حوالو موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري اسان بلاذري؛ يعقوبي ۽ طبري جي سنڌ بابت حوالن جي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بلاذري پنهنجي ڪتاب "فتوح البلدان" ۾ جن مؤرخن ۽ راوين ڪان تاريخي واقعات نقل ڪيا آهن، تن ۾ ابوالحسن علي بن محمد المدائني جو نالو خاص اهميت رکي ٿو. ڇوتہ ان ڪان ڪافي مواد نقل ڪيو اٿس ۽ سندس جي فتوحات جو احوال تہ خصوصاً ان ڪان ورتو اٿس. مختلف واقعات ۽ حالات بابت بلاذري ڪم از ڪم ۲۵ بيان اهي قلمبند ڪيا آهن، جيڪي هن خود ستٽون سڏو ابوالحسن المدائني جي زباني ٻڌا (۱)، ۽ ۲۱ بيان ٻيا مدائني جا ڪري ڄاڻايا اٿس، جي غالباً بلاذري، مدائني جي مختلف ڪتابن تان نقل ڪيا (۲).

"فتوح السند" يعني سند جي فتحن وارو باب تہ شروع ٿي هن طرح ٿئي ٿو: "آخبرنا علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف الخ" (۳) يعني تہ (اسان سان علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف خبر ڪئي) هت شروع ۾ ٿي بلاذري، ابو الحسن المدائني جو خاص سڄو ذاتي نالو ڪنيو آهي، ۽ گمان غالب آهي تہ بلاذري هيءُ سڄو باب خود مدائني جو زباني ٻڌو ۽ ان ڪي پنهنجي ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو. هيئيان دليل هن نظريي جي تائيد ڪن ٿا:

---

(۱) اهڙن بيانن لاءِ "حدثني" "حدثنا" "اخبرني" يا "اخبرنا" جا الفاظ آڻي مدائني جو نالو ڪنيو اٿس. ڏسو "فتوح البلدان" (مطبوع يورپ) صص ۹، ۱۱، ۱۳، ۳۵، ۵۶، ۷۳، ۷۷، ۲۷۷، ۲۸۰، ۲۸۱، ۳۰۰، ۳۱۱، ۳۲۳، ۳۲۷، ۳۳۶، ۳۴۲، (۽ روايتون)، ۳۵۳، ۳۵۶، ۳۸۲، ۳۸۴، ۳۹۲، ۴۳۱، ۴۳۸ ۽ ۴۶۴.

(۲) اهڙن بيانن آڏو "قال" يا "في رواية" جا الفاظ آڻي مدائني جو نالو ڪنيو اٿس. ڏسو "فتوح البلدان" (مطبوع يورپ) ص ص ۷، ۴۷، ۱۲۸، ۲۱۹، ۲۴۰، ۲۴۷، ۳۳۷، ۳۴۴، ۳۵۳، ۳۵۸، ۳۵۹ (۽ روايتون)، ۲۶۲، ۳۶۵، ۳۶۷، ۳۷۳، ۳۷۴، ۳۸۲، ۴۳۸، ۴۶۵ ۽ ۴۶۸.

(۳) ايضاً، ص ۴۲۱.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۱) باب جي شروعات ڪي مدائني جـي ذاتي نالي جي سَنَدَ سان ٿئي ٿي ۽ ان سان گڏ ٻئي ڪنهن به راوي جو نالو آندل ناهي.

(۲) باب جي شروع ۾ جنهن ٻنهنئين واقعي جـو ذڪر آهي، سو آهي حضرت عمر رضہ جي خلافت ۾ عمان ۽ بحرين جي گورنر عثمان بن ابي‌العاص الثقفي طرفان ۵ هجري ۾ سندن ٻانهن حڪم ۽ مغيره جي ڪمانڊ هيٺ ديبل، ٻروچ ۽ ٺاڻي جي بندون تي ساموندي حملا ۽ فتحون. جيڪڏهن مدائني جي سنَدَ ۽ زباني جو تعلق فقط هن واقعي سان هجي ها تہ ان کان پـوء ٻئي واقعي (حضرت عثمان رضہ جـي خلافت ۾ 'محاذ هند' بابت سرگرمي) يا ان بعد ٿيڻ واقعي (حضرت علي رضہ جي خلافت ۾ ان محاذ تي فتحون) بابت بلاذري ضرور ڪنهن ٻئي راوي جي سَنَدَ پيش ڪري ها، جو سندس اصولي دستور آهي. مگر صرف باب جي شروع ۾ مدائني جي زباني جي سَند پيش ڪرڻ بعد بلاذريء بنان ڪنهن ٻي سنَدَ جي مسلسل طور واقعات جو ذڪر ڪندو ٻئي وبو آهي.

(۳) ٿيون تہ هن باب ۾ بلاذري، جڏهين به ڪن ٻين راوين جون روايتون ڏيون آهن تہ اهي صرف معترضہ جملن طور هلندڙ بيان جي تصديق يا تڪميل يا ان کان اختلاف واضح ڪرڻ لاء آندبون آهن (۱). سڄي باب ۾ اصولي هلندڙ بيان

---

(۱) اهڙيون جملي ۱۲ روايتون آهن، جن تي غور ڪرڻ سان اسان جي هن نظريي جي ڪي تائيد ٿئي ٿي. مثلاً (۱) ص ۴۳۷ تي ديبل جي بتخاني جي ذڪر بعد تصديق طور محمد بن يحيٰ جي روايت ۾ منصور بن حاتر جي زباني پيش ڪئي آٿس، جنهن خود بلاذري جي ڏينهن ۾ بتخاني جو اهـو نل ڏٺو هـو. ساڳيءَ طرح ص ۴۳۸ تي تصديق خاطر منصور بن حاتر جي زباني نقل ڪئي آٿس جنهن ڏاهر

(ڏسو حاشي صفحو ۸)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهوئي آهي جو سنڌ کان ٻاهر ابوالحسن المدائني جي زباني شروع ٿئي ٿو. انهن مان ظاهر آهي بلاذري جي هن "فتوح السند" واري باب جو اصل راوي ۽ مصنف مدائني آهي.

يعقوبي فتوحات سنڌ بابت پنهنجي بيان ۾ مدائني جو نالو سنڌ

(آندل حاشي صفحي ۷ تان)

۽ سندس قاتل جون تصويرون ڏيڻ ۽ پڙوچ ۾ ڏيون. (۲) هلندڙ بيان جي تڪميل طور ص ۴۳۷ تي محمد بن قاسم جو صلح ذريعي نيرون فتح ڪرڻ جي روايت آندي اٿس. مگر ان ۾ ڪنهن به ٻئي راوي جو نالو ڪونہ آندو اٿس ۽ "قالوا" (يعني "چون ٿا") جو لفظ آندو اٿس. ساڳي طرح "قالوا" ("چون ٿا") جي شروعات سان ص ۴۳۹ تي محمد بن قاسم جي طرفان حجاج ڏانهن موڪليل سون ۽ روڪڙ جو ذڪر ڪيو اٿس. ص ۴۴۶ تي هلندڙ بيان جي تڪميل خاطر پنهنجي همعصرن هر هڪ منصور بن حاتم جو بيان (فضل بن ماهان متعلق) ۽ پيو ابوبڪر جو بيان (عسيغان جي حڪم بابت) ڏنو اٿس. (۳) هلندڙ بيان ڪان اختلافي راين لاءِ ص ۴۳۳ ۽ ص ۴۳۸ تي "وقال" جي لفظن سان معترض. جملن طور "ابن الڪلبي" جا بيان ڏنا اٿس، جن مان هڪ ۾ هن ڪران جو فاتح "حڪم بن جبله" ڄاڻايو آهي ۽ ٻئي ۾ هن ڏاهر جي قاتل جو نالو "قاسم بن ثعلبه" ڏنو آهي. ساڳي طرح صفحن ۴۳۴، ۴۳۶ ۽ ۴۴۲ تي هلندڙ بيان کان ڪي مختلف رايون ڏيون اٿس، مگر خود پاڻ انهن راين کي ضعيف سمجهي، انهن کي "قال قوم" (ڪي چون ٿا ت.)، "قال بعضهم" ("ڪن جو چوڻ آهي ت.")، ۽ "وقيل" ("ڀيو وڃي ٿو ت.") جي لفظن سان آندو اٿس.

بهر حال اهي جملي روايتون يا ت. هلندڙ بيان (جو يقيني مدائني جو آهي) جي تصديق خاطر، يا ان جي مزيد تڪميل خاطر، يا ان کان اختلاف ڏيکارڻ خاطر آنديون اٿس.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طور ڪونہ آندو آهي، مگر هيٺين دليلن جي بناء تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي واقعات بعد، يعقوبي جو سڀيءَ ماخذ مدائني آهي:

پهريون تہ سنڌ جي فتوحات بابت يعقوبي جا بيان اصولي طور اهي ساڳيا آهن، جي بلاذريءَ "فتوح السند" جي باب هيٺ مدائني جي زباني نقل ڪيا آهن. يعقوبي اختصار سبب البت ڪي ڳالهيون حذف ڪري ڇڏيون آهن ۽ ان سان گڏ ڪن چند ضعيف روايتن جو اضافو ڪيو آهي. ٻيو تہ يعقوبي پنهنجي تاريخ ۾ اختصار کان ڪم ورتو آهي ۽ اسناد جا سلسلا اڪثر ڇڏي ڏنا اٿس. انهيءَ ڪري ئي سنڌ جي واقعات بابت ٻڌ مدائني جي سنڌ ڪي حذف ڪري ڇڏيو اٿس. حالانڪ انهن واقعات بابت سندس بيان اهيئي ساڳيا آهن. جي ٻين ڪتابن ۾ مدائني جي سنڌ سان بيان ٽيل آهن. مثلاً يعقوبي (جلد ٢ ص ٢٧٨) امير معاويه جو عبدالله بن سوارڪي "چٹن هزارن" سان مڪران تي چاڑهي موڪلڻ جو ذڪر ڪيو آهي. بالڪل اهو ساڳيو بيان "چٹن هزارن" فوج جي ذڪر سميت فتحنامي (ص ١٠٥) ۾ ابوالحسن مدائني جي روايت سان موجود آهي. ٽيون تہ اهو ٻڌ ثابت آهي تہ مدائني کان يعقوبي واقف هو، جاڪاڻ تہ پنهنجي تاريخ (جلد ٢ ص ٤) ۾ مدائني جو نالو ڪنيو اٿس.

ابو جعفر الطبري، پنهنجي ضخيم تاريخ ۾ ابوالحسن مدائني کان بالواسطه گهڻو ڪجهہ نقل ڪيو آهي. ڪم از ڪم ٥٠٠ روايتون مدائني جي سنڌ سان نقل ڪيون اٿس (١). خراسان جا جملي حالات شروع کان آخر تائين گهڻو ڪري مدائني جي روايت سان آندا اٿس ۽ ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ مدائني جو "ڪتاب فتوح خراسان" سڄو استعمال ڪيو اٿس. ساڳيءَ طرح عراق جي فتوحات ۽ نظام

(١) اسان جي ڳاڻيٽي موجب طبري ٥٠٣ دفعا مدائني جو نالو ڪنيو آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪومت بابت پڻ اڪثر حالات مدائني جي روايتن سان نقل ڪيا اٿس، ۽ غالباً مدائني جي "ڪتاب فتوح العراق" کي به طبري پوريءَ طرح استعمال ڪيو آهي. البت خاص مشرقي ملڪن، جهڙوڪ: ڪرمان، سجستان، ۽ مڪران، جون فتحون، جي سنڌ جي فتح جو پيش خيمو آهن، تن جا حالات مدائني جي بدلي (جنهن انهن ملڪن جي فتوحات بابت مستقل ڪتاب لکيا هٿا) پنهنجن جداگانه روايتن ذريعي نقل ڪيا اٿس (۱).

سنڌ جي فتح، ان بعد سنڌ جي عرب گورنرن، يا سنڌ متعلق پين بالواسطه اشارن بابت طبري تقريباً (۴۰) چاليهه کن حوالا پنهنجي تاريخ ۾ آندا آهن. جن مان اڪثر مختصر ۽ سنڌن کان سواءِ ڏنل آهن. جملي تقريباً ۹ حوالا اهڙا آهن، جي سنڌن سان آهن (۲). جن مان هڪ حوالو، منصور بن جمهور جو سنڌ ۾ پڇي اچڻ بابت، مدائنيءَ جي روايت سان ڏنل آهي (۳). ازان سواءِ مدائني جي شاگرد عمر جي وساطت سان طبري هڪ خاص بيان مدائني جي روايت سان نقل ڪيو آهي (قال عمر قال علي واخبرنا ابو عاصم الزيادي عن الهلواث الكلبي قال كنا بالهند مع محمد بن القاسم- الخ ۱۲۷۵x۲) جنهن جو اصل راوي محمد بن قاسم سان هندستان ۾ گڏ هو. ان مان ظاهر آهي ته سنڌ متعلق طبري، مدائني جي روايتن کان بخوبي واقف آهي.

---

(۱) مثلاً ڏسو طبري جلد ۱ ص ص ۲۷۰۵، ۲۷۰۷ ۽ ۲۷۰۸ جتي سجستان، ڪرمان ۽ مڪران جي فتوح واري روايت هن طرح بيان ٿيل آهي: "كتب الي السري عن شعيب عن سيف عن محمد و طلحة "المهلب و عمرو قالوا - الخ". (۲) ڏسو تاريخ طبري ۱۸۳۶x۲، ۱۹۴۶x۲، ۱۹۷۹x۲، ۱۴۹x۳، ۲۸۲x۳، ۳۶۰-۳۵۹x۳، ۳۶۳x۳، ۴۰۹x۳، ۱۲۳۳x۳. (۳) تاريخ طبري ۱۹۷۹x۳ جتي مدائني جي روايت هن طرح جاڻايل آهي: "ذكر علي بن محمد ان عاصم بن حفص التميمي وغيره حدثوه الخ."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتوحات سنڌ جو پهريون مصنف "المدائني":- سنڌس سڄو نالو "ابو الحسن علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف المدائني" آهي ۽ هو شمس بن عبدمناف جي خاندان مان عبدالرحمان بن سمرة جو آزاد ڪيل غلام هو. تقريباً سنه ۱۳۵ هجري ۾ بصره ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو. اتان ڀوء لڏي وڃي "مدائن" جي شهر ۾ رهيو، جنهنڪري "المدائني" (مدائن جو) جي نسبت سان مشهور ٿيو. اتان ڀوء موڪي اچي بغداد ۾ رهيو، جتي غالباً سنه ۲۲۴/۲۲۵ هـ ۾ وفات ڪيائين (۱).

مدائني اسلامي تاريخ جي واقعات جو وڏو ڄاڻو هو. خصوصاً خلافت اسلاميه جي مشرقي ملڪن جهڙوڪ عراق، خراسان، بحرين، عمان، ڪرمان، سجستان، ڪابل ۽ زابلستان، مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات جي پوري ۽ پڪائتي خبر هئس ۽ انهن متعلق هيڏيان مختلف ڪتاب لکيائين: ڪتاب فتوح العراق، ڪتاب فتوح خراسان، ڪتاب فتح الأبُلة، ڪتاب اسر البحرين، ڪتاب ڪرمان، ڪتاب فتوح سجستان، ڪتاب ڪابل و زابلستان، ڪتاب فتح مڪران، ڪتاب ثغر السند ۽ ڪتاب عُمال الهند (۲).

مدائني جي انهن تصنيفن جو سڌي يا اڻسڌي طرح سنڌ جي اوائلي اسلامي فتوحات ۽ تاريخ سان لاڳاپو آهي: عراق جي فتح ٿيڻ سان اتي مضبوط فوجي طاقت جو پايو پيو، جتان سنڌ ۽ ٻين مشرقي ملڪن جي فتحن ۾ آساني ٿي. بصره لڳ قديم بندر "أبلة"، عمان ۽ بحرين جي فتحن ٿيڻ سان مسلمانن

(۱) سنڌس مفصل حالات لاء ڏسو فهرست ابن نديم (طبع يورپ) ص ص ۱۰۰-۱۰۳؛ ياقوت جو معجم الادباء (گب ميموريل) ۵×۳۰۹-۳۱۸؛ تاريخ بغداد (قاهره) نمبر (۶۴۳۸-ج ۱۲ ص ۵۴)؛ انساب السمعاني (المدائني)؛ شذارت الذهب (طبع قاهره ۱×۲۰۱-۵۴)؛ مروج الذهب (طبع پئرس) ۷×۲۸۷ (۲) ڏسو فهرست ابن نديم ص ۱۰۳ ۽ معجم الادباء ۵×۳۱۵-۳۱۶.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي ساموندي طاقت جو بنياد پيو ۽ ديبل، پڙوچ ۽ ٺاڻي تي پهرين ساموندي حملن ۽ فتحن ۾ آساني ٿي. ڪرمان ۽ سجستان جي فتحن ذريعي، اسلامي فوجون هندستان جي اتر- اولهه سرحد طرف وڌيون ۽ اول ڪران، زابلستان ۽ ڪابل (ايرندو افغانستان) فتح ڪيائون ۽ ان بعد اتان سنڌ ۽ هندستان جا ڪي حصا فتح ٿيا. مدائني جا ٽي ڪتاب: ۱. ڪتاب فتح مڪران ۲. ڪتاب ثغرالهند (هند يعني سنڌ جو محاذ) ۽ ۳: ڪتاب عمال الهند (هند يعني سنڌ جا گورنر) سنئرن سڌو سنڌ جي فتح ۽ اتي جي عربي حڪمرانن سان تعلق رکن ٿا.

ازان سواء مدائني "ڪتاب اخبار ثقيف" يعني ثقفي خاندان جي حالات بابت ڪتاب لکيو، ياد رهي ته سنڌ جي فتح ۾ ثقفي خاندان جو وڏو هٿ آهي: اول اول عثمان بن ابي العاص الثقفي سنه ۱۵ هجري ۾ عمان مان پنهنجي ٻن ڀائرن حڪم ۽ مغيره جي ڪمانڊ هيٺ ديبل، پڙوچ ۽ ٺاڻي جي بندرن تي ساموندي لشڪر موڪليو، ان بعد حجاج توڙي محمد بن قاسم پڻ ثقفي خاندان مان هئا، جن جي همت ۽ حڪمت عملي سان سنڌ فتح ٿي. "ڪتاب فتوح خراسان" ۾ خاص طور خراسان جي گورنر جنيد بن عبدالرحمان المرّي جا حالات لکيائين (۱). معلوم ٿئي ته پهريائين جنيد تقريباً ۵ يا ۶ سال (۱۰۵-۱۱۱ هـ) سنڌ جو گورنر هو، جتي هن وڏيون فتحون حاصل ڪيون ۽ غالباً سندس انهيءَ شهرت سبب ئي ڪيس سنڌ مان بدلي ڪري، سڌو خراسان جو گورنر مقرر ڪيو ويو، جتي هو سندس وفات (محرم ۱۱۶هـ) تائين رهيو.

مدائني جي مٿين تصنيفن تي غور ڪرڻ بعد هي نتيجو نڪري ٿو ته مدائني خلافت اسلاميه جي مشرقي ملڪن جي فتوحات ۽ تاريخ کان پوري طرح واقف هو. خاص طرح محاذ هند يعني فتوحات

---

(۱) فهرست ابن نديم، ۱۰۳

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مڪران ۽ سنڌ ۽ اتي جي عرب گورنرن جي حالات جو پورو جائزو هو ۽ انهن مسئلن تي جدا جدا ڪتاب لکيائين. نہ صرف ايترو پر جن مڪمل شخصن جو سنڌ جي فتوحات ۽ حڪمراني سان واسطو هو، انهن جي حالات کان به واقف هو ۽ انهن تي ڪتاب لکيائين. "فتحنامه" جو بنياد مدائني جي تصنيفن تي:- متئين بيان مان واضح ٿيو تہ ابوالحسن مدائني ئي هر نقطۂ نگاهہ کان سنڌ جي فتح ۽ تاريخ جو پهريون مؤرخ ۽ مصنف آهي: بلڪ مدائني ئي هند، سنڌ ۽ مڪران جي فتحن جو اڪيلو مؤرخ ۽ مصنف آهي، جاڪاڻ تہ عربي تاريخ ۾ ڪنهن به مصنف جو نالو نڏو ملي، جنهن مڪمل طور انهن ملڪن جي تاريخ ڏانهن توجهہ ڏنو هجي يا انهيءَ موضوع تي ڪوبہ ڪتاب لکيو هجي. مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات بابت جو احوال اسان تائين پهتو آهي، سو فقط مدائني جي ذريعي پهتو آهي. جاڪاڻ تہ مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات يا تاريخ متعلق بلاذري، يعقوبي ۽ طبري جا بيان اڪثر مدائني جي روايتن تي مبني آهن. مطلب تہ سنڌ جي فتح بابت جي بنيادي حقيقتون آڳاڻن عرب مؤرخن ذريعي اسان تائين پهتيون آهن، سي اڪثر مدائني جي روايتن ذريعي ئي پهتيون آهن. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ "فتحنامه سند" جو اصل عربيءَ ۾ هو ۽ جنهن ۾ سنڌ جي اوائلي اسلامي فتوحات جو ذڪر آهي، تنهن جو گهڻو مدار مدائني جي تصنيفن ۽ روايتن تي آهي. هيٺيان دليل هن نظريي جي مزيد تائيد ڪن ٿا:-

(۱) اسان هن ڪان اڳ واضح ڪري چڪا آهيون تہ آڳاڻين عربي تاريخن ۾ بلاذري جي "ڪتاب فتوح البلدان" ۾ ئي سنڌ جي اسلامي فتوحات جو بيان بين سڀني ڪتابن جي پيٽ ۾ زياده تفصيل سان ملي ٿو، جو تہ ان ۾ بلاذري سڄو سارو ۱۵ صفحن (ص ص ۴۳۱-۴۴۸) جو هڪ خاص خلاصو باب "فتوح السند" جي عنوان سان قلمبند ڪيو آهي. هن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

باب ۾ ڏنل روايتن تي غور ڪرڻ سان هي پڻ معلوم ٿي چڪو تہ هن باب جو اصل راوي ۽ مصنف مدائني آهي.

هن باب جي متن ۽ مواد تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ: (۱) ان جي شروعات، حضرت عمر جي خلافت ۾ عمان مان سنڌ ۽ هند جي بندرن (ديبل، ٻروچ ۽ ٺاڻي) تي ڪيل ٻڌرئين ساموندي حملي ۽ فتوحات جي واقعي سان ٿئي ٿي- يعني تہ محاذ هند (سنڌ ۽ هند) جي ذڪر سان ان جي شروعات ٿئي ٿي. (۲) ان بعد حضرت عثمان رضہ جي خلافت ڪان وٺي عبدالملڪ جي عهد تائين، اسلامي فوجن جي مڪران ۾ جنگين ۽ فتحن جا حالات ڏنل آهن. يعني تہ اهي واقعات مڪران جي فتح سان تعلق رکن ٿا. (۳) وڌيڪ جي ڏينهن ۾ ورتي محاذ سنڌ ۽ هند جو ذڪر، ديبل تي عبيدالله بن نبهان ۽ بديل جي ساموندي حملن سان شروع ٿئي ٿو ۽ محمد بن قاسم هٿان سنڌ جي مڪمل فتح ۽ هند جي ڪن ياڪٽن جي فتح سان پورو ٿئي ٿو. (۴) ان بعد سليمان جي خلافت ڪان وٺي سنڌ ۽ هند جي عرب گورنرن جو ذڪر شروع ٿئي ٿو جو معتصم جي خلافت بعد عمر بن عبدالعزيز الهباري جي سنڌ تي قبضي تي ختم ٿئي ٿو.

باب "فتوح السند" جي متن ۽ مواد جي مٿين تفصيل مان ظاهر آهي تہ هن باب جي روايت ۾ مدائني غالباً پنهنجي ٽن ڪتابن هر هڪ "ڪتاب ثغرالهند" (هند ۽ سنڌ جو محاذ)، "ڪتاب فتح مڪران" (مڪران جو فتحون) ۽ "ڪتاب عمال الهند" (هند ۽ سنڌ جا گورنر) کي يڪجاء جمع ڪيو آهي. اهو قرين قياس معلوم ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ تہ بلاذري سنہ ۲۷۹/۲۸۰ هـ ۾ وفات ڪئي ۽ مدائني سنہ ۲۲۵ هـ ۾، يعني تہ بلاذريءَ کان ۵۵ ورهيه اڳ: جنهن جي معنيٰ تہ بلاذري جڏهين هن باب جي روايت خود مدائني کان سندس زباني ٻڌي هوندي، تڏهين مدائني يقيني طور پيريءَ ۾ هوندو ۽ مٿيان ٽي ڪتاب ان کان ڪافي اڳ تصنيف ڪيا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هوندائين: انهيءَ کري زباني روايت ۽ سنڌ جي فتحن بابت بلاذري کي غالباً پنهنجن انهن تصنيفن جو ماحصل بيان ڪري ٻڌايائين: خود بلاذري کي به پنهنجي ڪتاب لاءِ اختصار جي ضرورت هئي، انهيءَ ڪري غالباً سدائني جي روايت جو اختصار قلمبند ڪيائين.

"فتحنامي" جي اسلامي تاريخ واري حصي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته بلاذري جي باب "فتوح السند" وارو سڄو مواد ترتيبوار ان ۾ شامل آهي. مثلاً صفحي [۷۲] ۹۷ تي ان جي شروعات ٿي، بلاذري جي باب مطابق، حضرت عمر جي خلافت ۾ عمان مان عثمان بن ابي‌العاص، ثقفي جي هٿان سنڌ ۽ هند جي بندرن (ديبل، پڙوچ ۽ ٽائي) تي ساموندي حملي ۽ فتح جي واقعي مان ٿئي ٿي؛ ان بعد حضرت عثمان رضه جي خلافت‌ڪان ونڊي عبدالملڪ جي عهد تائين، اسلامي فوجن جي مڪران ۾ جنگين ۽ فتحن جا واقعا بلڪل بلاذري جي سلسلي مطابق ڏنل آهن؛ ۽ ان بعد، وليد جي ڏينهن ۾ وري محاذ هند ۽ سنڌ جو ذڪر، ديبل تي عبيدالله بن نبهان ۽ بديل جي ساموندي حملن مان شروع ٿئي ٿو؛ ۽ محمد بن قاسم هٿان سنڌ جي فتح جي تفصيلوار بيان مان ختم ٿئي ٿو. البت محمد بن قاسم بعد، جي عرب گورنر سنڌ ۾ آيا تن جو بيان فتحنامي ۾ ڪونهي، جنهن جي معنيٰ ته فتحنامي جي هن اسلامي فتوحات واري حصي ۾ صرف مدائني جي ٻن ڪتابن يعني "ڪتاب ثغر الهند" (محاذ هند ۽ سنڌ) ۽ "ڪتاب فتح مڪران" (مڪران جون فتحون) جو مواد موجود آهي، مگر سندس ٽئين ڪتاب "ڪتاب عمال الهند" (هند ۽ سنڌ جا گورنر) جو مواد شامل ڪونهي.

(۲) "فتحنامي" جي اندروني شهادتن مان پڻ معلوم ٿئي ٿو ته ان ۾ غالباً مدائني جا اهي ٻه ڪتاب يعني ته "ڪتاب ثغرالهند" ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"كتاب فتح مكران" مكمل طور شامل آهن. هيئيان دليل ان نظريي جي تائيد ڪن ٿا:-

(الف) پهريون ته بلاذري، باب "فتوح السند" ۾ مختلف واقعات بابت مدائني جي زبان کي اجمالي طور ۽ اختصار سان قلمبند ڪيو آهي. فتحنامي ۾ اهي ساڳيا واقعات ساڳي ترتيب موجب مگر زياده تفصيل سان بيان ٿيل آهن. مدائني پنهنجي پيريءَ ۾ بلاذري کي غالباً پهنجي ڏنهي ڪتابن جو "خلاصه" بيان ڪري ٻڌايو، ۽ ان جي برعڪس "فتحنامي" ۾ غالباً مدائني جا به ڪتاب "ڪتاب ثغرالهند" ۽ "ڪتاب فتح مكران" سندس پوري روايت سان شامل آهن، جنهنڪري جملي واقعات جو تفصيل موجود آهي. ازان سواء باب "فتوح السند" ۽ "فتحنامي" جي ساڳين بيانن ۾ نه فقط اصولي مگر جزئياتي مطابقت موجود آهي: مثلاً فتحنامي (ص ۱۴۸) ۾ ڄاڻايل آهي ته ديبل جي حملي وقت حجاج جو خط پهتو، جنهن ۾ هدايت هئي ته "مناسب ائين آهي ته سڄ کي ٻڌي ڏيو، جيئن دشمن کي چڱي طرح ڏسي سگهو." اهي الفاظ بلاذري جي عبارت (ص۴۳۷) ۾ حجاج جي حڪم "ولتكن مماثلي المشرق" جي عين مطابق آهن؛ فتحنامي (ص ۲۱۵) ۾ ڄاڻايل آهي ته حجاج ڏانهن محمد بن قاسم سڙڪي موڪلڻ لاءِ لکيو، ۽ ان جي انتظام لاءِ حجاج جي حڪم سان پچيل ڪپه آئي، جا سڙڪي ۾ ٻوڙي، خشڪ ڪندا ويا. بلاذري (ص ۴۳۶) جي عبارت به ان مطابق آهي ته "و عمد الحجاج الي القطن المحلوج، فنقع في الخل الخمر الحاذق"؛ پهريون مجاهد جو ديبل قلعي جي ديوار تي چڙهيو ان جو نالو به بلاذري جي بيان توڙي فتحنامي مطابق ساڳيو آهي (ڏسو فتحنامي ص ۴۵۶ نوٽ ص ۱۵۰)؛ ڏاهر جي قاتل جي باري ۾ ٻئ فتحنامي ۽ بلاذري جي بيانن ۾ مطابقت آهي (ڏسو فتحنامو ص ۴۹۰، نوٽ ص ۲۶۶) انهيءَ جزئياتي مطابقت مان ظاهر آهي ته فتحنامي جا تفصيلي بيان مدائني جي روايت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مطابق آهن جا بلاذري خود مدائني جـي زباني پنهنجي باب "فتوح السند" ۾ قلمبند ڪئي آهي.

(ب) هيو تہ بلاذري کي مدائنيءَ خود پنهنجي زباني ويهي فتوحات جي واقعات جو بيان ڪري ٻڌايو، انهيءَ ڪري بلاذري باب "فتوح السند" جي شروع ۾ سندس نالو سند طور پيش ڪيو آهي ۽ ان بعد مسلسل طور واقعات نقل ڪندو ويو آهي. تان جو ڏاهر جي قتل بعد (ص۴۳۸) وري اڳتي هلندڙ بيان لاءِ دوباره مدائني جو نالو ڪٽي، پنهنجي ماخذ جي تصديق ڪئي اٿس. مطلب تہ بلاذري سڄو بيان مدائني جي زباني ٻڌو. انهيءَ ڪري بار بار سندس نالي آڻڻ جي ڪيس ضرورت ڪانہ هئي.

اوائلي عرب مصنفن جو دستور هو تہ خود پنهنجي تصنيف ڪيل ڪتابن ۾ اڪثر هر نئين بيان آڏو پنهنجو نالو ڪٽي ان بعد، پنهنجو سلسلي اسناد (يعني انهن راوين جا نالا جن کان مصنف تائين ان بيان يا واقعي جي روايت پهتل هجي) پيش ڪري، پوءِ ان بيان کي پيش ڪندا هئا. مؤرخن ۾ ابو جعفر طبري پنهنجي تاريخ ۾ خاص طرح انهيءَ دستور جي پابندي ڪئي آهي: طبري هر نئين واقعي بيان ڪرڻ وقت چوندو تہ "قال ابو جعفر.... حدثني فلان قال حدثني فلان" (يعني ابو جعفر چوي ٿو تہ مون سان فلاڻي هي ذڪر ڪيو)؛ جنهن چيو تہ مون سان فلاڻي اهو ذڪر ڪيو)؛ يا "حدثني" (مون کي ٻڌايو) جي بدران "عن" (فلاڻي کان) جو لفظ آڻيندو. مطلب تہ خود مصنف جي ڪتاب ۾ اڪثر بار بار خود مصنفن ۽ سندس اسناد راوين جو ذڪر ايندو.

فتحنامي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيتوڻيڪ هڪ تہ زماني جي دستبرد سبب ۽ هيو غالباً فارسي مترجم علي ڪوفي جي بي احتياطي سبب مختلف واقعات جي روايتن جي آسنادڪي يا تہ ناقص حالت ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي (يعني تہ ڪي راوين جا نالا ڇڏي ڏنا ويا آهن) يا تہ بالڪل حذف ڪيو ويو آهي، مگر تنهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هوندي ۽ مدائني جي نالي سان سندس سڏن سميت سڄيون ساريون ۱۳ روايتون (۱) فتحنامي ۾ موجود آهن، ۽ ٻيون روايتون (ص ص ۲۳۴ ۽ ۲۳۸) "محمد بن حسن" ۽ "محمد بن ابوالحسن مدني" جي نالن سان آندل آهن، جي پڻ غالباً مدائني جون آهن ۽ سندس نالي "ابو الحسن علي بن محمد" کي غلط نموني ۾ لکيو ويو آهي (۲). ٻيون ۸ روايتون انهن ماڻهن جي نالن سان ڏنل آهن، جن کان ٻيون روايتون فتحنامي ۾ خود مدائني جي زباني بيان ٿيل آهن (۳): جنهن جي معني ته اهي اٺ روايتون ۽ بقيه طور مدائني جي ذريعي ئي پهتل آهن،

---

(۱) ڏسو ص ص ۱۰۵، ۱۰۷، ۱۰۹، ۱۳۱، ۱۳۳، ۱۳۴، ۱۴۵، ۲۲۶، ۲۶۱، ۳۲۵، ۳۴۶، ۳۵۶ ۽ ۳۵۷. مدائني جو نالو "ابوالحسن بن "علي بن محمد" ڪري آندو ويو آهي. (۲) ڏسو فتحنامي جي آخر ۾ ص ۴۸۶ تي حاشيه ص ۲۳۸/ [۱۶۴]. (۳) مثلاً ٿي روايتون (ص ص ۱۰۳، ۱۰۴ ۽ ۱۰۸) هڏلي جي نالي سان ڏنل آهن، مگر صفحن ۱۰۵ ۽ ۱۰۹. ٿي خود هڏلي جون روايتون ابوالحسن مدائني جي زباني ڏنل آهن؛ ۽ روايتون (ص ص ۱۱ ۽ ۱۳۹) عبدالرحمان بن عبدربه السليطي جي نالي سان ڏنل آهن؛ حالانڪ صفحن ۳۲۵ ۽ ۳۴۶ تي عبدالرحمان بن عبدربه السليطي جون روايتون پڻ ابو الحسن مدائني جي زباني بيان ٿيل آهن؛ صفحي ۲۶۷ تي هڪ روايت ابو محمد هندي جي نالي سان ڏنل آهي، مگر صفحن ۱۴۵ ۽ ۳۵۶ تي ابو محمد هندي جون ٻئي روايتون ابوالحسن مدائني جي زباني بيان ٿيل آهن؛ صفحي ۱۳۷ تي هڪ روايت اسحاق بن ايوب جي نالي سان ڏنل آهي. حالانڪ صفحي ۱۳۳ تي اسحاق بن ايوب جي روايت ابوالحسن مدائني جي زباني نقل ٿيل آهي؛ ۽ صفحي ۱۶۴ تي هڪ روايت ابو الليث التيمي الهندي جي نالي سان آندل آهي؛ حالانڪ صفحي ۲۶۱ تي ابو الليث هندي جي روايت ابوالحسن مدائني جي زباني بيان ٿيل آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مگر انهن جي اڳيان مدائني جو نالو حذف ٿيل آهي. انهيءَ لحاظ سان فتحناميءَ ۾ جملي ۲۳ روايتون مدائني جون تسليم ڪري سگهجن ٿيون، انهن کان سواءِ ٻيون باقي روايتون جملي ۱۴ آهن. جي ٻين راوين جي نالن سان ڏنل آهن ۽ گمان غالب آهي ته انهن روايتن مان گهڻن جي اسناد جا اوائلي پاڻ ئي حذف ٿيل آهن ۽ شايد انهن مان ڪي ٻيون پڻ مدائني جي ذريعي آيل هجن. بهرحال مجموعي طور فتحناميءَ ۾ وڏو حصو مدائني جي روايتن جو آهي ۽ سواءِ "فتحنامي" جي، سنڌ جي فتوحات بابت مدائني جون ايترين تفصيلوار روايتون ٻي ڪنهن به عربي يا فارسي جي تاريخي ڪتاب ۾ موجود نه آهن. هيءَ حقيقت ان نظريي جي تائيد ڪري ٿي ته فتحنامي جو اسلامي فتوحات ۽ تاريخ وارو گهڻو پاڻو مدائني جي ٻن ڪتابن "ڪتاب ثغر الهند" ۽ "ڪتاب فتح مڪران" جو مجموعو آهي.

فتحنامي جي جملي مواد جا ماخذ ۽ انهن جي اندروني صحت:-

فتحنامي جي جملي مواد جا ٽي سر چشما نظر اچن ٿا: (الف) مدائني جون روايتون، (ب) مدائني کان سواءِ ٻين عرب عالمن ۽ راوين جون روايتون، ۽ (ج) سنڌ جون مڪاني روايتون. اسان هيٺ انهن ٽنهي ماخذن تي تنقيدي نگاهه سان مختصر بحث ڪنداسون.

(الف) مدائني جون روايتون:- مدائني کي عرب مؤرخن هڪ معتبر مؤرخ ڪري تسليم ڪيو آهي، جو سندس روايتون اڪثر پڪيون ۽ پختيون آهن. افسوس جو فتحنامي ۾ سندس روايتن جون ڪيترون حذف ٿيل آهن، انهيءَ ڪري سندس روايتن جو پورو تنقيدي جائزو ونئي نٿو سگهجي، تنهن هوندي به هيٺيون حقيقتون مدائني جي روايتن جي اندروني صحت کي ثابت ڪن ٿيون:-

(۱) اول تہ سنڌ بابت فتحنامي ۾ ڏنل مدائني جون اڪثر روايتون سندس انهن اسناد راوين کان بيان ٿيل آهن، جن کان هن مرڪزي خلافت ۾ ٻين واقعات بابت احوال ٻڌا ۽ نقل ڪيا آهن، ۽ جن جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بيانن کي بلاذري ۽ طبري جهڙن معتبر مؤرخن پڻ صحيح تسليم ڪري پنهنجي ڪتابن ۾ داخل ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ هيٺيون روايتون غور طلب آهن:-

۱ـ ص ۱۰۵/[۷۸] تي عبدالله بن سوار بابت بيان ابوالحسن مدائني بن روايت يعني "هذلي" ۽ "مسلمة بن محارب" کان نقل ڪيو آهي. فتحنامي ۾ چار ٻيون روايتون (ص ص ۱۰۹، ۱۰۳، ۱۰۴، ۽ ۱۰۸) "هذلي" جي وساطت سان ۽ هڪ روايت (ص ۳۴۶) مسلمة بن محارب جي ذريعي بيان ٿيل آهن، جن مان ص ۱۰۹ تي هذلي واري روايت ۽ ص ۳۴۶ تي "مسلمة" واري روايت آڏو ابوالحسن جو نالو ڏنل آهي، مگر ص ص ۱۰۳، ۱۰۴ ۽ ۱۰۸ تي هذلي وارين روايتن آڏو ابوالحسن جو نالو غالباً فارسي مترجم جي بيتوجهي سبب حذف ٿيل آهي (۱).

سُلمي بن عبدالله بن سُلمي (۲) جو ابوبڪر الهذلي جي عام نالي سان مشهور آهي، سو اسلامي تاريخ جو مڃيل ۽ مسلم راوي آهي. طبري پنهنجي تاريخ ۾ تقريباً ۲۰ روايتون سندس سلسلي اسناد سان نقل ڪيون آهن، جن مان ۸ روايتون ابوالحسن مدائني جي ذريعي نقل ڪيل آهن (۳)، يعني ته هذلي جون ڪهڙيون روايتون

(۱) ڏسو آخر ۾ ص ص ۴۳۱-۴۳۳ تي ڏنل حاشيه ۱۰۳/[۷۷] (۲) طبري (۲۵۵×۳) سندس نالو بالڪل انهيءَ طرح ڏنو آهي، جو صحيح سمجهڻ گهرجي. طبري جي ايڈيٽرن اسماء خاص جي فهرست ۾ سندس نالو "سلمه بن عبدالله" ڪري لکيو آهي ۽ ابن رسته جي ڪتاب "الاعلاق النفيسة" (ص۳۱۳) ۾ سندس نالو "سليمان بن عبدالله" لکيل آهي. وڌيڪ سندس حالات لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ص ۴۳۲-۴۳۳

(۳) ڏسو تاريخ طبري ص ص ۱×۲۸۳۱، ۱×۲۸۷۲، ۱×۳۰۶۸، ۱×۳۱۳۵، ۱×۳۱۹۸، ۲×۱۷۳۳، ۲×۱۳۲۶ ۽ ۳×۱۳۲۰،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مدائني جي ذريعي نقل ٿيل آهن. مطلب ته هذلي، مدائني جي استادن مان هو ۽ سندس روايتون نه صرف طبري مگر ٻين مصنفن به مدائني جي زباني نقل ڪيون آهن (۱). ابوبڪر هذلي عباسي خليفي منصور (وفات ۱۵۸ هـ/۷۷۵ع) جي ڏينهن تائين زنده هو (۲) ۽ مدائني، جو سنه ۱۳۵ هـ ۾ ڄائو، ان جي عمر ان وقت تائين تقريباً ۲۳ ورهيه هئي جنهنڪري هن، هذلي کان براه راست سندس زباني جملہ تاريخي حالات ٻڌا ۽ پنهنجي ڪتابن ۾ لکيا، ۽ ٻين تائين به پهچايا (۳).

"مسلمة" جو سڄو نالو "مسلمة بن محارب بن سلم بن زياد" آهي ۽ هو مشهور اسوي سپه سالار "زياد" جي اولاد مان هو (۴). مسلمة نه صرف تاريخي روايتن ۾ مڃيل آهي مگر حديث جي راوين ۾ پڻ شمار ٿيل آهي (۵) هو مدائني جي استادن منجهان آهي ۽ سندس تاريخي روايتون گهڻو ڪري مدائني جي ذريعي ئي بلاذري توڙي طبري تائين پهتيون. مدائني براه راست ڪانئس اهي روايتون ٻڌيون بلاذري "فتوح البلدان" (ص ص ۷۳، ۲۷۰ ۽ ۲۸۰) ۾ ڏسي روايتون "مسلمة" جي سلسلہ اسناد سان نقل ڪيون آهن، ۽ پنهنجي ئي تصنيف "ڪتاب انساب الاشراف" جي جلد ۴ ۽ ۱۱ ۾ جملہ ڇهه روايتون مسلمة جي سلسلہ اسناد سان مدائني جي زباني سان نقل ڪيون آهن (۶).

---

(۱) مثلاً بلاذري "فتوح البلدان" (ص ۱۸) ۾ فقط هڪ روايت "هذلي" جي اسناد سان آندي آهي ۽ اها ابوالحسن مدائني جي زباني نقل ٿيل آهي ساڳيءَ طرح بلاذري پنهنجي ٻئي ڪتاب "انساب الاشراف" (جلد ۱۱ ص ۲۲۷) ۾ پڻ هذلي جي روايت مدائني جي ذريعي نقل ڪئي آهي.

(۲) ڏسو طبري ۱۰۳۰، ۱۰۴۰، ۱۰۴۲، ۱۰۴۵ ۽ ۱۰۴۶. (۳) طبري، مدائني جون هذلي کان ٻڌل روايتون مدائني جي شاگرد عمر بن شبه جي زباني نقل ڪيون آهن (۴) ڏسو تاريخ طبري، ۲۰۴۵ (۵) ڏسو بخاري جي "التاريخ الڪبير" جلد ۴ ص ۲۷۹. (۶) ڏسو ڪتاب انساب الاشراف جلد ۴ ص ص ۷۳، ۸۱، ۱۰۶ ۽ جلد ۱۱ ص ص ۲۷، ۱۶۸، ۲۲۶.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طبري جلد ۴۳ روايتون مسلمة جي سلسلہ اسناد سان نقل ڪيون آهن ۽ اهي سيڀ مدائني جي ڪتابن تان يا مدائني جي شاگرد عمر بن شبه کان خود مدائني جي زباني نقل ڪيل آهن. خود فتحنامہ ۾ ص ۳۴۶ تي ٻي هڪ روايت ۾ ابوالحسن مدائني، مسلمة بن محارب کان نقل ڪئي آهي.

مطلب تہ هذلي توڙي مسلمة، مدائني جا وڏا معاصر ۽ تاريخ جا ڄاڻو هئا. افسوس جو فتحنامہ ۾ ڪاڻ جيڪي روايتون مدائني بيان ڪيون آهن تن سان ڪٿ جا پورا سلسلا (يعني تہ خود هذلي ۽ مسلمة جن ماڻهن کان اهي ڳالهيون ٻڌيون ۽ انهن وري جن کان ٻڌيون، تن جا نالا) حذف ٿيل آهن جنهنڪري اڪين ڏڻل يا معاصرانہ روايتن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. تاهم ڪن روايتن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو مدائني جي روايتن جو سلسلہ بالآخر انهن ماڻهن تائين پهچي ٿو جي بيان ٿيل واقعات کان پوري طرح واقف هئا. مثلاً ص ۱۰۹ تي ابوالحسن مدائني جي روايت ابوبڪر هذلي کان ۽ هذلي جي روايت آسود کان آهي ۽ اها امير معاويہ جي عهد (۴۱-۶۰ هـ) ۾ راشد بن عمرو جي محاذ هند تي مقرري بابت آهي. هن روايت ۾ جيتوڻڪ هذلي ۽ آسود جي وچ وارن راوين جا نالا حذف ٿيل آهن (۱) تہ بہ بيروني شهادتن جي بناء تي ڪافي وٿوق سان چئي سگهجي ٿو تہ "اسود" سان مراد الاسود بن يزيد النخعي آهي

(۱) ڄاڻائو تہ هذلي ۽ مسلمة ٻئي همعصر ۽ مدائني جا مکيہ ماخذ آهن ۽ مدائني کي روايتون ٻنهي کان ساڳي وقت پهتيون آهن (ڏسو تاريخ طبري ۲×۷۳). طبري هڪ روايت ڏني آهي جا هن ابن حميد کان ٻڌي ۽ هن مسلمة کان ٻڌي، مسلمة ابو اسحاق کان ٻڌي ابو اسحاق عبدالرحمان کان ٻڌي ۽ عبدالرحمان سڌس ٻيءَ اسود کان ٻڌي (۱×۲۲۵). هن سلسلي اسناد مطابق مسلمة ۽ اسود جي وچ ۾ ٻيا راوي آهن. ان سان ظاهر آهي تہ فتحنامي جي متين روايت ۾ مسلمہ جي همعصر هذلي ۽ اسود جي وچ ۾ ٻہ ڪر از ڪر ٽن راوين جا نالا هٿ ڪن جي حذف ٿيل آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو تاريخ جو مشهور راوي آهي. تاريخ طبري ۾ گهڻ کان گهڻ ۹ تاريخي بيان اهڙا آهن جن جي سلسلي اسناد جي آخري ڪڙي اسود آهي. اسود، ڪوفه جي برگزيده تابعين مان هو ۽ حضرت عثمان جي شهادت (سنه ۳۵ هـ) وقت حضرت عثمان طرفان مدافعت ۾ مشغول هو (۱). ان بعد امير معاويه جي عهد تائين سندس زندهه رهڻ ۽ راشد بن عمرو جي تقرري کان واقف هڻڻ بالڪل قرين قياس نظر اچي ٿو. انهيءَ لحاظ سان مدائني جي هي روايت نمونو طور نابت ڪري ٿي ته سندس روايتن جا ماخذ بالڪل پختو ۽ معاصرانه آهن.

مٿين تفصيلي بحث بعد اسان هيٺ فتحنامه ۾ مدائني جي باقي ٻين روايتن جي ماخذن تي مختصر روشني وجهنداسون.

۲ـص ۱۰۷ تي ابو الحسن مدائني جو حاتم بن قبيصة بن المهلب (۲) جي زباني هڪ بيان ڏنل آهي. حاتم بن قبيصة سنه ۹۸ هـ ۾ طخارستان جو گورنر هو (۳). هو تاريخ جو وڏو ڄاڻو هو ۽ راوي عمر بن شبة جهڙيءَ طرح مدائني کان تاريخي روايتون نقل ڪيون آهن اهڙيءَ طرح هن حاتم بن قبيصة کان به روايتون نقل ڪيون آهن (۴). انهيءَ ڪري مدائني جو حاتم بن قبيصة کان نقل ڪرڻ بالڪل قرين قياس آهي. البت هي روايت عبدالله بن سوار جي جنگ بابت آهي جنهن کي امير معاويه تقريباً سنه ۴۱ـ۴۲ هـ ۾ سجاڌ هند تي مقرر ڪيو ۽ انهيءَ جنگ ۾ حاتم بن قبيصة جو هجڻ ممڪن نظر نٿو اچي. طبري سنه ۵۰ هـ جي ۾ واقعن جا اڪين ڏنا حالات جن ماڻهن جي زباني حاتم بن قبيصة جي وساطت سان نقل ڪيا آهن انهن ماڻهن ۽ حاتم بن قبيصة جي وچ ۾ گهڻ کان گهڻ هڪ

---

(۱) ڏسو تاريخ طبري ۱+۲۸۹۶ ، ۲۹۱۶ ۽ ۲۹۶۰. (۲) متن ۾ "حاتم بن قتيبه الباهلي" غلط آهي ۽ صحيح "حاتم بن قبيصة بن المهلب" آهي. ڏسو آخر ۾ ضميمو ص ۱۰۷ (۳) ڏسو تاريخ طبري ۲×۱۳۲۴ (۴) تاريخ طبري ۲×۱۰۹۰-۱۱۰.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راوي جو واسطو آهي. (۱) انهيءَ کري فتحنامه جي هن روايت جو پويون حصو ظاهرا حذف ٿيل آهي ۽ جنهن ماڻهو ابن اسوار کي جنگ ۾ ڏٺو سو خود حاتم قبيصة نه آهي مگر اهو راوي جنهن کان حاتم بن قبيصة هي روايت نقل ڪئي ٿي پائنجي.

۳ـص۱۳۳ تي ابوالحسن مدائني جي اسحاق بن ايوب جي زباني هڪ بيان ڏنل آهي، جو سنه ۹۲ هـ ۾ حجاج جو محمد بن قاسم کي سنڌ تي روانو ڪرڻ لاءِ فوج گڏ ڪرڻ بابت آهي. طبري، ابوالحسن مدائني جون اسحاق بن ايوب کان نقل ڪيل ٻه روايتون ڏنيون آهن جي امير معاويه جي عهد ۽ وليد بابت آهن (۲). فتحنامه جي هي روايت ٻئ وليد جي عهد جي آهي ۽ روايت جي اعتبار کان مڪمل آهي. ص ۱۳۷ تي ٻي روايت ۾ اسحاق بن ايوب ۽ هلواٺ ڪلبي جا نالا ڏنل آهن، ۽ ظاهراً آڏو مدائني جو نالو ڇڏيل آهي ڇو ته هلواٺ جون روايتون ٻئ مدائني ذريعي پهتل آهن (۳).

۴ـ ص ۱۴۵ تي ابوالحسن "ابو محمد مولي بني تميم" کان ديبل جي محاصره جو نقل ڪيو آهي ۽ ۳۵۶ تي ابوالحسن ساڳئي "ابو محمد هندي" کان ملتان جي منروي بتخاني جو بيان نقل ڪيو آهي. ان مان ظاهر آهي ته ابو محمد هند يعني سنڌ جو هو ۽ بنو تميم جو پرورده هو. ٻي سگهي ٿو ته ابو محمد کي انهن واقعات جي ٻڌڻين ڏاڍي خبر هجي ڇاڪاڻ ته اهي واقعات سنه ۹۳ـ۹۵ هـ جا آهن ۽ ممڪن آهي ته ابو محمد ڪم از ڪم ۵۶ سال پوءِ به جيئرو رهيو هجي جو سنه ۱۵۰ هـ ڌاري ڄڌهين

---

(۱) طبري سنه ۵۰ هجري جي بن واقعات کي هن ساڳي روايت سان بيان ڪيو آهي ته: "طبري، عمر بن شبه کان؛ عمر بن شبه، حاتم بن قبيصة کان؛ حاتم بن قبيصة، غالب بن سليمان کان، غالب بن سليمان، عبدالرحمان بن صبح کان (ايضا ۱۰۹۲-۱۱۰) (۲) ڏسو تاريخ طبري ۲۰۱۲ ۽ ۱۷۴۱۲ (۳) ڏسو مٿي ص ۱۰.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابوالحسن مدائني جي عمر ۱۵ سال هئي، تہ
ڪالهين جي خبر ڏني هجيس. مگر غالباً فتحنامہ
جو ہ پويون حصہ حذف ٿيل آهي ۽ ابو م
ڪنهن کان اهي حالات ٻڌا: ڇاڪاڻ تہ بلاذري
(ص ۴۳۸) ۾ محمد بن قاسم جي فتح بابت هت بيان نقل
ڪيو آهي جو مدائني، "ابو محمد الهندي" کان ٻڌو، ۽ ابو محمد
وري "ابو الفرج" نالي راوي کان ٻڌو. بهرحال بلاذري جو
هي حوالو ثابت ڪري ٿو تہ ابو محمد، مدائني جي استاد
راوين منجهان آهي.

البت فتحنامہ ۾ ص ۲۶۷ تي، ڏاهر جي قتل، لاڏيءَ
جي گرفتاري ۽ محمد بن قاسم جو لاڏي کي خريد ڪرڻ واري
حڪايت ۾ ابو محمد هنديءَ کان نقل ٿيل آهي جنهن اها
"ابو مسهر عابي" کان ٻڌي جنهن وري اها "هند جي ڪنهن
شخص" کان ٻڌي. هي روايت مشڪوڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ
جيتوڻيڪ ابو محمد مشهور راوي آهي، ۽ پڻ جيڪڏهين
"ابو مسهر عابي" کي صحيح طور "ابو مسهر عبدالاعلي" تسليم
ڪجي جو ۾ مشهور راوي آهي (۱) تہ بہ روايت جي آخري
ڪڙي مشڪوڪ ۽ مبهم آهي.

۵ـ ۳۵۷ تي ابوالحسن مدائني، خريم بن عمرو کان ملتان
جي ڏن بابت روايت نقل ڪئي آهي. خود فتحنامہ مان ظاهر آهي
تہ حجاج، خريم کي محمد بن قاسم سان گڏ موڪليو هو (۲) ۽ خريم
سڌ جي فتوحات ۾ ساڻس گڏوگڏ هو (۳) ۽ غالباً ويندي آخر تائين

---

(۱) ابو مسهر عبدالاعلي بن مسهر تاريخ جي راوين مان آهي ۽ طبري
ٻن روايتن (۴۸۲، ۱۱۳۰×۳ ۽ ۲۴۲۶×۳ ۾ سندس نالو ڪنيو
آهي، جن مان هڪ (۱۳۰×۳) منجهان گمان نڪري ٿو تہ هو
مامون جي حڪومت جي آخر سال سنہ ۱۸ هـ ۾ جيئرو هو. (۲)
ڏسو فتحنامہ، ص ص ۱۲۷ ۽ ۱۴۳-۱۴۴، (۳) ايضاً، ص ص ۱۵۰،
۲۷۸، ۲۹۴، ۳۲۴.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم سان گڏ رهيو (۱). انهيءَ کري ملتان جي فتح ۽ خزاني وارو احوال سڌس اکين ڏٺو آهي.

۶ــ ص ۲۶۱ تي ابوالحسن جي ابو الليث هندي کان هڪ روايت (ڏاهر جي قتل بابت) ڏنل آهي جا هن (ابو الليث) پنهنجي ٻيءَ کان ٻڌي: ان کان اڳ ص ۱۶۴ تي ٻڌ محمد بن قاسم جي ديبل ڏانهن روانگي وارو بيان "ابو الليث التميمي الهندي" کان بيان کيل آهي مگر بيان کنڊڙ (ابو الحسن مدائني) جو نالو حذف ٿيل آهي. ابو الليث هي پويون بيان "جعونه بن عتبة السلمي" کان ٻڌو. هاڻي خود فتحنامه جي ص ۱۴۷ تي ڏنل بيان مان ظاهر آهي ته جعونه السلمي، محمد بن قاسم سان گڏ هو ۽ خاص معڃيڻن جي چارج ۾ هو. انهيءَ حوالي سان انهن روايتن جي صحت جي تصديق ٿئي ٿي.

۷ــ ص ص ۳۲۵ ۽ ۳۴۶ تي مدائني (علي بن محمد) جون ٻه روايتون عبدالرحمان بن عبدربه السليطي کان ڏنل آهن. هونئن روايت ساڳئي وقت مسلمة بن مهارب ۽ عبدالرحمان بن سليطي کان نقل ٿيل آهي جنهن جي معني ته عبدالرحمان ۽ مسلمة ٻئي مدائني جا وڏا معاصر هئا.

وري ص ص ۱۱۰ ۽ ۱۳۹ تي عبدالرحمان بن عبدربه کان ٻه روايتون ڏنل آهن جن جو ناقل ٻئي مدائني کي ٿي سمجهڻ گهرجي مگر سڌس نالو حذف ٿيل آهي. عبدالرحمان بن عبدربه کان ابوالحسن جون اهي چارئي روايتون مستند آهن، ڇاڪاڻ ته ساڳين واقعن بابت بلاذريءَ جا ابوالحسن کان نقل کيل بيان انهن سان ملي اچن ٿا.

---

(۱) محمد بن قاسم جي سنڌ مان معزولي سنه ۹۶ هـ جي نصف اول ۾ واقع ٿي. ان وقت تائين خريم جي ڪنهن ٻئي هنڌ موجوگي ثابت ڪانهي ۽ فتحنامه جي حوالن سان قوي گمان نڪري ٿو ته هو سنڌ ۾ هو. محمد بن قاسم جي معزولي بعد سنه ۹۶ جي نصف آخر ۽ ۹۷ هـ ڌاري قتيبة جي قتل وقت خريم خراسان ۾ نظر اچي ٿو (ڏسو طبري ۱۳۰۲ ۽ ۱۳۱۲).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

متين وضاحت سان قدري ظاهر آهي تہ "فتحنامه" ۾ مدائني سان واسطو رکندڙ روايتون تاريخي اعتبار کان صحيح آهن. البتہ ص ۳۶۳ تي "محمد بن علي ۽ ابوالحسن مدائني" جي قالن سان ڏاهر جي ڏيئرن جي محمد بن قاسم خلاف سازش بابت جا کهاڻي نقل ٿيل آهي، سا جملہ مستند تاريخي ماخذن جي خلاف آهي ۽ انهيءَ کري ان جو سلسلہ اسناد پڻ غالباً مصنوعي آهي (۱).

(ب) مدائني کانسواءِ (؟) باقي ٻيا عرب راوي:- جملي ٻيون ۱۴ روايتون اهڙيون آهن. (۲) جي ٻڌ عرب راوين کان آهن مگر انهن جي سلسلي اسناد ۾ نہ مدائني جو نالو ڏنل آهي ۽ نہ وري اهڙي کنهن ٻئي راوي جو جنهن کان (فتحنامہ ۾ کنهن ٻيءَ جاءِ تي) مدائني جي ٻي کا روايت موجود هجي. چٹي ٽٽو سگهجي تہ اهي کي مستقل روايتون آهن جن سان مدائني جو تعلق ناهي، ڇاکاڻ تہ انهن جي اسناد جا سلسلا بلکل مختصر ۽ هڪ ٻن راوين جي نالن تائين محدود آهن. بالکل ممکن آهي تہ انهن سان کاڻي روايتون مدائني جي ذريعي پهتل هجن مگر مدائني جو نالو به ٻين راوين سان گڏ ڇڏي ڏنو ويو هجي.

جيئن تہ انهن روايتن جي اسناد جا سلسلا بلکل مختصر طور ڏنل آهن ۽ يقيني طور راوين جا نالا حذف ٿيل آهن انهيءَ کري مزيد تحقيق لاءِ ميدان تنگ آهي. البتہ کي تاريخي اهڃاڻ موجود آهن جي هنن روايتن جي صحيح هجڻ تي شاهد آهن: مثلاً ص ۲۰۵/[۱۵۱] تي ڏنل داستان جي روايت خواجہ امام ابراهيم طرفان آهي؛ آخر ۾ ص ۴۸۰ واري حاشيہ ۾ ڏنل تفصيلي بحث هن روايت جي صحت کي ثابت کري ٿو. ٻين روايتن کي بلاذري ۽ يعقوبي جي

(۱) ڏسو آخر ۾ ص ص ۵۳۵-۵۵۳ جتي هن مصنوعي حڪايت ۽ صحيح تاريخي حالات تي تفصيلي بحث کيو ويو آهي. (۲) ڏسو فتحنامہ ص ص ۹۹، ۱۰۲، ۱۱۱، ۱۱۸، ۱۲۲، ۱۲۵، ۱۴۰، ۱۵۵، ۲۱۵، ۲۵۵، ۲۶۸، ۲۷۵، ۲۷۸ ۽ ۳۰۰.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح سنڌ بابت بيانن سان پيڄجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته اهي بئي انهن صحيح ۽ مستند بيانن جي منافي نه آهن سواء ان روايتن جي: هڪ ص ۲۶۸ تي ڏنل لاڏي بابت 'عقيل بن عمرو' نالي راوي جو بيان، ۽ ٻيو ص ۲۷۵ تي بنو تميم جي ڪنهن نامعلوم شخص ذريعي نقل ڪيل بيان جنهن ۾ محمد بن قاسم جو حجاج کان سندس ڏيءُ جو سڱ گهرڻ وارو قصو بيان ٿيل آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ص ۴۳۹، حاشيه ۱۳۱/[۹۴] ۾ محمد بن قاسم جي شادي متعلق تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي جنهن مان مٿين ٻنهي روايتن جي تردید ٿئي ٿي.

(ج) مقامي روايتون:- مدائني جون روايتون خواهه اهي ٻيون روايتون جي عرب راوين جي سنڌن جي سلسلن سان موجود آهن سي عرب محققن جي فن روايت جي اصولن موجب ڏنل آهن. انهن مان اڪثر روايتن جا سلسلا انهن عرب راوين تائين پهچن ٿا جن کي واقعات جي براه راست خبر هئي. ڪن ٻين روايتن جا سلسلا سنڌ جي مقامي روايتن مثلاً ابو محمد (۱)، ابو الليث هندي (۲) ۽ امير محمد والي ساوندي سمه (۳) تائين پهچن ٿا. انهن راوين مان ابو محمد ۽ ابو الليث ٻئي عرب قبيلي بنو تميم سان وابسته هئا ۽ سندن روايتون مدائني ۽ ٻين عرب راوين ذريعي پهتل آهن. ساوندي سمه جو والي امير محمد، غالبا عرب هو، مگر ڪنهن نقل ڪيل روايت جو سلسلو اسناد حذف ٿيل آهي. انهن ٽن راوين مان صرف ابو محمد هندي جو ص ۲۶۷ تي ڏاهر جي قتل ۽ لاڏي جي گرفتاري بابت بيان دراصل ٻئي هڪ نامعلوم مقامي شخص کان نقل ٿيل آهي ۽ انهيءَ ڪري ان گمنام شخص جي سند کي مستند چئي نٿو سگهجي جيئن ته مٿي ص 2 تي ڄاڻايو ويو آهي.

---

(۱) ڏسو فتحنامه ص ص ۱۴۵، ۳۵۶ ۽ ۲۶۷. (۲) ايضاً، ص ص ۱۶۴ ۽ ۲۶۱. (۳) ايضاً ص ۳۲۰.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عرب راوين سان وابستہ انهن ٽن مقامي شخصن جي بيانن کانسواءِ بہ فتحنامہ ۾ ڪاڻي اهڙو مواد موجود آهي جنهن جو بنياد مقامي روايتن تي آهي. اهڙين روايتن سان صرف هڪ روايت ص ۲۵۸ تي (شجاع ذلي شخص جي ڏاهر سان مقابلي بابت) اهڙي آهي جنهن ۾ مقامي راوي، رام سيه برهمڻ، جو نالو ڪنيل آهي. باقي هيئيون روايتون، فن روايت جي اصول موجب نہ آهن چاڪاڻ تہ انهن ۾ ڪنهن بہ راوي جو نالو ڏنل ڪونهي:

۱- صفحي ۲۱ ڪاڻ صفحي ۹۷ تائين اسلامي فتوحات کان اڳ واري سنڌ جي تاريخ واري سڄي بيان جو مدار هڪل مثل گهاڻهن تي آهي ۽ ڪٿي بہ ڪنهن راوي جو نالو چاڻايل ڪونهي. مثلاً ص ۱۱ تي شروعات ٿي غير معلوم "خبرن جي راوين ۽ تاريخ جي مصنفن" سان ٿئي ٿي ۽ ص ۲۹ تي "هن داستان جو مصنف ۽ هن بوستان جو لکندڙ" پڻ نامعلوم آهي. هن باب ۾ ص ۴۹ تي عرب امير عين الدوله ريحان مدني جو ذڪر، ص ٦٦ تي رسول الله صلعم جي هجري ٻئي سال ڏانهن اشارو ۽ ص ۹۵ تي عرب قبيلہ بنو سامہ جي علائقين جو سنڌ ڏانهن ڇڪي اچڻ وارو ذڪر ڏيکارين ٿا تہ هي باب يقيني طور ڪنهن مسلمان مؤرخ جو جمع ڪيل آهي. ازان سواءِ هن باب ۾ سنڌ جي ڪن مقامي واقعات ۽ حالات جا تفصيل ڏيکارين ٿا تہ هن تاريخي باب مرتب ڪرڻ ۾ ڪافي تحقيق کان ڪم ورتو ويو آهي. البتہ هن باب ۾ ڇپ ۽ رائي سونهن‌ديوي جي عشق واري داستان وارو افسانوي رنگ غالباً فارسي مترجم جو اضافو آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

۲- ص ۲۰۷ تي، ڏاهر جو محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ مهراڻ جي ٻئي ڪناري تي سامهون تيار ٿي بيهڻ واري بيان جو مدار بہ مقامي روايت تي آهي مگر غالبا ان جي صحت جي تصديق لاءِ ان کي خاص طرح "هند جي دانائن" ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۳- ص ۳۰۱ تي لاڏي بابت بيان ظاهراً غير معتبر آهي چاڪاڻ ته اتي صاف چاٽايل آهي ته اهو بيان "برهمڻاباد جي مڪيه ماڻهن کان ڏنڊ کڻائڻ ۾ آڻين ٿا".

۴- ص ۳۲۸ تي اروڙ جي جادوگرڻ وارو قصو محض هڪ قصو ئي آهي، چاڪاڻ ته ان جي روايت مبهم آهي ۽ چاٽايل آهي ته "هن گاڏهه جي سنواريندڙن هن طرح بيان ڪيو آهي".

۵- ص ۳۳۴ تي، اروڙ جي برهمڻ قيدي سپاهي وارو قصو به محض هڪ افسانو آهي چاڪاڻ ته "هن گاڏهه جا راوي ۽ هن تاريخ جا بيان ڪندڙ" مبهم ۽ نامعلوم آهن.

۶- ص ۳۳۶ تي جيسينڊ جو ڪيرج ڏانهن سدد لاءِ وڃڻ وارو بيان "وڏن ۽ مڪيه ماڻهن کان بدل گاڏهين" تي مبني آهي، ۽ جيتوڻيڪ "وڏن ۽ مڪيه ماڻهن" وارا الفاظ جيسينڊ جي ڪيرج ڏانهن وڃڻ واري بيان جي صحت جي تائيد ڪن ٿا مگر ان بيان ۾ جيسينڊ سان 'چگي' جي محبت وارو افسانو غالباً فارسي مترجم طرفان ٺاهي جوڙي بيان ڪيل آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

۷- ص ۳۳۶ تي جيسينڊ جي ولادت ۽ بهادري وارو قصو "اروڙ جي ڪن برهمڻن" کان بيان ٿيل آهي ۽ محض هڪ حڪايت آهي جنهن کي تاريخي اهميت ڪانهي.

متڻين مواد جي علاوه، مترجم علي ڪوفي به پنهنجي طرفان عبارت آرائي جي لحاظ سان اضافا ڪيا آهن جن جي هيٺ وضاحت ڪئي ويندي.

اصل عربي ڪتاب جي تاليف بابت راءِ:- فتحنامه جي تاريخي پس منظر

۽ ان جي سموري مواد جي جملہ ماخذن بابت متين ڪيل وضاحت مان معلوم ٿيو ته فتحنامه جي تاليف جو سدار هيٺين سرچشمن تي آهي:(۱) مدائني جا ٻه ڪتاب، "ڪتاب فتح مڪران" ۽ "ڪتاب ثغرالهند"، (۲) مدائني کانسواءِ (؟) ٻين ڪن عرب مؤرخن ۽ راوين جا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌ جي فتح بابت بيان: ۽ (۳) سنڌ ۾ اسلام کان اڳ واري دؤر حڪومت ۽ محمد بن قاسم جي فتح سان واسطو رکندڙ ڪن حڪايتن بابت سنڌ جي مقامي مائڻن، دانائن، مڪين، برهمڻن ۽ وڏي عمر وارن جا زباني بيان.

پٿرئين ۽ ٻئي سر چشمي ۾ تمز ڪرڻ مشڪل آهي، چاڪاڻ ته روايتن جا سلسلا حذف ٿيل آهن ۽ بالڪل ممڪن آهي ته فارسي ترجمي ۾ جي روايتون ٻين راوين ڏانهن منسوب آهن سي دراصل مدائني جي واسطي سان قلمبند ٿيل هجن مگر سندس فالو چڪي ڏنو ويو هجي. هن دليل جي تائيد هن حقيقت مان ٿئي ٿي ته انهن راوين مان جن بابت به ڪجهه معلوم ٿي سگهيو آهي، سي مدائني کان اڳ جا آهن ۽ غالباً سندن بيان مدائني ذريعي ٿي پوين تائين پهتا. بهرحال پهرئين ۽ ٻئي سرچشمي جي راوين ۾ ابوالحسن مدائني سڀ کان پوءِ آهي ۽ انهيءَ کري يا ته هيءَ ڪتاب خود مدائني (۱۳۵-۲۲۵هـ) تصنيف ڪيو يا ته مدائني جي وفات (سنه ۲۲۵ هـ) بعد تصنيف ٿيو. فتحنامه ۾ خود ابوالحسن مدائني واربن روايتن مان ڪن جي آڏو جاڻايل آهي ته هن ڪن راوين جي ذريعي ابوالحسن کان اهي بيان نقل ٿيل آهن (۱)، جنهنجي معني ته شايد ابوالحسن کان پوءِ اهي بيانات ڪائنس صدري روايتن ذريعي يا سندس ڪتابن ذريعي قلمبند ٿيا.

جنهن مواد جو خاص مقامي روايتن تي مدار آهي ان جي سنه تاليف بابت يقيني طور ڪجهه به چئي نٿو سگهجي چاڪاڻ

---

(۱) مثلاً، فارسي متن ۾ صفحي [۱۰۳] تي هي الفاظ آهن: حڪماء دوربين و بزرگان برگزين از ابوالحسن روايت كردند"؛ صفحي [۱۵۷] تي "از ابوالحسن مدائني روايت كردند" جا الفاظ آندل آهن؛ ۽ صفحي [۱۶۴] تي "در احاديث مي آرند از (علي بن) محمد ابي‌الحسن المدائني" جا الفاظ آندل آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ته سواءِ 'راءِ سيه برهمڻ' جي ٻين راوين جا ٻالا ناپيد آهن ۽ خود راءِ سيه جو اڪلو ٻالو ڪاب رهنمائي نٿو ڪري سگهي.

فتحنامه جي سڄي متن ۾ ڪاب اهڙي مستقل اندروني شهادت موجود ڪانهي جنهن جي بناء تي ان جو سنه تاليف متعين ڪري سگهجي. البته ص ۳۴۹/ [۲۳۶] تي هڪ عربي شعر ڏنل آهي جو ابو الفتح بستي جي قصيده مان آهي (۱)، جنهن سنه ۴۰۰/۱۰۱۰ هـ ۾ وفات ڪئي. مگر جيئن ته ان شعر جو نفس مضمون سان ڪوبه واسطو ڪونهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو فارسي مترجم طرفان وڌايل هجي، انهيءَ ڪري انڪي فتحنامه جي سنه تاليف بابت سند طور پيش ڪرڻ منطقي طور صحيح نه ٿيندو.

البته مترجم علي ڪوفي جي ديباچي ۾ ڄاڻايل آهي ته اصل عربي ڪتاب "عرب عالمن" جو لکيل هو ۽ ان جو نسخو قاضي اسمٰعيل (سنه ۶۱۳ هـ) جي "ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين" لکيل هو ۽ سندس خاندان ۾ آڳاڻي وقت کان ميراث طور ورثي ۾ هلندو پئي آيو (۲). "ابن ڏاڏن" ۽ "ميراث طور ورثي ۾ هلندو اچڻ" ان هڪ ڳماڻي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شايد هي ڪتاب تقريباً ٻن اڍائن سوَ ورهين کان هن خاندان ۾ هجي. اهو اندازو چوڏهين صدي هجري تائين پهچي ٿو ۽ انهيءَ بناء تي چئي سگهجي ٿو ته اصل عربي ڪتاب مدائني جي وفات کان وٺي چوڏهين صدي هجري جي آخر واري عرصي، يعني ته ۲۲۵ هـ کان ۴۰۰هـ واري عرصي ۾ تاليف ٿيو هجي.

---

(۱) ڏسو آخر ۾ ص ۵۲۳، حاشيه ۳۴۹/[۲۳۶].

(۲) ڏسو مئي مقدسه ص3. اليٽ (Elliot) "هٿ اکرين لکيل" مان مراد "تصنيف ڪيل" وٺن ٿو ڪهري (ڏسو تاريخ اليٽ جلد ۱" ص ۱۳۴) مگر اهڙي گمان لاءِ ڪاب ثابتي موجود ڪانهي. جيڪڏهن هيءُ ڪتاب قاضي اسمٰعيل جي وڏن مان ڪنهن جو تصنيف ڪيل هجي ها ته هو اهڙي خبر علي ڪوفي کي ٻڌائي ها.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مدائني کان سواءِ ٻئي جنهن به هيءَ کتاب تاليف ڪيو تنهن مدائني جي تصنيف "کتاب فتح مکران" ۽ "کتاب ثغرالهند" تي ٿـي ان جـو بنياد رکيو ۽ انهيءَ ڪري هيءَ کتاب محمد بن قاسم هٿان سنڌ جي فتح واري بيان تي ختم ٿيو. جيڪڏهن ۲۲۵ هـ ۴۰۰ هـ واري عرصي ۾ لکندڙ مؤلف کي تاريخ سنڌ بابت ڪنهن نئين تاريخ تصنيف ڪرڻ جو خيال هجي ها ته ان وقت تائين جا ٻيا به ڪيئي گورنر حڪمراني ڪري چڪا هٿا ۽ انهن جو ذڪر به ڪتاب ۾ شامل ڪري ها.

جيتوڻيڪ هن ڪتاب جو تعلق هڪ محدود تاريخي عرصي سان آهي، مگر واقعات جي تفصيل سبب هـي ڪتاب هڪ ممتاز تاريخي حيثيت رکي ٿو. سنڌ جي اسلام کان اڳ واري تاريخ جو حتي‌الامڪان تفصيلي بيان، محمد بن قاسم جو شيراز کان رواني ٿيڻ کان ويندي آخر ۾ ملتان جي فتح تائين مفصل تاريخي بيان، محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جـي درميان لڙائي جـي تياري، توڙي لڙائي جي ڪيفيت ۽ مختلف معرڪن جا ذڪر پرزي حالات، جنگي واقعن ۽ خاص موقعن تي عرب شاعرن جا اشعار، حجاج ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ خط و ڪتابت جو تفصيلي رڪارڊ ـ هتحنامي ۾ اهو جملي تاريخي مواد اڪثر نئون ۽ انوکو آهي بلڪ ٻين عرب تاريخن ۾ ڪمياب آهي. ڪتاب جي تاليف ۾ اوٽايون هڪ ته غير معتبر مقامي روايتن کي داخل ڪرڻ سان پيدا ٿيون آهن؛ ٻيو تـه نسخن جـي نقل در نقل سبب، اسماء خاص ۽ واقعات جـي سنن ۽ سالن ۾ تحريف ۽ تصحيف ۽ عبارتن جي خلل سبب وجود ۾ آيون آهن؛ ۽ ٽيون وري غالباً فارسي مترجم طرفان روايتن جي سلسلن کي حذف ڪرڻ ۽ رنگين عبارت آرائي طرف توجهه ڏيڻ سبب واقع ٿيون آهن. روايتن جي سلسلن ۾ قطع برید سبب واقعات جي صحت کي پرکڻ البته ناممڪن ٿي ٻيو آهي، باقي ٻـن جملي ڪمين بيشين جي علمي تحقيق ۽ تنقيد سان تلافي ٿي سگهي ٿي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اصل عربي ڪتاب جو نالو:. اصل ڪتاب جنهن جو علي ڪوفي ۶۱۳ هـ ڌاري ترجمو ڪيو، ان جو سر ورق تي يا شروع ۾ ڪتاب توڙي اصل مصنف جو نالو هڪ قرين قياس نظر اچي ٿو، مگر فارسي مترجم علي ڪوفي ان بابت پنهنجي ديباچي ۾ ڪابه وضاحت ڪانه ڪئي، بلڪ پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ هڪ نئون نالو تجويز ڪيو، جو غالباً هڪ ته هڪ سبب ۽ ٻيو ته ترجمي جي آخر ۾ هڪ سبب راڄ نه ٿي سگهيو. انهيءَ ڪري ٻوين پڙهندڙن ان کي مختلف نالن سان سڏيندي بالآخر ان کي "چچ نامه" سڏيو ۽ اهو آسان مگر غلط نالو مشهور ٿي ويو. گذريل صدي ۾ ايلفنسٽن ٻڌايون ڏنو، انديا آفيس لئبريري واري قلمي نسخي جي مطالعي بعد، ڪتاب جو نالو "تاريخ هند و سند" ڄاڻايو (۱). ان بعد الٽ پنهنجي تاريخ ۾ واضح ڪيو ته "چچ نامه" جي نالي لاءِ خود ڪتاب اندر ڪابه ثابتي موجود ڪانهي، بلڪ ڪتاب جي شروع توڙي آخر ۾ ان کي "فتحنامه" سڏيو ويو آهي (۲). آخر ۾ شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي فارسي متن مان ڪتاب جي نالي بابت حوالا جمع ڪري واضح ڪيو ته ڪتاب جو "فارسي ۾ اصل نالو فتحنامو" هو (۳) ۽ انهيءَ لحاظ سان فارسي ايڊيشن جي سر ورق تي ڪتاب جو نالو "فتحنامه سند المعروف بـه چچ نامه" ڪري لکيائين. اسان هيٺ هن مسئلي تي قدري تفصيل سان روشني وجهنداسون.

جيئن ته ڪتاب جو اصلي عربي نالو اسان ڄاڻين نه ٿا بهتو آهي، انهيءَ ڪري خود فارسي ترجمي جي اندروني شهادتن جي آڌارتي

(۱) ڏسو ايلفنسٽن جي انگريزي ۾ لکيل "هندستان جي تاريخ"، ڇاپو پنجون، لنڊن ۱۸۶۶ع، ص ۳۱۱ حاشيه ۳۱. (۲) الٽ جي تاريخ جلد ۱ ص ۱۳۱. (۳) "فتحنامه سند المعروف بـه چچنامه"، تصحيح ڊاڪٽر دائود پوٽي، مقدمه ص "بو".

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ان جو اندازو لڳائي سگهجي. ڊاڪٽر داؤد پوٽو ص ص [۱۱]، [۱۴] ۽ [۲۴۸] جا حوالا ڏنا آهن جن هن ڪتاب لاءِ "ابن فتحنامد" جا لفاظ آيل آهن؛ انهن کانسواءِ ٻين صفحن تي هيٺين قسم جا حوالا موجود آهن: "ابن ڪتاب تاريخ هندو.... فتح سند" [ص ۸]، 'تاريخ ابن فتح' [ص ۱۰]؛ 'ابن فتحنامه [۱۳] "فتح نامه" (بمعني فتح جو احوال جو محمد بن قاسم حجاج ڊانهن لکيو) [ص ص ۱۸۶-۱۸۷ ۽ ۱۹۱، ۱۹۶ ۽ ۱۹۹] انهن حوالن مان ظاهر آهي ته لفظ "فتحنامد" مترجم ٻن معنائن ۾ استعمال ڪيو آهي: لفظي طور بمعني 'فتح جو احوال يا خط' ۽ اصطلاحي طور هيءَ ڪتاب جنهن جو خاص تعلق سنڌ جي فتح سان آهي. هاڻي اگر تسليم ڪجي ته لفظ "فتحنامد" اصل عربي ڪتاب جي ڪالي واري مفهوم کي قدري ادا ڪري ٿو، ته ٻوءِ صرف ايترو چئي سگهجو ته اصل ڪالي ۾ شايد "فتح" جو لفظ هو. ص [۱۰] تي "تاريخ ابن فتح" وارو فقرو به قدري ان گمان جي تائيد ڪري ٿو. ٻئي طرف ص [۸] تي ڏنل عبارت، "مجرر ابن ڪتاب تاريخ هندو مقرر فتح سند"، به ڇڙ ٻباڻي معلوم ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن انهيءَ عبارت مان اصل عربي ڪتاب جي ڪالي جو اندازو لڳائجي ته به صرف ايترو چئي سگهجو ته شايد انهيءَ اصلي ڪالي ۾ "تاريخ هند و فتح سند" جهڙا الفاظ هئا.

ياقوت پنهنجي ڪتاب "معجم البلدان" (۴۵۷۳) ۾ ملتان جي بُت بابت لکندي چوي ٿو ته "ذکره المديني في فتوح الهند و السند" يعني ته "مديني ان (بت) جو ذکر فتوح الهند و السند" ۾ ڪيو آهي. ياقوت جو هي اکيلو حوالو جيتري قدر قيمتي ۽ دلچسپ آهي اوتري قدر مبهم به آهي. جيڪڏهن ان ۾ "المديني" کي "المدائني" تسليم ڪجي ۽ "فتوح الهند و السند" کي ڪتاب جو خاص نالو ڪري وٺجي ته پوءِ چئبو ته ابوالحسن مدائني هڪ ڪتاب "فتوح الهند والسند جي" نالي سان به لکيو هو (جو ياقوت ۱۱۷۹-۱۲۲۹ع جي مطالعي هيٺ رهي چڪو هو)، ۽ انهيءَ لحاظ سان فارسي مترجم جا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

متيان الفاظ يقيني طور انهيءَ نالي تي غمازي ڪن ٿا. جڏهن هي وضاحت تسليم ڪجي، تہ پوءِ چئبو تہ هي 'فتحنامہ' غالباً ابوالحسن مدائني جي تصنيف آهي، ان جو اصل نالو "فتوح الهند و السند" هو، ۽ مدائني جي تصنيف جي حيثيت ۾ اهو ڪتاب تقريباً سنہ ۱۵۰ هـ (جڏهين مدائني جي عمر ڪم از ڪم ۱۵ ورهيہ هئي) ۽ ۲۲۵ هـ (جڏهين مدائني وفات ڪئي) جي وچ ڏاري تصنيف ٿيو. مگر ڪنهن بہ مستقل شهادت جي غير موجودگي ۾، هن اڪيلي حوالي جـي بناء تـي اهو نتيجو فيصلہ ڪن بنجي نٿو سگهي، ڇو تہ ياقوت جي متعين حوالي جا بيا مطلب بہ ٿي سگهن ٿا (۱)، مگر ان جي باوجود بہ ايترو چئي سگهجي ٿو تہ هن حوالہ ۾ "فتوح الهند والسند" وارو فقرہ،

---

(۱) پهريون تہ هن حوالي ۾ مصنف جو نالو "المديني" آهي ۽ نہ "المدائني" ۽ انهيءَ ڪري مذڪور ڪتاب "فتوح الهند و السند" جو مصنف "المديني" هو ۽ نہ "المدائني" جيئن تہ فتحنامي ۾ "المديني" نالي شخص جو ايترو ذڪر ناهي. انهيءَ ڪري "فتوح الهند و السند" يقيني طور بالڪل هڪ ٻيو جدا ڪتاب هو. خود ياقوت پنهنجي ٻئي ڪتاب "معجم الادباء" ۾ المدائني جي تصنيفن جا نالا ابن نديم جي ڪتاب الفهرست تان نقل ڪري ڏنا آهن مگر نڪي ياقوت جي انهن نقل ڪيل نالن ۾ ۽ نڪي ابن نديم جي اهل ڪتاب ۾ مدائني جي ڪتاب "فتوح الهند و السند" جو ذڪر آهي. ٻيو تہ جيڪڏهن فرض ڪجي تہ هن حوالي ۾ صورتخطي جي غلطي سبب "المديني" لکجي ويو آهي ۽ دراصل اهو صحيح نالو "المدائني" آهي تہ بہ "فتوح الهند و السند" واري فقرہ مان لازمي طور مراد ڪو خاص ڪتاب وٺي نٿو سگهجي: بلڪ اهو اشارو مجموعي طور المدائني جي ڪتابن "ڪتاب فتح مكران"، "ڪتاب ثغر الهند" ۽ "ڪتاب عمال الهند" ڏانهن ٿي سگهي ٿو جن ۾ هند ۽ سنڌ جي بين فتوحات جو ذڪر هو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بلاذري جي باب "فتوح السند" جو عنوان، ۽ فتحنامي جون متيون عبارتون انهيءَ نتيجي ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون تہ غالباً اصل عربي ڪتاب جو نالو "فتوح الهند و السند" هو.

افسوس جو فارسي مترجم علي ڪوفي نہ اصل ڪتاب جي نالي بابت ڪا وضاحت ڪئي، ۽ نہ وري پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ ڪو صاف ۽ واضح نالو منتخب ڪيو. هڪ تہ پنهنجي ترجمي لاءِ نالي چونڊڻ جي تجويز ئي ڪيس ڪتاب پوري ڪرڻ بعد ياد آئي ۽ ٻيو تہ ترجمي جي نالي چونڊڻ ۾ پڻ پنهنجي مربي وزير عين‌الملڪ جي نالي جو لحاظ رکيائين ۽ انهيءَ ڪري هڪ آسان ۽ صاف نالي جي بدران پنهنجي ترجمي لاءِ هڪ ڏگهو ۽ ڏکيو تڪلف "لقب" ايجاد ڪيائين- يعني تہ "منهاج‌الدين و الملك، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملك" (۱). مگر هڪ تہ خود انهيءَ ڏگهي لقب جي انوکي ساخت ۽ سٽاءَ ۾، معنوي لحاظ سان، شڪ گاڏيئين آهي، ۽ ٻيو تہ وري فتحنامي جي قلمي نسخن ۾ ڪاتبن جي غلطين سبب يا خود مترجم جي مختلف عبارتن سبب، هن ڏگهي لقب کي "سماءالدين و الملك، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملك" ۾ پڙهي سگهجي ٿو، تہ وري ان ۾ "عين الملك" واري فقره کي "علاء الملك" ۾ پڙهي سگهجي ٿو (۲).

ظاهر آهي تہ مترجم علي ڪوفي بعد، ٻين ماڻهن جن سندس فارسي ترجمي جا قلمي نسخا پڙهيا هوندا انهن کي ۽ هن ڏگهي ۽ مبهم لقب سان ڪتاب کي ياد ڪرڻ ۾ آساني نہ ٿي هوندي. اهوئي سبب آهي جو "طبقات اکبري" (تصنيف ۱۰۰۲ هـ) جي مصنف (جنهن جو حوالو اڳتي ۾ آڳاٽو آهي) توڙي ان بعد "زبدةالتواريخ (تصنيف سنه ۱۰۱۴-۱۰۲۵هـ) جي مصنف، هن ڪتاب کي علي ڪوفي جي ان ڏگهي "لقب" جي بدران هڪ مختصر نالي "منهاج‌المسالڪ"

---

(۱) فتحنامي ص ۳۶۸ (۲) ڏسو حاشيه (۱)- (۱) ص ۳۶۸ ۽ آخر ۾ ص ۵۵۳ تي ڏنل حاشيه ۳۶۸/[۲۴۷].

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سان ياد ڪيو آهي. هيو ته جيڪڏهن مترجم علي ڪوفي پنهنجي ايجاد ڪيل انهيءَ ڏڳهي لقب کي پنهنجي ترجمي جي شروع واري ديباچه ۾ بيان ڪري ها ته پويان پڙهندڙ ان کي آساني سان معلوم ڪري سگهن ها، ۽ پوءِ ڪٿي ڪتاب کي "منهاج الدين" يا "منهاج المسالڪ" جهڙن مختصر نالن سان سڏين ها ته بـه متفقه طور "منهاج" لفظ هن ترجمي جي نالي جو پڪو پايه بنجي وڃي ها. مگر جيئن متي بيان ڏي چڪو، علي ڪوفي کي پنهنجي ترجمي لاءِ موزون لقب چونڊڻ جي ڏير سان ياد ڪيري آئي ۽ اهو لقب ڪتاب جي آخر ۾ بيان ڪيائين. انهيءَ ڪري پوين پڙهندڙن کي ديباچه ۾ ڪتاب جو ڪوبه نالو نظر ڪونه آيو، ۽ شروع واري تاريخي باب ۾ چچ باهت ڏنل ڏگهي بيان ۽ چچ جي حرفت ۽ هوشياري کان متاثر ٿي، "شاهنامه" ۽ "سڪندر نامه" جي مناسبت سان، هن ڪتاب کي "چچنامه" سڏائون. پانڌجي ٿو ته ڪتاب جو اهو مصنوعي نالو ڪافي آڳاٽي وقت کان مشهور ٿيو، جاڪاڻ ته "طبقات اڪبري"، جو سنه ۱۰۰۲ هـ ۾ تصنيف ٿيو، ۽ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو موجود ڪتاب آهي جنهن ۾ فتحناميءَ جو ذڪر ملي ٿو، تنهن جا ان متعلق هي الفاظ آهن ته: "تاريخ منهاج المسالک که مشهور به چچ نامه است" (۱). ان جي معنيٰ ته ڪم از ڪم ۱۰۰۲هـ کان گهٽو اڳ علي ڪوفي جو هيءُ فارسي ترجمو "چچنامه" جي غلط مگر آسان نالي سان مشهور ٿي چڪو هو. "طبقات اڪبري" بعد "بيگلارنامه" جو سنه ۱۰۱۷ هـ جي تصنيف آهي ان ۾ هن ترجمي کي "ڪتاب چچنامه" جي عام نالي سان سڏيو ويو آهي (۲). خود فتحنامي جي سڀني موجوده قلمي نسخن ۾ سڀ کان آڳاٽو قلمي نسخو جو شوال سنه ۱۰۶۱هـ ۾ لکيو ويو ۽ جو پنجاب يونيورسٽي لئبريري ۾ محفوظ آهي، ان جي سر ورق تي به هيءَ عبارت لکيل آهي: "اين تاريخ فتح سند است متعلق

---

(۱) طبقات اڪبري، جلد ۳ ص ۵۰۶ (۲) بيگلارنامه، نسخ قلمي مڪتبه عاليه هزهائنس مير نور محمد خان مرحوم حيدرآباد سنڌ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چچنامہ خواند است محمد بن قاسم خویش حجاج" (۱)۔ هن مبهم عبارت ۾ پڻ "چچنامه" جو نالو موجود آهي۔ انهن حوالن سان ظاهر آهي ته ۱۱ـ صدي هجري جي شروع کان هيءَ کتاب "چچنامه" جي عام نالي سان سڏجڻ لڳو، بلڪ ان کان به اڳ انهيءَ نالي سان مشهور ٿي چڪو هو۔ ان وقت کان اڄ تائين اهو کتاب انهيءَ نالي سان مشهور رهيو آهي، حالانڪ علمي طور انهيءَ نالي کي متفقه طور استعمال ڪونہ ڪيو ويو آهي، جاکاڻ ته هن کتاب جي قلمي نسخي ن ۾ (جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو) جو سنہ ۱۲۳۲ هـ جـو لکيل آهي، ان ۾ کتاب جو نالو "مهناج‌الدين معروف به چچنامه" ڄاڻايل آهي، ۽ ٻئي نسخي ک ۾ (جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو) جو سنہ ۱۰۸۸ هـ، جو لکيل آهـي ان ۾ کتاب جـو نالو "تاريخ قاسمي" يا "چچنامه" لکيل آهي۔

بهرحال کتاب جي اصل عربي نالي جو نشان نہ ملڻ، خود اصل فارسي نالي جو مبهم هڻڻ، ۽ آساني خاطر پين بدليل ۽ غلط نالن جي رائج ٿيڻ جو وڏو سبب مترجم علي ڪوفي جي اصل کتاب متعلق بي احتياطي ۽ پنهنجي کبل ڦيرگهير آهي۔ هيٺ اسان انهيءَ اهم مسئلي تـي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون۔

---

(۱) هن ساڳئي سر ورق جي چوٿي تي ڪهي طرف "فتح نامه ابا مسلم" جا الفاظ لکيل آهن ۽ ان بعد ٽين ڄاڻايل عبارت آهي؛ ان جي هيٺان وري هيءَ ناقص عبارت آهي: "ابن قصه ابا مسلم مروذي که جنگ کرده باشد..... مرورود..... وکشتن او درين کتاب تمام مذکور شد..... فتحنامه ابن..... مرورود..... و حافظ محمد ظهور الدين۔" هن عبارت جو سلسلو وري نسخي جي بالڪل پوئين صفحي تي پڻيان شروع ٿئي ٿو جنهن جو تعلق ابو مسلم مروروذي (خراساني) ۽ خراسان جي گورنر نصر بن سيار جي لڙائي سان آهي، مگر انهيءَ سڄي عبارت جو هن نسخي جي اندروني مواد سان ڪو، تعلق ڪونهي۔

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مترجم علي ڪوفي ۽ سندس فارسي ترجمه

مترجم:- خود مترجم بابت اسان کي صرف اهيئي محدود حالات ملن ٿا جي هن پاڻ پنهنجي متعلق پنهنجي فارسي ترجمي جي ديباچي ۾ ۽ وري ڪتاب جي آخر ۾ ڏنا آهن.

پنهنجو سڄو نالو "علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي" (۱) ڄاڻايو اٿس (ص ۱۱). سنہ ۶۱۳ هـ ۾ سندس عمر ۵۸ ورهيه هئي (ص ۱۲)، جنهن جي معني ٿي هو تقريباً ۵۵۵ هـ ۾ ڄائو. سندس نسبت "ڪوفي" مان گمان نڪري ٿو ته شايد هو ڪوفي ۾ ڄائو ۽ اتي ئي وڏو ٿيو. سندس بيان موجب هو جڏهين "پنهنجي عمر جو هڪ عرصو آرام ۽ نعمت ۾ گذاري چڪو ۽ ڪميني دنيا مان وڏو نصيب ۽ مڪمل حصو ڪٽي چڪو تڏهن حادثن جي مصيبتن ۽ زماني

---

(۱) اصل فارسي عبارت هن طرح آهي، "بنده دولت محمدي علي بن محمد بن ابي بڪر ڪوفي- ص [۸]. ڪتاب جي قلمي نسخن ۾ ڪن صاحبن غلطي وچان لفظ "محمدي" کي "محمد" يا "محمد بن" ڪري پڙهيو آهي ۽ اهڙي طرح "الڀٽ" (جلد ۱ ص ۱۳۱ تـوڙي "ايٽي" (فهرست انڊيا آفيس لٽبرري No. 435) سؤلف جو نالو "محمد علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي" ڪري لکيو آهي، ۽ "ريو" (فهرست متحف برطانيه جلد ۱، ص ۲۹۰) وري "محمد بن علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي" ڪري ڄاڻايو آهي، حالانڪ فارسي متن ۾ ٽن ٻين جاين تي سؤلف پنهنجو ذاتي نالو صاف طور "علي" ڪري لکيو آهي- ڏسو ص ۱۱/ [۸]، ۵/[۱۱] ۽ ۱۹/[۱۳]. روهڙيء جي سيد محب الله پنهنجي مختصر تاريخ سند (فارسي قلمي نسخي) ۾ ٻه دفعا سؤلف جو نالو "علي بن ابراهيم الڪوفي" ڪري لکيو آهي مگر خود سؤلف جي پنهنجي عبارت انهيء گمان جي تردید ڪري ٿي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي اوچتين آفتن کان [مجبور ٿي] پنهنجي اصلوکي وطن ۽ پيدائش جي جڳهه کان جدا ٿي ڪي ڏينهن اچي آڇ مبارڪ ۾ سڪونت ڪري آرام ورتائين" (ص ص ۱۱-۱۲) هن مان ظاهر آهي ته سندس اوائلي زندگي ڪافي آرام ۽ شان سان گذري، ۽ زندگي ۾ "مڪمل" ڪاميابي واري فقره مان گمان نڪري ٿو ته شايد هو جوانيءَ بعد، يعني اندازاً چاليهن ورهين جي چمار کان پوءِ، پنهنجي اصلي وطن (ڪوفي؟) مان مجبوراً هجرت ڪري آخر "ڪي ڏينهن اچي آڇ مبارڪ ۾ سڪونت ڪري آرام ورتائين" (ص ص ۱۱-۱۲). ان وقت اتي جي حڪومت سنڌ ۽ ملتان جي سلطان ناصرالدين قباچه (۶۰۲-۶۲۵ هـ) جي هٿ ۾ هئي جو هڪ بهادر، بيدار مغز ۽ علم پرور سلطان هو، ۽ مغلن جي فتنه سبب خراسان، غور ۽ غزنه جي فاضلن ۽ عالمن اچي سندس دربار ۾ آجهو ورتو هو ۽ سلطان مڙني سان مهربانيون ڪيون. سندس وزير شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر پڻ هڪ وڏو علم دوست ۽ عالمن جو قدردان هو. وزير شرف الملڪ، علي ڪوفي جي وڏي عزت ڪئي ۽ کيس دل کولي نوازيو، ۽ اهڙيءَ طرح هو ڪيئي سال سنڌ "مهرباني جي ڇانو" ۾ رهيو ۽ سنڌ "احسان تي پلجي" آرام ورتائين (ص ۱۵). وزير شرف الملڪ بعد سنڌ اولاد به کيس نعمتن سان نوازيو جو پاڻ لکي ٿو ته "سنڌ اولاد..... جي نعمت جا حق ڪنهنجي گردن تي لازم آهن" (ص ۱۵).

فتحنامه جي ديباچي مان ظاهر آهي ته علي ڪوفي هڪ ديندار شخص هو. ص ۹ تي سلطان ناصرالدين قباچه بابت سنڌ دعائيه اشعار ۽ ص ۱۸ تي ڏنل قطعه ڏيکارين ٿا ته هو هڪ چڱو خاصو شاعر هو. فتحنامي جو ترجمو سنڌ سادي فارسي نثر ۽ مؤثر اسلوب بيان جي ساک پيري ٿو، ۽ پڻ اسلامي تاريخ سان سنڌ خاص دلچسپي ثابت ڪري ٿو. غالباً انهن علمي ۽ ادبي لياقتن سبب ئي سلطان ناصرالدين ۽ سنڌ قابل وزيرن جي دربار ۾ علي ڪوفي کي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مقبوليت حاصل ٿي. مگر سنه ٦١٣ هـ ۾ جڏهن سنڌس عمر اٽونجاهه ورهيه هئي، سنڌس بخت ڦيرو کاڌو ۽ خوشي خاڪ ٿي وئي. انهيءَ کري ٻيا سڀ آسانگا ڀلي تصنيف ۽ تاليف طرف توجهه ڪيائين ۽ هندستان جي اوائلي اسلامي فتوحات بابت ڪتاب جي گولا ۾ آڇ مان اروڙ جو سفر اختيار ڪيائين، جتي مولانا امام قاضي اسماعيل سان ملاقات ٿيس. قاضي اسماعيل ڪيس اوائلي اسلامي فتوحات جي تاريخ متعلق هڪ عربي ڪتاب ڏيکاريو جو قاضي صاحب جي "ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين" لکيل هو ۽ جو سنڌس خاندان ۾ هڪڻي کان ميراث طور رهندو پئي آيو (ص ١٤). علي ڪوفي هن ڪتاب کي عربي مان فارسي ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان ترجمي کي پنهنجي مرحوم مربي وزير شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر جي زنده فرزند عين الملڪ فخر الدين حسين جي نام نامي اسم گرامي سان منسوب ڪيو (ص ص ١٦-١٧). غالباً وزير عين الملڪ کانئس منهن موڙيو هو ۽ انهيءَ کري هن ڪتاب جي انتساب ذريعي سنڌس رضامندو حاصل ڪرڻ ٿي چاهيائين: "جئن هن کوڙي وٽ جي وسيلي آساني سان درجا حاصل ڪري سگهي، ۽ بلند درگاه ۾ ويجهڑائي حاصل ٿئي ۽ قبوليت جي اقبال سان مشرف ٿئي" (ص ٢٠).

علي ڪوفي جو اهوئي ترجمو ٿيل ڪتاب "فتحناسه" جو هن وقت "چچنامه" جي نالي سان سڏجي ٿو، اسان تائين پهتو آهي. اهو معلوم نه آهي ته ان تاليف بعد علي ڪوفي ڪيترو وقت زنده رهيو ۽ ٻيا ڪهڙا ڪتاب لکيائين. مگر جيئن ته هن باقي عمر لاءِ تصنيف ۽ تاليف کي ٿي پنهنجو خاص مشغلو بنايو هو، انهيءَ کري ٿي سگهي ٿو ته هن ٻيا به ڪي ڪتاب لکيا هجن. هن پوئين دؤر جي هڪ مصنف سيد محب الله پنهنجي مختصر "تاريخ سنڌ" ۾ علي ڪوفي جي ان ٻين ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن ۽ سنڌس نالو غلطيءَ وچان "علي بن ابراهيم ڪوفي" کري چائايو اٿس. تاريخ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي "حصي دوم" ("در تفصيل امصار و بلاد و حصار و قصبات سنده و وجه تسميه و لغة آنها") ۾ حيدرآباد تـوڙي ماڻيلي جي بناء بابت ڪتاب "تنقيح الاسناد" جون عبارتون اختصار سان نقل ڪيون اٿس- ۽ شهر ميرپور (ايڇ ماڻيلي) بابت پڻ ساڳئي ڪتاب مان نقل ڪرڻ بعد لکيو اٿس تہ: "انتهي ترجمه 'تنقيح الاسناد في تشريح الامصار و البلاد' تصنيف علي بن ابراهيم الڪوفي صاحب چچناميه" وري ڪتاب جي "حصه سوم" ("بقية ذيل الاوراق در تشريح ذوات سنده") ۾ ذات "ڪلتاس" بابت لکي ٿـو تہ "صاحب ڪتاب الانساب علي بـن ابراهيم الڪوفي ميگويد ڪه ڪلتاس نام مردي بود از مغول ڪـه حـالا ڪلتاسيان منسوب باوانـد." ڪتاب جـي حصه چهارم" ("تتمه خاتمه در تشريح بعضي امـاڪن و جبال مشهور وغـيره") ۾ "تهان ستي" (ستين جو ٿان) بابت پڻ ساڳئي "ڪتاب‌الانساب" مان عبارت نقل ٿيل آهي جنهن جي آخر ۾ آهي تہ: "انتهي خلاصة عبارت سيد علي اصغر تتوي." جنهن جـي معني تـه دراصل سيد علي اصغر ٺٽوي "ڪتاب الانساب" جـو حوالو ڏيندڙ ڪتاب ۾ آندو هو ۽ سيد محب‌الله اهـا عبارت نقل ڪئي آهي. سيد محب‌الله پنهنجي ڪتاب ۾ هيٺين ماخذن جـا نالا ڏنا آهن: چچنامه، تحفة الڪرام، تاريخ طاهري، جـمع الجوامع، طبقات بهادر شاهي، تاريخ بي‌بدل، رساله سيد علي اصغر ٺٽوي الملقب به خاڪسار، ۽ تاريخ سيوستاني. علي ڪوفي جـي ڪتابن جو ذڪر ماخذ طور ڪونہ ڪيو اٿس، جو غالباً علي ڪوفي جا ڪتاب وٽس ڪين هئا ۽ جن ڪتابن مـان نقل ڪيائين تن ۾ علي ڪوفي جي ٻن ڪتابن جا حوالا موجود هئا. چناڇ علي ڪوفي جي "ڪتاب الانساب" جـو حوالو "رساله سيد علي اصغر ٺٽوي" جـي عبارت ذريعي نـقل ٿيل آهي ۽ ٻئي "ڪتاب تنقيح الاسناد في تشريح الامصار والبلاد" جو حوالو به غالباً هن ساڳئي رسالي، يا تاريخ سيوستاني تان ورتل

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، جيتوڻيڪ اهو چاڻايل نه آهي ۽ اڻين پيو معلوم ٿئي جو جڏ ته اهو ڪتاب خود سيد محب الله جي آڏو موجود هو.

بهرحال علي ڪوفي جي انهن ٻن ڪتابن جا اهي انوڪا ۽ مبهم مگر دلچسپ حوالا ڏيکارين ٿا ته علي ڪوفي پنهنجي باقي زندگي تصنيف ۽ تاليف ۾ صرف ڪئي ۽ "فتحناسه" جي علاوه غالباً ٻيا ڪتاب ڪ لکياڻين، پر فقط سندس "فتحناسه" وارو فارسي ترجمو ئي سندس تصنيفات ۾ سڀ کان مشهور ٿيو. فارسي ترجمه تي تنقيدي نظر:- اصل عربي ڪتاب جي حقيقت ڄاڻين پهچڻ لاء هيءَ معلوم ڪرڻ ضروري آهي ته مترجم علي ڪوفي سندس هن فارسي ترجمي ۾ پنهنجي طرفان ڪهڙا اضافا ڪيا آهن يا ڪهڙيون ترميمون ڪيون.

مترجم "مخلص ڪتاب" يعني ڪتاب جي خاتمي واري عنوان هيٺ: هن ڪتاب کي عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي ضرورت ۽ اهميت کي واضح ڪندي لکي ٿو ته:-

"اگرچ عربي زبان ۽ حجازي لغي ۾ وڏو درجو هوس..... ليڪن جنهن صورت ۾ حجاري پرده ۾ (ڍڪيل) هو ۽ پهلوي (فارسي) هوليءَ جي زيور ۽ سينگار کان خالي هو، تنهنڪري عجم ۾ رائج نه ٿي سگهيو. ايران جي ڪنهن به سينگاريندڙ، نه هن فتح نامي جي ڪنوار کي سينگاريو هو، ۽ نڪي زبان جي سينگار خاني ۽ حڪمتن جي بجڪي (بغچي) مان هن کي ڪو وڳو ڏيکايو هو: نه عقل جي خزاني مان ڪو زيور پهرايو هو، ۽ نه وري فصاحت جي ميدان ۽ بلاغت جي باغيچن مان هن ميدان ۾ گهوڙو ڊوڙايو هو" (ص ٣٦٩).

مترجم جا متيان الفاظ "فارسي ترجمي" بابت سندس خيالات جي ترجماني ڪن ٿا. سندس خيال موجب (١) ايراني مصنفن جي طرز موجب ان کي سينگاريل، (٢) زبان جي رنگيني سان ان کي چمڪائيل، (٣)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دانائي ۽ عقل جو زيور ڀرائڻ يعني تہ ضرورت مطابق تشريح ڪرڻ ۽ نتيجا ڪيڻ، ۽ (۴) اسلوب بيان کي فصاحت ۽ بلاغت جي سانچي ۾ سمورڻ- اهي جملي ضرورتون هن "فارسي ترجمي" ۾ درڪار هيون. مترجم جي انهيءَ نظريي جو عڪس سندس هن ڪيل فارسي ترجمي ۾ جابجا نظر اچي ٿو ۽ سندس انهيءَ نظريي ۽ سمجهڻ سان سندس طرفان ڪيل اضافن ۽ ترميمن جو به پتو لڳائي سگهجي ٿو.

شروع ۾ پهرين ويهن صفحن (۱-۲۰) ۾ ڪتاب جو ديباچو، ۽ آخر ۾ "دعاء" ۾ مخلص ڪتاب" (ص ص ۳۶۸-۳۷۰) وارا عنوان تہ ظاهراً مترجم طرفان آهن جن کي شامل ڪرڻ ۾ هو بالڪل حق بجانب آهي. مگر انهن کانسواءِ به هيا ڪافي اضافا آهن جي مترجم جي مٿي ڏيڪاريل نظريي جي زير اثر ڪتاب جي متن جو جز بنجي ويا آهن. ان سلسلي ۾ هيٺيان اضافا غور طلب آهن:-

(۱) عورتن جا قصا ۽ عشقيه افسانا:- 'فتحنامه' ۾ جو خالص تاريخي مواد، واقعات ۽ فتوحات جي ذڪر جي صورت ۾ موجود آهي، ان جي تسلسل خواه تفصيل تي معتبر عرب تاريخون شاهد آهن ازانسواءِ خود فارسي عبارت جي جملن جي سٽا ۽ ساخت ظاهر ڪن ٿا تہ اهو اصل عربي متن تان ترجمو ٿيل آهي. انهيءَ خالص تاريخي مواد جي برعڪس جو حڪايتي ۽ روايتي مواد آهي تنهن جي فارسي عبارت ٻي ڏيڪاري ٿي تہ اهو مواد اصل عرب مؤرخن جو نہ آهي ڇاڪاڻ جو نہ ان ۾ خالص تاريخي حقائق سان بحث آهي ۽ نڪي وري ان ۾ انهن آڳاڻن عرب مؤرخن جي اسلوب بيان وارو ايجاز ۽ اختصار آهي.

اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ اهو حڪايتي مواد اڪثر مقامي روايتن تي مبني آهي، ۽ شايد اروڙ ۽ بڪر جي عربي النسل قاضين جي ڪوشش سان ان کي گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو هجي. انهيءَ مواد ذريعي فارسي مترجم علي ڪوفي کي هن ڪنوار کي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سينگارڻ لاءِ ميدان ملي ويو، ۽ جتي جتي عورتن بابت اشارا هنا تن کي هن پنهنجي ترجمي ۾ فارسي وارو انسانوي ۽ رومانوي رنگ ڏيئي بنائي ناهي پيش ڪيو. اهڙيءَ طرح رائي سونهن ديوي ۽ چچ جو عشق (ص ص ۲۸-۳۲)، ڏاهر جي پٽ "مايين" ۽ سوپن راءِ پاتيءِ جي مگڻي جو قصو (ص ص ۷۴-۸۰)، ڏاهر جي زال "لاڏي" ۽ محمد بن قاسم جي شادي جو قصو (ص ص ۱۳۱ ۽ ۲۶۸)، ڏاهر جي پاڻيجي 'جمنا' ۽ سندس نڪاح جي حڪايت (ص ص ۲۸۴-۲۸۵)، جيسينه سان ڪيرج جي راجا دروهر جي پٽ 'چگي' جي محبت جو داستان (ص ص ۳۳۶-۳۴۶)، ۽ آخر ۾ ڏاهر جي ٻن ڏيئرن، محمد بن قاسم ۽ خليفي وليد وارو قصو (ص ص ۳۶۳-۳۶۷)۔ انهن مڙني قصن کي انسانوي رنگ ڏيئي، مرچ مصالح گهنديءِ، نوڙي مان نانگ بنائي پيش ڪرڻ ۾ فارسي مترجم علي ڪوفي جو غالباً وڏو هٿ آهي. اهو سندس روماني تخيل جو نتيجو آهي جو رائي سونهن ديوي فارسي شعر ۾ پنهنجي محبت جو اظهار ڪري ٿي (ص ۲۹)، ۽ پٽ "ڪيرج" جي حاڪم دروهر جي پٽ 'چگي'، جيسينه جي عشق جي آگ ۾ پچي ۽ پچري ٿي ۽ بستري تي ليٽندي فارسي رباعي جهونگاري ٿي (ص ۳۴۰). مطلب ته اصل متن ۾ انهن گهاڙهين بابت جي ڪو اشارو هو ته ان کي ڇڪي افسانو بنايائين. سندس اهو وڏاءُ صرف عشقيه حڪايتن تائين محدود نه رهيو بلڪ جتي به گنجايش ڏنائين اتي گهاڙهه کي وڌايائين. ص ص ۳۲۸-۳۲۹ تي اروڙ جي جادوگرياڻي واري گهاڙهه محض هڪ اجائي ڊيگهه آهي، ۽ ص ص ۳۳۴-۳۳۶ تي برهمڻ سپاهي ۽ محمد بن قاسم جي گهاڙهه به سندس هن وڏاءَ جو هڪ مثال آهي جنهن ۾ اروڙ جو برهمڻ سپاهي فارسي شعر پڙهي ٿو!!

(۲) عبارت آرائي: مترجم، ترجمي متعلق "عبارت جي هار" (ص ۱۵) ۽ "زبان جي سينگارخانه" (ص ۳۶۹) جي خصوصيتن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اڃ مطابق پنهنجي هن ترجمي ۾ پٽ محض عبارت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آرائي ۽ رنگين بياني خاطر کي اضافا ڪيا اٿس جن جو نفس مضمون سان ڪوبہ تعلق ڪونهي.

انهن اضافن مان هڪ تہ (غالباً سندس پنهنجا) اهي فارسي اشعار آهن جي ڪنهن نہ ڪنهن زال يا مرد جي واتان چوايا اٿس (جن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي) يا موقعي جي مناسبت سان آندا اٿس۔ مثلاً ص ۳۳۵ تي هڪ فارسي رباعي وعده وفائي جي اصول جي تصديق خاطر، ۽ ص ۳۴۹ تي شاعر ابوالفتح بستي جي هڪ عربي قصيده (۱) جو بيت "صلاح مشوره جي حڪمت عملي بابت، شاهد طور آندا اٿس.

ٻيو تہ اسلوب بيان جي رنگيني خاطر سڌي سنئين ڳالهہ کي تڪليف ۽ تصنع سان ادا ڪيو اٿس، جنهن جو مثال هيٺيون بار بار آيل عبارتون آهن جن جي سنئين سڌي الفاظ ۾ معني آهي تہ "سڄ لٿو" "صبوح ٿيو" يا "سڄ اپريو":-

ص ۱۴۶: ڄڏهين دنيا ڪاري گودڙي ڏکي ۽ ستارن جو بادشاهہ رات جي ڪارنهن واري چادر ۾ لڪي ويو.

ص ۱۶۷: ٻئي ڏينهن ڄڏهن صبح صادق اونداهي جي پردي مان اطلس جو لباس ٻهري ظاهر ٿيو.

ص ۱۷۴: ڄڏهن رات جو سرمائي پردو ستارن جي بادشاهہ (سڄ) جي روشنائي جي چوڪ سان ڦاڙي ٻيو.

ص ۲۴۹: ٻئي ڏينهن ڄڏهن صبوح (پنهنجو) جهان کي سينگارينڊڙ ۽ دل کي وٺندڙ حسن، مشرق جي طرف کي ڏيکاريو.

ص ۲۸۸: ڄڏهن صبح صادق انڌاري رات جي پرده مان ٻاهر نڪتو.

ص ۳۴۰: ٻئي ڏينهن ڄڏهين ستارن جو بادشاه (سڄ) آسمانن جي برجن مان نڪتو ۽ سرمائي پردو ڦاڙي ڦٽو ڪيائين،

---

(۱) تصديق لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ، ص ۵۲۳

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ص ۳۶۲: ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهه (سج) رات جي پرده مان ظاهر ٿيو.

(۳) لقبن جا اضافا:- مترجم جي ڏينهن ۾ بادشاهن، بزرگن جي شان ۾ شوڪت خاطر فخريه لقبن جو استعمال عام ٿي چڪو هو. "شهاب الدين" ۽ معزالدين" ٻئي سلطان محمد بن سام غوري جا شاهي لقب هئا. ڪائنس پوءِ سلطان "ناصرالدين" قباچه جي حڪومت ۾ مترجم علي ڪوفي آڻ ۾ آيو. سلطان ناصرالدين جي وزير ابوبڪر جو لقب "رضي الدين" هو جو علي ڪوفي جو وڏو مربي هو. ان بعد وزير ابوبڪر جو پٽ حسين "فخرالدين" جي لقب سان وزير ٿيو، جنهن ڏاڻهن علي ڪوفي پنهنجو فارسي ترجمو منسوب ڪيو. وقت جي انهيءَ رواج موجب علي ڪوفي به پنهنجي ترجمي ۾ اڳين بزرگن ۽ امير جي نالن اڳيان اهڙن لقبن جو اضافو ڪيو. مثلاً پنهنجي متن ۾ (۱) ص [۱۲]/۱۶ تي نبي صلعم جي ساڻي ابوموسيٰ الاشعري رضه کي "ڪريم الدين، وجيه العرب، نظام الملة و قوام الملة" جي لقبن سان ياد ڪيو آهي، حالانڪ ان وقت ۾ اهڙن لقبن جو نالو نشان به ڪونه هو. ساڳيءَ طرح ص [۹]/ ۱۳ تي محمد بن قاسم کي "عمادالدولة و الدين" جو لقب ڏنو آهي، ٻين پنجن جاين (۲) تي محض "عماد الدين" تي اڪتفا ڪئي آهي، ۽ ص [۲۷۰]/۱۸۲ تي وري کيس "ڪريم الدين" جو لقب ڏنو آهي. اسان ص ۳۷۲ تي ڏنل حاشيه ۾ وضاحت ڪئي آهي ته محمد بن قاسم انهن لقبن کان آجو هو ۽ محض سندس ڪنيت "ابوالبهار" هو. ص [۲۳۵]/۲۴۷ تي اروڙ جي قاضي موسيٰ لاءِ "برهان الملة والدين"

---

(۱) هن ترجمي ۾ ڪي القاب به سندين ۾ ترجمو ٿي وبا آهن انهيءَ ڪري تصديق لاءِ فارسي متن ڏسڻ گهرجي جنهن جا صفحا چورس ڏنڪين ۾ ڏنل آهن (۲) ڏسو ص ص [۱۳، ۱۰۶، ۱۴۱، ۱۶۳ ۽ ۲۴۴]/۱۳۰، ۱۴۹، ۲۰۲، ۲۳۵ ۽ ۲۶۴

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو لقب آندو اٿس ۽ سندس اولاد مان پنهنجي همعصر قاضي اسماعيل کي وري ص [۹] تي "کمال الملة والدين" جو لقب ڏنو اٿس. نہ فقط ماٿهن لاء مگر پنهنجي هن فارسي ترجمي لاء به ص [۲۴۷]/۳۶۸ تي "منهاج الدين..الخ" جو لقب تجويز ڪيو اٿس. مطلب تہ اهي لقبن وارا اضافا محض سندس "زبان جي سينگارخانہ" جون سوکڙيون آهن ورنہ انهن جو حقيقت سان ڪوبہ تعلق ناهي.

(۴) تشريحي اضافا:- ترجمي ڪرڻ وقت اصل عربي متن ۾ آيل ڪن شهرن يا مڪانن جي نالن کي مترجم مختصر الفاظن ۾ سمجهايو آهي تہ اهي سندس وقت ۾ ڪٽي هٽا يا ڪهڙا هٽاء. مثلاً

ص ۶۷/[۴۹]: چچ، مڪران ۽ ڪرمان جي وچ ۾ حد مقرر ڪئي. انهيءَ حد جي وڌيڪ وضاحت لاء چيو ويو آهي تہ "اها ساڳي حد اسان جي هن وقت تائين قائم آهي." اهي الفاظ ظاهراً مترجم جا آهن ۽ محض گماني آهن.

ص ۶۸/[۴۹]: هت شهر 'قندابيل' جي وضاحت ۾ چاٽايل آهي تہ "قندابيل يعني قندهار." 'يعني قندهار' وارو فقرہ ظاهراً مترجم جي طرفان آهي جو صحيح نہ آهي. قندابيل مان مراد "گنداوا" آهي جنهن بابت اسان ص ۴۱۶ تي ڏنل حاشيه ۾ روشني وڌي آهي.

ص ۱۵۲/[۱۰۷]: هن صفحي تي "کارمتي" ۽ "ندمتي" لفظن جي تشريح مترجم طرفان کيل آهي ۽ لکي ڏو تہ: "کارمتي يعني گل‌شور" (کاري مٽي) ۽ "ندمتي يعني گل سمين" (چاندي جهڙي مٽي). سندس انهن فقرن تي ص ۴۵۸ تي ڏنل حاشيه ۾ روشني وڌي وئي آهي.

ص ۲۴۷ [۱۷۱] هت لفظ "نيم نيزه" جي تشريح ۾ لکي ڏو تہ "لوهو دستو جنهن کي سيل به چوندا آهن" ۽ وري ص ۲۵۸ [۱۷۸] تي به ساڳي لفظ جي وضاحت ڪندي لکيو اٿس تہ "لوهہ جا دستا جنهن کي هندو سيل چوندا آهن."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ص۳۱۷/[۲۱۷]: هن صفحي تي شهر برهمٹاباد جي وضاحت ۾ چيل آهي ته برهمٹاباد يعني بابراه. "يعني بابراه" وارو فقرو مترجم طرفان آهي ۽ هن صحيح طور برهمٹاباد جو مقامي نالو "بابراه" (يعني هانيڙاه) ڏنو آهي جيئن ته اسان ص ۵۰۷ تي ڏنل حاشيه ۾ ان جي وضاحت ڪئي آهي.

مٿيان جملي اضافا مترجم علي ڪوفي پنهنجي فارسي ترجمي ۾ رنگين بياني، عبارت آرائي، يا تشريح خاطر ڪيا آهن ۽ سندس نقطهٔ نگاه کان هو ان ۾ حق بجانب آهي. البت انهن اضافن اصل صحيح ۽ معتبر عربي تاريخ جي ڪتاب کي افسانوي رنگ ڏنو آهي، ۽ ان جي قدر ۽ قيمت کي سطحي محققن جي نظر ۾ البت گهٽايو آهي. تنهن هوندي به گهري نظر سان مترجم جي انهن اضافن کي هڪ سگهجي ٿو ۽ ڪتاب جي اصليت کي پروڙي سگهجي ٿو.

انهن اضافن جي علاوه، مترجم علي ڪوفي کان ڪي ڪميون عمداً توڙي سهواً واقع ٿيون آهن جن جي تلافي مشڪل آهي. هيٺين ڪمين، خاص طور اصل عربي ڪتاب جي صحت تي وڏو اثر وڌو آهي:-

(۱) پهريون ته مترجم علي ڪوفي اصل ڪتاب جو نالو نه ڏنو ۽ ان جي بدلي پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ پر تڪلف نالو تجويز ڪيو. انهيءَ اصولي ڪمي نه صرف اصل عربي ڪتاب جي نالي کي محو ڪري ڇڏيو بلڪ آينده لاءِ ان جي جڙ تو نالن لاءِ ميدان کولي ڇڏيو، جنهن جو بيان مٿي اڳي ڇڪو آهي.

(۲) پهو ته مترجم، اصل عربي ڪتاب ۾ مختلف بيانن بابت راوين جي سڌن وارن سلسلن کي ڪيترن ئي جايون تي غير ضروري سمجهي ڇڏي ڏنو آهي ۽ راوين جي نالن ڏيڻ بدران محض "راوين" يا "لڪندڙن" جهڙا مبهم الفاظ ترجمي ۾ رکيا آهن. مثلاً:-

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ص ۲۱ ڪتاب جي شروعات ۾ ٿي راوين جا نالا حذف ڪري هنن مبهم لفظن سان شروع ڪري ٿو ته: "خبرن جي راوين ۽ تاريخ جي مصنفن هن طرح بيان ڪيو آهي- الخ".

ص ۳۹ "هن داستان جو مصنف ۽ هن بوستان جو مصنف هن طرح روايت ٿو ڪري- الخ" (چچ جي راڻيءَ سوڦهن ديوي سان شادي بابت)

ص ۵۲ "هن فتح جي گاڏهه لکندڙ هن طرح چيو آهي- الخ" (چچ جو ڪشمير کان اروڙ ۾ واپس اچڻ بابت)

ص ۹۷ "هنن خبرن جي راوين ۽ هنن روايتن جي ڄاڻن هن طرح بيان ڪيو آهي- الخ" (عهد اسلام ۾ فتحن جي شروعات بابت)

ص ۱۰۱ "هن روايت جي ڪن راوين ۽ هن داستان جي ڪن لکندڙن بيان ڪيو آهي- الخ" (حضرت عثمان رضه جي ڏينهن ۾ فتوحات بابت)

ص ۱۳۱ "خبرن ۾ تصرف ڪندڙ ۽ روايتن جا تفسير ڪندڙ هيٺ ٿا چون- الخ" (محمد بن قاسم جي سنڌ جي محاذ تي مقرري بابت)

ص ۲۰۰ "هن گاڏهه جي راوي چيو ته- الخ" (راڄ ڏاهر جي نصيحت بابت)

ص ۲۴۹ هنن ڪنوارين (حڪايتن) جي سينگارينڊڙن هن طرح روايت ڪئي آهي ته- الخ" (۱۰- رمضان تي محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي جنگ بابت).

انهن حذف ڪيل سنڌن جي بناء تي ڇڻي سگهجي ٿو ته اسان جي فارسي مترجم کي تاريخي اسناد جي اهميت جي پوري ڄاڻ نه هئي. يا نٿجي ٿو ته اصل سنڌن ۾ ڏنل ڪيٽ عربي نالن کي ڪيئي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اجمالي طور متين سهڻن لفظن وارن جملن لکڻ سان مترجم کتاب جو زيب و زينت وڌائڻ ٿي گهربو. متين جاين مان کتاب جي شروعات، اسلامي فتوحات جي شروعات وغيره اهڙا مقام آهن جن تي عربي تاريخ جي اصول موجب سڏن تفصيل سان بيان ٿيل هوندیون؛ غالباً مترجم اهي اسناد جا خاص ڏگها سلسلا محض عبارت آرائي خاطر حذف ڪيا آهن ڇاڪاڻ ته هين جاين تي جتي هڪ يا ٻن راوين جا نالا آهن ته اهي قائم رکيا اٿس: ممڪن آهي ته انهن مان ڪن جاين تي، خصوصاً قبل از اسلام وارن بيانن (مثلاً چچ جي راڻي سونهن ديوي سان شادي) لاءِ، اسناد جا سلسلا نه به هجن، مگر عهد اسلام وارين اسناد جي حذف هڻڻ سبب اها هڪ به مشڪل ٿي پئي آهي؛ ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته ص ۹۷ تي "عهد اسلام ۾ فتوحات" واري اهم باب جي شروعات سلسلي اسناد کان خالي نه هوندي، ڇاڪاڻ ته بلاذري به هربهو انهيءَ طرح شروعات ڪري، اهو بيان "علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف"، يعني المدائني جو سڄو نالو آڻي سندس زباني بيان ڪيو آهي.

بهرحال اسناد جا سلسلا ڇڏي ڏيڻ واري ڪمي هڪ وڏي اوڻائي آهي جا مترجم کان واقع ٿي آهي. سندس انهن بالڪل مبهم "روايتن" سبب ڪتاب جي اصليت تي قدري پرده پڄجي ويو آهي، ۽ محقق ۽ موضوع بيانن کي پرکڻ مشڪل ٿي ٻيو آهي. ازان سواءِ ڪتاب جي شروعات واري روايت ۾ اصل مصنف جي نالي هجڻ جو ٻڌ گمان آهي، مگر مترجم جي هن خالي عبارت آرائي سبب اها حقيقت ٻڌ محو ٿي وئي آهي.

(۳) ڏيون ته جتي اسناد جا سلسلا قائم رکيا اٿس اتي به به معلوم ٿئي ٿو ته اسناد کي مڪمل طور نه ڏنو اٿس مثلاً هيٺيون به روايتون غور طلب آهن:-

۱- ص ۱۰۳: هڏلي ڳالهه ڪئي آهي (حضرت علي رضه جي خلافت ۾ حارث بن مُرّه جي مڪران ۾ جنگ بابت)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۲- ص ۱۰۸: هن تاريخ جي سلجهائيندڙن، هذلي ۽ عيسيٰ بن موسيٰ کان روايت ڪئي آهي ۽ پنهنجي ٻيءَ کان ٻڌو (سفيان بن سلمه جو محاذ هند تي مقرر ٿيڻ)

ٻهرينءَ روايت ۾ صرف "هذلي" جو نالو ڪنيو ويو آهي مگر جنهن کان "هذلي" هيءَ خبر ٻڌي يا جنهن کي "هذلي" هيءَ خبر ٻڌائي، تن ٻنهي جا نالا روايت ۾ حذف ڪيا ويا آهن: يعني ته سلسلي اسناد جو ٻهرينءَ توڙي ٻوين ٻاڪو ڇڏيو ويو آهي. ٻيءَ روايت ۾ اسناد جو ٻهرينءَ حصو حذف ڪيو ويو آهي. خود فتحنامه ۾ ڏنل هيٺين ٻن روايتن جي اسناد جا سلسلا ثابت ڪن ٿا ته سنڌ جي روايتن جي سلسلي ۾ "هذلي" وچ واري ڪڙي آهي ۽ انهن روايتن ۾ ڪانئس اڳ توڙي پوءِ جي راوين جو هٿ ضروري آهي.

ص ۱۰۵: ابوالحسن، هذلي کان روايت ڪئي آهي ۽ هن مسلمة بن محارب بن زياد کان ٻڌو (عبدالله بن سوار جو محاذ هند تي مقرر ٿيڻ)

ص ۱۰۹: ابوالحسن، هذلي کان ٻڌو ۽ انهيءَ "اسود" کان روايت ڪئي (راشد جو محاذ هند تي مقرر ٿيڻ)

هنن مثالن مان ظاهر آهي ته غالباً فارسي مترجم جي بي احتياطي سبب اسناد جا سلسلا ناقص رهجي ويا آهن، جنهنڪري تحقيقي نقطهٔ نظر کان هڪ وڏي ڪمي پيدا ٿي پئي آهي. اهڙا مثال ٻيا به ڪافي آهن.

(۴) ڇوٽون ته ترجمي ڪرڻ وقت مترجم کان سهواً به ڪي اصل عربي عبارتون ڇڏجي ويون آهن جنهنڪري ترجمي ۾ پڻ خلل ۽ خال رهجي ويا آهن. عبارتن جي سمورتخطي واربون ڪميون پوءِ جي ڪاتبن جي بي احتياطي يا اڻ ڄاڻائي سبب واقع ٿيون آهن مگر ڪٽل عبارتون مترجم جي سهوَ جوئي نتيجو آهن ڇاڪاڻ ته ڪتاب جي فارسي ترجمي وارن جملي قلمي نسخن ۾ اهي عبارتون ڪٽل آهن. مثلاً:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۱ـ ص ص ۱۰۸-۱۰۹/[۸۱]: سنان بن سلمه ۽ احنف بن قيس وارو ذکر

۲ـ ص ۱۷۲/[۲۱]: ڪاڪي ڪوتل جي خاندان جو ذکر

۳ـ ص ۲۹۵/[۲۰۳]: علافي (يا جيسينه؟) جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ وارو ذکر

۴ـ ص ۳۱۶/[۲۱۷]: محمدبن قاسم، قتيبة ۽ جهم بن زحروارو ذکر

۵ـ ص ۳۴۴/[۲۳۳]: جيسينه جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ وارو ذکر

انهن ناقص عبارتن مان محض پهرئين ۽ چوٿين عبارت جي تصحيح مشڪل سان بين ڪتابن جي آڌار تي ٿي سگهي آهي مگر بين عبارتن جي تصحيح امڪان کان ٻاهر آهي. هن اهم تاريخي ڪتاب جا اهي خال ۽ خلل نهايت ئي قيمتي تاريخي معلومات تي دائمي حجاب آهن.

فارسي ترجمي جي اهميت:- باوجود مترجم جي ڪمين بيشمين جي، سندس هن فارسي ترجمي جي تاريخي توڙي ادبي اهميت مسلم آهي. مترجم، اصل عربي ڪتاب جو فارسي ۾ ترجمو ڪري اوائلي اسلامي- هندي تاريخ ٿي عموماً ۽ سنڌ جي تاريخ تي خصوصاً هڪ وڏو احسان ڪيو آهي، جاڪاڻ تہ اصل عربي ڪتاب جي غير موجودگيءَ ۾ "فتحنامه" ٿي انهيءَ آڳاڻي تاريخ جو اڪيلو سرچشمو آهي: نہ فقط ايترو مگر غالباً هيءَ پهريون ڪتاب آهي جو سنڌ جي سرزمين ۾ سنڌ ۽ هند جي تاريخ بابت تيار ڪيو ويو. ازانسواءِ "فتحنامه" انهن چند تاريخي ڪتابن مان آهي جي آڳاڻو عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيا. 'بلعمي' پهريون شخص هو جنهن ۳۵۰ ۽ ۳۶۰ھ جي وچ ڌاري تاريخ طبري جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. 'تاريخ سيستان' پيو ڪتاب آهي جنهن جو ڪافي مواد عربيءَ مان ترجمو ٿيل آهي مگر اهو ڪتاب دراصل فارسيءَ ۾ ٿي لکڻ شروع ڪيو ويو: ازانسواءِ صرف ان جو پهريون ڀاڱو 'فتحنامه' ڪان اڳ سنہ ۴۴۵-۴۴۸ھ ڌاري لکيو ويو مگر ان جو پيو ڀاڱو 'فتحنامه' بعد سنہ ۷۲۵

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاري تاليف ڪيو ويو (۱). ٽيون "ڪتاب‌الفتوح" احمد بن اعثم ڪوفي خليفي هارون رشيد جي دؤر تائين فتوحات بابت لکيو (۲)، جنهن جو فارسي ترجمو محمد بن احمد المستوفي" الهروي سنه ۵۹۶ هجريءَ ۾، يعني ته فتحنامه ڪان ۱۷-۱۸ سال اڳ ڪيو (۳) ۽ جن حالات ۾ هيءُ ترجمو ڪيائين، اهي ذري گهٽ علي ڪوفي جهڙا هئا: يعني ته مترجم جو ضلع بوشنج ۾ هي ڪتاب ترجمو ڪرڻ، ۽ خراسان جي وزير مؤيدالملڪ قوام الدوله والدين افتخار اڪابر خوارزم و خراسان جو سندس مربي هٿ. علي ڪوفي به جن ساڳي حالات ۾ سندس نقش قدم تي هليو ۽ ۱۷ سالن بعد ۶۱۳ هـ ۾ "فتحنامه" ترجمو ڪيائين. بهرحال "فتحنامه" انهن چند تاريخي ڪتابن مان چوٿون نمبر آهي جي آڳاڻي وقت ۾ عربي مان فارسيءَ ۾ ترجما ٿيا.

ادبي نقطهٔ نظر سان پڻ "فتحنامه" فارسي نثر جي بلڪل آڳاڻن ڪتابن مان آهي ۽ هندستان جي فارسي ادب ۾ غالباً فارسي نثر جو پهريون ڪتاب آهي. ان جو اسلوب بيان سادو ۽ سلوٽو آهي. عوفي پنهنجو "لباب‌الالباب" فتحنامه جي تاليف کان فقط ٽي-چار سال ڪن پوء سنه ۶۱۷ هـ ڏاري لکيو ۽ ان کي سلطان ناصرالدين جي ساڳئي وزير عين‌الملڪ فخرالدين حسين جي نالي سان منسوب ڪيائين، جنهن جي نالي علي ڪوفي "فتحنامه" کي منسوب ڪيو. يعني ته عوفي توڙي علي ڪوفي ساڳئي دؤر جا آهن، مگر "فتحنامه" جي مقدمي کي "لباب الالباب" جي مقدمي سان پيٽ

---

(۱) ڏسو "تاريخ سيستان" طبع طهران سنه ۱۳۱۴ شمسي، مقدمه ص 'و' (۲). ڏسو ياقوت، معجم‌الادباء (گب ميموريل) جلد ۱ ص ۳۷۹، ۽ لسان الميزان"، مطبوع حيدرآباد دڪن، جلد ۱ ص ۱۳۸ (۳) مطبوع بمبئي. (۳) ڏسو فهرست ريو (Rieu) جلد ۱، ص ۱۵۱، ۽ پڻ 'فتوحات اعثم ڪوفي'، مطبوع بمبئي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪندي واضح ٿي ٿو تہ عوفي جـي اسلوب بيان ۾ ڪافي تڪليف ۽ تصنع آهي ۽ ان جي برعڪس علي ڪوفي جـو اسلوب بيان وڌيڪ صاف، ساده ۽ پُراثر آهي.

فارسي ترجمي بعد ان جي اشاعت

علي ڪوفي سنہ ٦١٣ هـ (١٢١٦ع) ۾ تصنيف ۽ تاليف ڏانهن متوجهہ ٿيو ۽ انهيءَ سال يا ٻئي سال ستت ئي "فتحنامہ" وارو فارسي ترجمو تيار ڪيائين. جيئن تہ اهـو ترجمو سلطان ناصرالدين قباچہ جي وزير عين‌الملڪ فخرالدين حسين جي نالي منسوب ڪيائين. انهيءَ لاءِ تہ سندس "بلند درگاه ۾ ويجهڑائي حاصل ٿئي"، گمان غالب آهي تہ علي ڪوفي پنهنجي ترجمي جو هڪ نسخو ڪٻي وڃي آڇ ۾ (جو سلطان ناصرالدين جي گاديءَ جو هنڌ هو) وزير عين‌الملڪ جي خدمت ۾ پيش ڪيو هوندو. ممڪن آهي تہ هڪ نسخو اروڙ - بکر جي قاضين کي ڏنو هجيس، جن جي اصل عربي ڪتاب تان "فتحنامہ" ترجمو ڪيو هئائين، ۽ اهڙو ڪو هڪ نسخو پاڻ وٽ ۾ رکيو هجيس. مگر جيئن تہ ترجمي وقت (سنہ ٦١٣هـ) ۾ سندس عمر ٥٨ورهيہ هئي ۽ ان بعد ٻين مصنفن جي ڪتابن خواه سلطان ناصرالدين جي دربار جي سربرآورده درباري عالمن فاضلن ۾ سندس ذڪر ٿيو ملي، انهيءَ ڪري پانڌجي ٿو تہ علي ڪوفي ان بعد ڪو گهڻو وقت جيئرو ڪونہ رهيو ۽ انهيءَ ڪري فتحناسي جـا قلمي نسخا ۾ غالباً محدود ٿي رهيا.

"فتحنامہ" جو جهوني ۾ جهونو قلمي نسخو جو هن وقت تائين دريافت ٿي چڪو آهي: سو سنہ ١٠٦١ هـ جو لکيل آهي ۽ پنجاب يونيورسٽي لئبرريءَ ۾ محفوظ آهي. باقي جملي نسخا ١٢٣٠ هـ کان پوءِ جا لکيل آهن.

تعجب آهي تہ سنہ ٦١٣ هـ کان وٺي سنہ ١٠٦١ هـ تائين يعني تہ تقريبن سادين چئن سوَ ن واري انهيءَ عرصي جو ڪوبہ قلمي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نسخو هن وقت تائين نہ ملیو آهي. البت سلطان فیروز شاه طرفان ملتان جي گورنر عین الملک ماهرو جي لکیل خطن جي مجموعہ "منشات ماهرو" (۱) پر هڪ اهڙو حوالو موجود آهي جو غالباً 'فتحنامه' تان ورتل آهي. "منشات ماهرو" پر عین الملک طرفان سنڌ جي سمن حاڪمن جام بانيٽيه (بانهبنيه) ۽ جام جونہ ڏانهن لکیل خط موجود آهن، جي اندروني شهادتن جي بناء تي، تقريباً ۷۶۱-۷۶۵ هـ واري عرصي پر لکیل آهن. جام بانيٽيه سنڌ پر پنهنجي خود مختار حڪمراني قائم ڪرڻ ٿي چاهي ۽ انهيءَ ڪري دهلي جي مرڪزي حڪومت جي مخالف ڪندو رهيو. انهيءَ ڪري عین الملک پنهنجي هڪ جوابي خط پر سندس مخالفت ۽ عهد شڪني جو ذڪر ڪندي ڪيس طعنو ڏنو آهي تہ اها سنڌين جي قديم عادت آهي، ۽ انهيءَ سلسلي پر راجا ڏاهر جي ٻن ڏيئرن جي محمد بن قاسم خلاف سازش ۽ دغا واري ڳالهہ مثال طور آندي اٿس. جيئن تہ اها ڏند ڪٿا دراصل سواء فتحنامه جي ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب پر ڏنل ڪانهي، انهيءَ ڪري گمان غالب آهي تہ "فتحنامه" عین الملک ماهرو جي نظر سان گذريو هو ۽ شايد جام بانيٽيه بہ ان سان واقف هو جو عین الملک ان حڪايت کي مشهور سمجهي ڏانهنس لکیل خط پر ان جو ذڪر ڪيو آهي. بهرحال هن حوالي سان قدري تصديق ٿئي ٿي تہ ڪتاب جي فارسي ترجمي (۶۱۳ھ) کان تقريباً ڏيڍ سؤ سال پوء (۷۶۱-۷۶۵هـ) بہ هن ترجمي جا قلمي نسخا ملتان توڙي سنڌ پر موجود هئا.

ان بعد وري تقريباً اڍائي سؤ سال پوء، يارهين صدي هجريءَ جي اوائل ڌاري فتحنامه جي قلمي نسخن جي موجودگيءَ جو ثبوت ملي

---

(۱) مسلم يونیورسٽي علي ڳڙھ پر تاريخ جي پروفيسر محترم شيخ عبدالرشيد کان هڪ خط آ ڳاڻو پهتل آهي، جنهن پر هن صاحب لکيو آهي تہ هن 'منشات ماهرو' کي ايڊٽ ڪيو آهي ۽ ڪتاب زير طبع آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٽو چاکاڻ تہ طبقات اکبري (تصنيف سنہ ۱۰۰۲هـ)، تاريخ معصومي (تصنيف سنہ ۱۰۰۹هـ)، تاريخ فرشتہ (تصنيف سنہ ۱۰۱۵هـ)، بيگلارنامہ (تصنيف سنہ ۱۰۱۷هـ) ۽ زبدة التواريخ (تصنيف سنہ ۱۰۱۴-۱۰۲۵هـ) جي مصنفن ان مان سنڌ جي اوائلي تاريخ بابت حالات نقل ڪيا آهن.

ان بعد وري سؤ سال ڪن پوء هارهين صديء جي اوائل ۾ 'تاريخ مفضلي' (تصنيف سنہ ۱۱۲۴-۱۱۳۱هـ (؟) جي مؤلف مفضل خان، ۽ هارهين صديء جي آخر ۾ "تحفة الڪرام" (تصنيف ۱۱۸۲هـ) جي مصنف مير علي شير قانع، فتحنامہ مان سنڌ جي اوائلي تاريخ ۽ محمد بن قاسم جي فتوحات بابت حالات نقل ڪيا آهن.

فتحنامہ جا ترجما:- انهن آڳاڻن مؤرخن بعد موجوده عالمن ۽ مؤرخن گذريل صدي ۽ هن صديء ۾ "فتحنامہ" جي ترجمن طرف توجهہ ڏنو ۽ سڄي ڪتاب يا ان جي ڪن حصن جا انگريزي، سنڌي ۽ اردو ۾ هيٺيان ترجما ڪيا:

(الف) ليفٽيننٽ ٽي. پوسٽنس (T. Postans) غالباً پهريون شخص هو جنهن انگريزي زبان ۾ سنہ ۱۸۳۸ع ۽ سنہ ۱۸۴۱ع ۾ "جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال" ۾ هن ڪتاب جو مختصر ترجمو شايع ڪيو (۱). اها شروعاتي ڪوشش هئي، انهيء ڪري پوسٽنس جو ترجمو ڪافي ناقص آهي (۲).

(ب) ان بعد ايٽ، سڄي ڪتاب جا خاص تاريخي حصا ترجمو ڪيا (۳). مگر ماڻهن ۽ ماڳن جي نالن جي تحقيق ۾ سندس ترجمي ۾

---

(۱) ڏسو فهرست ريو (Rieu)، جلد ۲، ص ص ۸۹۲-۸۹۳ (۲) ڏسو "جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال"، جلد-۷ (No. LXXIV) سال ۱۸۳۸ع، ص ص ۹۳-۹۶ ۽ ۲۹۷-۳۱۰، ۽ جلد- ۱۰ (No. CXI) سال ۱۸۴۱ع، ص ص ۱۸۳-۱۹۷ ۽ ۲۶۷-۲۷۱ (۳) ڏسو ايٽ جي تاريخ، مقامي مؤرخن جي زباني، جلد ۱ ص ۱۳۷ (۴) ايضا جلد ۱ ص ص ۱۳۱-۲۱۱.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۾ نقص رهجي ويا، جن تي محقق هوڙي والا پنهنجي ڪتاب "هندي-مسلم تاريخ بابت مطالعات" (ص ص ۸۰-۱۰۰) ۾ تنقيدي روشني وڌي آهي.

(ج) ان بعد سنڌ جي مشهور اديب مرزا قليچ بيگ پهريون دفعو سڄي ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو جو ڪراچيءَ ۾ ڪمشنر جي پريس مان سنہ ۱۹۰۰ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. مرزا صاحب پنهنجي ترجمي جي تمهيد، مؤرخ ۲۰ نومبر ۹۰۰ ع ۾ لکي ٿو ته "ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾ مون کي ڪافي تڪليفون پيش آيون. منهنجي قلمي نسخي ۾ ايتريون ته چڪون ۽ خال هئا، جو مون کي ڪتاب جا جيترا ٽي سڳهيا اوترا ٻيا قلمي نسخا هٿ ڪرڻا پيا. انهيءَ لاءِ ته منهنجي نسخي کي انهن سان پيٽي غلطين جون درستيون ڪريان ۽ خالن کي پريان. مون کي حيدرآباد، ٺٽي، سکر ۽ شڪارپور مان دوستن جي مهرباني سان ۷ يا ۸ نسخا هٿ آيا، ۽ ان بعد ڪافي محنت ۽ ڪاوش سان، ۽ عربي عالمن جي مدد سان، مون (عبارت جون) درستيون ڪيون، ۽ جيترو ٽي سگهيو اوترو خال پريا (مگر بدقسمتيءَ سان سڀني قلمي نسخن ۾ چڪون ۽ خال هئا). ان بعد مون ڪتاب جو حتي الامڪان لفظ بلفظ ترجمو ڪيو.

"مون ڪافي حاشيا ۽ حوالا ڏنا آهن، جي مفيد ثابت ٿيندا. ازانسواءِ مشترڪ واقعات بابت مون تاريخ معصومي ۽ تحفةالڪرام جي بيانن جا اقتباسات ڏنا آهن. قرآن شريف جي آيتن لاءِ رڪوع ۽ سورتن جا حوالا مون سيل (Sale) جي انگريزي ترجمي تان ڏنا آهن، ۽ رچرڊسن جي ٽيبل تان مون هجري سالن جا مسيحي سال درج ڪيا آهن."

مرزا صاحب جي مٿين بيان مان ظاهر آهي ته سندس ڪوشش هن ڪتاب جي مڪمل ۽ حتي الامڪان صحيح انگريزي ترجمي لاءِ پهرين ڪوشش هئي. ان جي علاوه مرزا صاحب پنهنجي ترجمي جي آخر ۾، ماڻهن ۽ ماڳن جي نالي جي الف- بي وار فهرست ۾ شامل

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪئي آهي، جا موجوده طرز تحقيق جي نقطهٔ نظر کان هڪ قابل قدر اضافو موجود آهي.

انهيءَ اهتمام هوندي به مرزا صاحب جو انگريزي ترجمو ڪافي تصحيح جو محتاج آهي. مرزا صاحب جن ٻنهن قلمي نسخن کي سامهون رکيو هو تن جي ڪابه وضاحت ڪانه ڪئي اٿس، جو اندازو لڳائڻجي ته اهي نسخا ڪيتري قدر معتبر هئا. خود سندس راءِ موجب "سيني قلمي نسخن ۾ چڪون ۽ خال هئا"، ۽ انهيءَ ڪري ئي غالباً مرزا صاحب جي ترجمي ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي نالن خواه عبارتن ۾ ڪافي غلطيون رهجي ويون آهن.

(د) انڊيا آفيس لنڊن واري قلمي نسخي تان، سنڌ جي ميرن صاحبن جي اهتمام سان فتحنامه جو هڪ سنڌي ترجمو ٿيو جو ڪافي عرصي تائين هزهائينس ميرنورمحمد خان (حيدرآباد) جي ڪتبخاني جو زيب و زينت رهيو، ان بعد اهو ترجمو مرحوم خداداد خان مصنف "تب تاريخ سنڌ" جي ملڪيت بنيو، ۽ هن وقت محترم محمد حنيف صاحب صديقي وٽ محفوظ آهي.

(ه) سنه ۱۹۲۳ع ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب وري هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو شروع ڪيو. سندس ان ترجمي جو پهريون پاڳو، جملي ۶۰ صفحا، جو سنڌ جي قبل از اسلام واري تاريخ تي مشتمل آهي، ڪرشنا پرنٽنگ پريس (پهريان ۴۰ صفحا) ۽ بلٽونڪسي پريس (۴۱ کان ۶۰ صفحا) حيدرآباد مان شايع ٿيو. مرزا صاحب ان پهرئين پاڳي جي مهاڳ، مؤرخ ۳۰ جولاءِ ۱۹۲۳ع ۾ چاڻايو آهي ته: "هاڻي ڪن دوستن جي فرمائش موجب مون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي". آخر ۾ "اشاري" طور لکيو اٿس ته: "ڪتاب هن پاڳن ۾ ڇپڻو آهي. پهريون ننڍو پاڳو فقط ڇپ جي راڄ تائين آهي، باقي ٻئي پاڳي ۾ اچڻو آهي". مرزا صاحب جو هي ترجمو به محض ترجمو ئي آهي، ۽ تصحيح ۽ تحقيق کان خالي آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(و) مرزا قليچ بيگ صاحب جي انگريزي ترجمي تان، محترم محمد حفيظ الرحمان "حفيظ" بهاولپوري، ڪتاب جو اردو ۾ ترجمو ڪيو جو "عزيز المطابع الڪٽرڪ پريس بهاولپور" ۾ ڇپيو. مترجم جي ديباچي جي تاريخ ۱۰ رمضان ۱۳۵۷ھ/ء- نومبر ۱۹۳۸ع ڄاڻايل آهي. هيءَ ترجمي جو به ترجمو آهي ۽ انهيءَ ڪري صحت کان ناقص آهي.

فتحنامي جي فارسي متن جي اشاعت:- خود فارسي متن جي تصحيح ۽ تحقيق طرف سڀ کان پهريون توجهه سنڌ جي عالم، فاضل، محقق ۽ اديب، شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤد پوٽه ڪيو ۽ سندس تصحيح ڪيل "فتحنامه سند"، مجلس مخطوطات فارسيه حيدرآباد دکن جي سعي اهتمام سان سنه ۱۳۵۸ھ/۱۹۳۹ع ۾ مطبعه لطيفي دهلي مان ڇپجي شايع ٿيو.

موجوده تحقيق ۽ تجسس جي اصولن ۽ معيار مطابق هيءَ پهرين ڪوشش هئي، جنهن موجب فاضل مصحح، ڪتاب جا مختلف قلمي نسخا سامهون رکي، متن جي تصحيح ڪئي، ڪتاب جو مقدمو لکيو، متن جي وضاحت لاءِ حواشي ۽ تعليقات لکيا، ۽ آخر ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي فهرست شامل ڪئي.

متن جي تصحيح لاءِ فاضل محقق هيٺيان قلمي نسخا استعمال ڪيا:-

نسخه ب برٽش ميوزم وارو نسخو، ۹- محرم ۱۲۴۸ھ جو لکيل.

نسخه پ ڪتبخانه پنجاب يونيورسٽي وارو نسخه، ۴- شوال ۱۰۶۱ ھ جو لکيل.

نسخه ب ڪتبخانه بانڪيپور وارو نسخه، ۱۰-ذي قعده ۱۲۷۲ھ جو لکيل.

نسخه ڪ ڪتبخانه رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال، ڪلڪته، وارو نسخه ۹- آڪٽوبر ۱۸۸۷ع جو لکيل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نسخه س علاؤالدين صاحب سمه جو ذاتي نسخه؛ ڪاني ٻوء جو لکيل، تاريخ نامعلوم.

نسخه ج مير نور محمد خان جي ڪتبخاني وارو سنڌي ترجمو؛ محمد حنيف صاحب صديقيءَ وٽ موجود؛ تاريخ ترجمه نامعلوم.

انهن نسخن جي علاوه مصحح، مرزا قليچ بيگ واري انگريزي ترجمي توڙي اليٽ واري انگريزي ترجمي کي پڻ استعمال ڪيو.

انهيءَ اهتمام سان فتحنامه جو فارسي متن پهريون دفعو ڪافي صحيح نمونيءَ ۾ ڇاپي جي صورت ۾ علمي دنيا جي آڏو پيش ٿيو. متن جي حتي المقدور صحت جي علاوه، فاضل محقق پهريون دفعو ڪتاب جي اصل نالي تي مقدمه ۾ بحث ڪيو ۽ ڪتاب جي عام مشهور مصنوعي نالي "چچنامه" جي بدلي اندروني شهادتن جي بناء تي، ان جو زياده صحيح نالو "فتحنامه سنڌ" تجويز ڪيو. پنهنجي حواشي ۾ پڻ فاضل محقق ڪن تاريخي ۽ جغرافيائي حقيقتن تي روشني وڌي.

مطلب ته محترم ڊاڪٽر داؤد پوٽه جي انهيءَ مخلصانه ڪوشش پهريون دفعو هن تاريخي ڪتاب جي متن کي روشن ڪيو ۽ "الفضل للمتقدم." سڳر صاحب موصوف سان روبرو تبادلهء خيالات مان معلوم ٿيو ته هيءَ ڪم ڪافي عجلت ۾ پورو ڪيو ويو، ۽ غالباً انهيءَ ڪري ئي ڪن اسماء خاص جي اصليت، متن جي ڪن منجهيل عبارتن جي صحت، وڌيڪ قلمي نسخن جي پيٽ، ڪتاب جي تاريخي پس منظر جي ڳهري جانچ، تاريخي واقعات ۽ جغرافيائي پس منظر تي ڪي ضروري مباحث، ۽ ٻيا ڪي پهلو تشنهء تحقيق رهجي ويا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

موجوده سنڌي ترجمو ۽ ان ۾ ڪيل تحقيق

موجود سنڌي ترجمي ۽ تاليف ۾ انهن تحقيق طلب مسئلن کي حتي الامڪان سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڪتاب جي صحيح متن جي ذري ذري تصحيح، ۽ آخر ۾ هر انو کي ۽ مشڪل مقام ۽ مسئلي جي عملي تنقيد ۽ تشريح، هن ترجمي ۽ تاليف جا به امتيازي پهلو آهن. انهيءَ سلسلي ۾ جا خاص ڪوشش ڪئي وئي آهي، تنهن جو مختصر طور هيٺ ذڪر ڪجي ٿو. انهيءَ لاءِ ته آئنده محقق کي باقي رهيل مسئلن ڏانهن متوجهه ٿيڻ ۾ آساني ٿئي:

(۱) ڪتاب جي قلمي نسخن جي ٻيٽ:- مٿي ص ص 61-62 تي فتحنامي جي انهن قلمي نسخن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن کي فارسي متن جي ايڊيٽر شمس العلماء ڊاڪٽر داؤد پوٽو صاحب استعمال ڪيو آهي. صاحب موصوف نسخي م کي بنيادي نسخو تسليم ڪيو آهي ۽ نسخي پ جي پڙهڻين کي اڪثر جاين تي ترجيح ڏني آهي (۱).

نسخو پ: بنده نسخي پ جو پنجاب يونيورسٽي لئبرري ۾ مطالعو ڪري، ان کي بنيادي نسخو تسليم ڪري فارسي متن جي ڪافي پڙهڻين کي درست ڪيو آهي: مثلاً ص ۹۲، حاشيه-۲ (ڏهرسينه جي عمر ٽيهه سال هئي ۽ نه حڪمراني)؛ ص ۱۱۰، حاشيه-۱ (عبدربه ۽ نه عبدالله) ص ۱۱۱، حاشيه-۱ (ڪوه منذر ۽ نه ڪوه مندر)، ص ۱۷۹ تي (۳)-(۳) انگن اندر سڃي عبارت جي تصحيح؛ ص ۲۰۵، حاشيه-۰ (حمران ۽ نه حمزان)؛ ص ۲۳۰، حاشيه-۱ (جيور ۽ نه جيپور)؛ ص ۲۵۵، حاشيه-۱ ("اي عزيزو" ۽ نه "اي بني عزيز")؛ ص ۲۶۲، تي (۱)-(۱) انگن اندر ڏاهر جا سندس پنهنجي هوليءَ وارا اصل الفاظ، وغيرهاڻ.

نسخو ن: فارسي ايڊيشن ۾ هيو مکيه نسخو ب استعمال ڪيو ويو آهي، جو بانڪيپور لئبرري ۾ محفوظ آهي (۲). هي نسخه

---

(۱) ڏسو فارسي ايڊيشن، مقدمه ص (يط) (۲) ڏسو فهرست بانڪيپور لئبرري، مرتبه "ڊينيسن راس"، جلد ۷ ص ۱۱۷، رقم (۵۹۷).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راجي محمد نالي كاتب ۳- ذي القعده ۱۲۷۲ هـ ۾ شهر پونم ۾ هٿي هڪ نسخي تان اتاريو جـو مير مراد علي خان جي ارشاد موجب محمد خليل نالي كاتب ۳- ذي القعده سنه ۱۲۳۲ هـ ۾ لكيو هو. هي مير مراد علي خان وارو اصل نسخه جو ب كان ۴۰ ورهيه اڳ جو لكيل آهي، سو هز هائينس مير نور محمد خان مرحوم جي لئبرريءَ ۾ محفوظ آهي. دوست محترم مير نور محمدخان (نندي) جي مهرباني ۽ سان هي نسخو مطالعي لاءِ مليو ۽ اسان ان كي ن جي نشاني سان نـروار كيو آهـي. هـي نسخه، نتجناسه جي جملي موجوده نسخن ۾ قدامت جي لحاظ سان ٻيو نمبر آهي ۽ صرف نسخه پ ئي هن كان آڳاتو لكيل آهي. اسان نسخه ن جي آڌار تي پڙ متن جي كافي پڙهڻين كي درست كيو آهي. مثلاً: ص ۵۱/ست ۳ ۾ "ناكيد" ۽ نـ "كنبه"، ص ۵۱/ ست ۹ ۾ "شاكلهار" ۽ نـ "شاكلها"؛ ص ۱۵۹/ست۹ ۾ "نيكيدوا" ۽ نـ "فكيدوا"؛ ص ۳۶۲/ ست ۲-۳ ۾ ڏاهر جا سندس پنهنجي هوليءَ ۾ الفاظ جي صرف پ ۽ ن ۾ ڏنل آهن، وغيرها. كي خاص درستيون ن ۽ ر جي متنقه پڙهڻين موجب كيون ويـون آهن- مثلاً ص ۱۵۰/ س ۵-۶ ۾ "ذكوان بن علوان بكري" ۽ نـ "ذكوان بن حلوان بكري"؛ ص ۱۹۱/س ۷ ۾ "قصه وجورته" ۽ نـ "قصه وسورته"، وغيرها.

نسخه ر:- فارسي متن جـي فاضل ايڊيٽر برٽش ميوزم واري (or 1787) سڌه م كي بنيادي قرار ڏنـو آهي. اهو نسخو دراصل جناب حضرت پير صاحب پاڳاره جن جي لئبرريءَ جو هو ۽ ان جي صفحي ۲۰۵ تي پير صاحب علي گوهر شاهه (اصغر) رضه (۱۳۳۱-۱۲۶۳ هـ) جي مهر لڳل آهيءَ جنهن تي هيءُ طغرا ڏنل آهي تہ:

ز درج صبغت الله شه علي گـــوهـر بود
چو خورشيد حقيقت شد محمد راشد (ے) لامع
۱۲۵۰

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هن نسخي جو کاتب "نور محمد چپ نويس" آهي، جنهن اهو نسخو ۹- محرم سنہ ۱۲۴۸ هـ ۾ لکيو(۱). شاهي لئبريري رامپور ۾ هڪ "مجموعہ تاريخ فارسي" (رقم ۵۲۰) ۾ ڪتابن، هڪ تاريخ معصومي، چچنامہ ۽ تاريخ طاهريءَ تي مشتمل آهي. اهي ٽيئي ڪتاب ساڳئي خط ۾ ساڳئي ڪاتب جا لکيل آهن، جنهن تاريخ طاهري جي آخر ۾ پنهنجو نالو ۽ تاريخ ڪتابت هن طرح ڄاڻايا آهن: "حاجي محمد مجاور درگاه بتاريخ غره ماه جمادي الثاني سنہ ۱۲۴۵." هن نسخي ۽ مٿين نسخي ۾ ڪي ٻيٽڻ مان صاف ظاهر معلوم ٿئي ٿو ته نسخه ۾ هن رامپور واري نسخي جو نقل آهي. حاجي محمد روهڙيءَ ۾ "وار مبارڪ" جي درگاه جو مجاور هو ۽ بنده سندس ٻيا هٿ لکيل ڪي رسالا ۽ ساڳئي خط ۾ لکيل ڏٺا آهن. هن روهڙي واري نسخي تان پير صاحب پاڳاره واري نسخي جو نقل ٿيو بلڪل قرين قياس آهي. هن رامپور واري نسخي ڪي اسان ۽ جي نشان سان نروار ڪيو آهي ۽ ان جي پڙهڻ جي آڏار تي متن ۾ ڪيترين ٿي جاين تي ڪي اهم درستيون ڪيون آهن: مثلاً ص ۱۹۰/ سٽ ۱۴ ۾ (۱)-(۱) واري عبارت جي تصحيح؛ ص ۲۲۷/ سٽ ۹-۱۰ ۾ (۱)-(۱) اندر فقره جو اضافو ۽ محمد بن قاسم جا سپاهي "چلنگيون چلنگيون ٿي" ٽپيا. ص۲۲۴/ سٽ ۲ ۾ "قيان بن طـاهر" (يعني گيان بـن ٺاهر) ۽ نـ "قباوض بن طاهر"؛ ص ۲۴۹/ سٽ ۱۳ ۾ "دهول" (يعني ڊول) ۽ نـ هول؛ ص ۳۲۱/ سٽ ۵ تي "دنده وکر بهار" (يعني ڊاڊي وکر بهار) ۽ نـ "دنده وکر بهاء" وغيرهه.

مطلب تہ پ، ن ۽ ر فتحنامہ جي جملي قلمي نسخن ۾ نمبروار قديم نسخا آهن، جن مان پ جو دوباره مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ ن ۽ ر کي پهريون دفعو هن سنڌي ايڊيشن جي تصحيح لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. باقي صرف ٽي يا چار ٻيا قلمي نسخا معلوم

---

(۱) ڏسو فارسي ايڊيشن، مقدمہ ص ص (يط-ڪ)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهن (۱)، جن جو مطالعو فائدي کان خالي نہ ٿيندو، مگر اهي نسخا هڪ تہ پوء جا لکيل آهن ۽ ٻيو تہ وري ناقص آهن ۽ انهيءَ ڪري ايڏي وڏي اهميت کانہ ٿا رکن.

(۲) اصل عربي ڪتاب جي ڪاتبن جي سهو سببان يا مترجم علي ڪوفي جي پل کان متن جي ڪن عبارتن جا حصا حذف ٿي ويا آهن ۽ انهيءَ ڪري جملي قلمي نسخن ۾ ڪي اهي خال ۽ خلل رهجي ويا آهن، جن جو ذڪر مٿي (ص ص 53-54) اچي چڪو آهي. اسان ٻن عربي ڪتابن مان انهن کٽل عبارتن کي گولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ناقص عبارتن کي درست ڪيو آهي. پهريون، صفحو ۱۰۸-۱۰۹/ [۸۱] تي سنان بن سلمہ ۽ احنف بن قيس واري بيان جي تصحيح ابن قتيبة جي ڪتاب

---

(۱) "بيليوٿيڪ امپيريل" ۾ شايد ۽ نسخا موجود آهن، جن ڏانهن اليٽ پنهنجي تاريخ (۱×۱۳۷) ۾ اشارو ڪيو آهي؛ اي. بلاشيٽ (E.Blochet) جي فهرست (بيليوٿيڪ نيشنل، پئرس، جلد ۱ ص ۳۶۳) ۾ هڪ نسخي جو حوالو اسان جي نظر مان پڻ گذريو آهي، مگر ان جو تفصيل اسان وٽ قاهند ٿيل ناهي، انهيءَ ڪري ان بابت وڌيڪ ڪجهہ نہ چئي نٿو سگهجي. نسخہ ۾ ڪان سواءِ، متحف برطانيه ۾ هڪ ٻيو نسخو ۽ موجود آهي (فهرست ريو ۱×۲۹۰-۲۹۱، No. or 158) مگر هڪ تہ اهو ناقص آهي ۽ ٻيو تہ وري ڪافي پوءِ جو يعني تہ ۱۹- صدي عيسوي جو لکيل آهي، ازانسواءِ ڪي ٽيڪرا فتحنامه جا هڪ "مجموعه اقتباسات تاريخي" (No. or 1838) ۾ پڻ شامل آهن. انڊيا آفيس لئبرري، لنڊن ۾ پڻ هڪ قلمي نسخو موجود آهي (فهرست، ايٿي No. 435) جنهن جي ڪن عربي عبارتن کي فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر پيٽيو آهي، مگر سندس راءِ ۾ هي نسخو ۽ ناقص ۽ گهٽو غلط آهي (ڏسو فارسي ايڊيشن، مقدمہ - ڪد).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عيون الاخبار (۲۲۷×۱) تان کڻي وئي آهي: ۽ ۽ صفحي ۳۱۶/[۲۱۷] تي محمد بن قاسم ۽ قتيبة کي حجاج طرفان چين جي فتح ۽ امارت جي حڪم، ۽ محمد بن قاسم جو جهم بن زحر کي عراق جي لشکر سان قتيبة ڏانهن موڪلڻ واري بيان جي درستي يعقوبي (۲۷۶×۲) ۽ طبري (۹۰×۱-۸۸۹) جي حوالن ذريعي ڪئي وئي آهي (۱).

(۳) هن سڄي ترجمي ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي، نالن جي متن جي مختلف پڙهڻين ۽ بين ماخذن جي بناء تي، درستي ڪئي وئي آهي: عربي نالن جي صحيح صورتخطي قائم ڪئي وئي آهي، ۽ مقامي نالن جي حتي‌الامڪان اصلوڪي صورت نروار ڪئي وئي آهي. مثلاً ص ۵۳ تي "سرڪوندڻ پٽ پنبرکو" (فارسي متن ۾: پسرکول بن بهند رکو)، ص ۵۴ تي "وڪبو پٽ ڪاڪو" (فارسي متن ۾: کيه بن کاکه)، ص ۱۷۳ تي "چنان" (فارسي متن ۾: جتان) وغيرها درستيون، قابل توجهه آهن.

(۴) جيتري قدر ٿي سگهيو آهي اوترو جن ماڻهن يا ماڳن جو ذکر فتحنامي ۾ آيو آهي، انهن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيان مثال خاص اهميت رکن ٿا:

محمد بن قاسم سان سنڌ جي فتح وقت جيڪي ساڻي ۽ سپه سالار گڏ هئا تن مان گهڻن جي سوانح تي روشني وڌي وئي آهي. مثلاً جهم بن زحر الجعفي (ص ص ۴۴۸-۴۵۱)، عطية بن سعد العوفي (ص ص ۴۵۱-۴۵۲)، سفيان بن الابرد الکلبي (ص۴۵۳)، قطن بن برک الکلابي (ص ۴۵۴)، نباتة بن حنظلة الکلابي (ص ص ۴۵۵-۴۵۶)، تميم بن زيد قيني (ص ص ۴۸۸-۴۹۰)، خريم بن عمرو المري (ص ص ۴۹۹-۵۰۰)، حڪم بن عوانة کلبي (۵۰۳) ۽ وداع بن حميد البجري (۵۰۸-۵۰۹). پڻ حجاج جي ڪاتب، حمران (ص ص

(۱) ڏسو آخر ۾ حاشيه ۳۱۶/[۲۱۷]، ص ص ۵۰۳-۵۰۷

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۴۷۶-۴۷۸) ۽ ص ۲۱۵/[۱۵۱] تي ڏنل داستان جي مصنف خواجه امام ابراهيم جي حالات کي روشن ڪيو ويو آهي.

ماڳن ۽ شهرن، ڏينڊن ۽ ڏورن جي سڃاڻپ تي خاص ڏيان ڏنو ويو آهي، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هيٺين شهرن ۽ ماڳن متعلق ڪيل جغرافيائي ۽ تاريخي تحقيق سردست هڪ خاص اضافو آهي:- اروڙ (ص ص ۳۷۳-۳۷۵)، ديبل (۳۷۸-۳۹۵)، ڪيڪانان (ص ص ۳۹۵-۳۹۶)، برهمڻاباد (ص ص ۳۹۶-۴۰۲)، نيرون ڪوٽ (۴۰۱-۴۰۲)، ڪنوهار سنڊر (۴۰۸-۴۱۱)، راوڙ (۴۱۷-۴۲۴)، موج (۴۶۳-۴۶۷)، بغرور يعني بڪر (۳۷۶، ۴۶۹-۴۷۰)، اگهم (۴۸۲)، جلوالي ٻوڙو (۴۹۴-۴۹۷)، ڪرج يعني ڪيرا يا ڪيڙا (۵۰۹-۵۱۰)، ساونڊي ۽ ڏنڊ وڪر بهار (۵۱۰-۵۱۲)، ملتان جو منروي بتخانه (۵۲۶-۵۲۳) وغيرها.

(ت) هن ايڊيشن ۾ نه فقط تاريخي ۽ جغرافيائي تحقيق کي مدنظر رکيو ويو آهي، مگر ضرورت آهر ادبي تحقيق ڏانهن به پورو ڏيان ڏنو ويو آهي. فتحنامه ۾ مذڪور شاعرن جي حالات تي حتي الامڪان روشني وڌي وئي آهي ۽ سندن ديوانن يا عربي ادب جي ٻين ڪتابن جي مدد سان سندن اشعار جون ڳولهيل درستيون ڪيون ويون آهن. شاعرن مان هڪ اعورشني (ص ۴۳۴)، عبدالله بن الاعور الحرمازي (۴۳۵-۴۳۶)، حمزة بن بيض الحنفي (۴۴۶-۴۴۷)، ۽ عديل بن فرخ العجلي (۴۵۴-۴۵۵)، بابت مختصر مگر جامع حوالا قلمبند ڪيا ويا آهن، ص ص ۹۹-۱۰۰/[۷۴] تي حڪيم بن جبله ڏانهن منسوب اشعار بابت حاشيه ص ص ۴۲۷-۴۲۸ ۾ روشني وڌي وئي آهي؛ ۽ ص ص ۱۱۸-۱۱۹/[۸۶] تي شاعر فرزدق جي ڏنل اشعار جي سندس ديوان جي مختلف ڇاپن تان تصحيح ۽ تڪميل ڪئي وئي آهي. ازانسواءِ نامعلوم شاعرن جي اشعار کي متعين ڪرڻ جي پڻ حتي المقدور ڪوشش ڪئي وئي آهي، ۽ ڪم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪم از ڪم هڪڙو نامعلوم بيت جو ص ۳۴۹/[۲۳۶] تي ڏنل آهي، ان بابت پتو لڳايو ويو آهي تہ اهو مشهور شاعر ابوالفتح بستي جي هڪ قصيده جو بيت آهي (ڏسو ص ۵۲۳).

(٦) محمد بن قاسم متعلق هر نقطۂ نظر کان ضروري تحقيق جي تڪميل ڪئي وئي آهي. ص ص ۳۷۲-۳۷۳ تي فتحنامه ۾ سندس جاڻايل لقب "عمادالدين" جي مصنوعيت تي تبصرہ ڪيو ويو آهي ۽ محمد بن قاسم جي حقيقي ڪنيت "ابوالبهار" کي نروار ڪيو ويو آهي؛ ص ص ۴۳۹-۴۴۶ تي محمد بن قاسم جي خاندان ۽ شاديءَ بابت فتحنامه جي جملي متضاد ۽ مشڪوڪ بيانن کي مستند تاريخي حوالن سان پيڻي صحيح حالات ۽ نتيجن کي پيش ڪيو ويو آهي؛ ۽ آخر ۾ ص ص ۵۳۵-۵۵۳ تي تاريخي واقعات جي روشنيءَ ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ مان واپسي، نظر بندي ۽ وفات جي تحقيقي بحث ڪري، فتحنامه ۾ ڏنل ڏاهر جي ڏيئرن واري جڙتو افساني جي تردید ڪئي وئي آهي.

علمي نقطۂ نظر کان هن سنڌي ايڊيشن جا ٻيان ڇهہ پهلو خصوصي حيثيت رکن ٿا، ورنہ مجموعي طور متن جي حاشين توڙي متن جي آخر ۾ "اشارن ۽ واڌارن" جي عنوان هيٺ هر مشڪوڪ ۽ تحقيق طلب مسئلي تي روشني وڌي وئي آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي نالن جي فهرست شامل ڪئي ويئي آهي تہ حوالن ڳولڻ ۾ آساني ٿئي. باقي ڪتاب جي اصليت، فارسي ترجمه جي اوڏاين توڙي اهميت، ۽ بعد جي ترجمن توڙي فارسي ايڊيشن جي حقيقت بابت اميد تہ هي مقدمه هر مؤرخ ۽ محقق لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

(ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بسم الله الرحمان الرحيم

حمد ۽ تعريف انهي مالڪ کي جڳائي جنهن جي احسان جو ذڪر ايمان جو ڏٺ ۽ جنهن جي نعمتن جو شڪر امن ۽ امان جو ٻڌ آهي: اهڙو ڪاريگر جنهن جو "ڪُنْ فَيَكُوْنُ" وارو امر وهمن ولوڙڻ حيران زائل ڪو ڪئي: اهڙو قادر جنهن جون بيمثال صفتون خيالي حڪمتن ۾ محدود نه آهن: اهڙو مقرر انداز ڪيڻ وارو جنهن پنهنجي قدرت جي آسمانن ۾ ڪڪڙن جون شمعون روشن ڪيون: ۽ اهڙو مصوّر جنهن پنهنجي دقيق حڪمتن مطابق ستارن جون منزلون چڻيون: امو خالق جنهن جي ڪاريگريء جي جمال، چمڪندڙ سج کي سينگاريو: ۽ اهو پروردگار جنهن جي قدرت جي جلال، اونداهيء رات جي زلفن کي سنواريو. هن جي عدل جي غلبي ڪان ڪڍ جي اک، آسمان جي فضا ۾ روڪندڙ آهي، ۽ گل جو روشن ڏيو، ڪشاديء زمين تي سندس رحمت جي فيض ڪان ڦهڪندڙ آهي: ۽ اهو جبّار جنهن فرعون بي مدد جي مسخريء کي، ڪفر ۽ گمراهيء جي سؤسالي نشي هوندي بـ هڪڙي بي وُضو سجدي جي برڪت سان رحمت ۽ مهرباني جو حقدار ٺهرايو. ۽ اهڙو قهّار [1] جنهن مڪريل ابليس کي ست سؤ هزار سالن جي عبادت جي باوجود هڪ سجدي نه ڪرڻ ڪري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنهنجي عزت پريءَ درگاهه مان تڙيل ۽ مردود ڪري ڇڏيو. فَتَبَارَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخَالِقِيْنَ وَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ (پوءِ الله تعالي مڙني ۾ مثانهون ۽ سهڻي ۾ سهڻو خلقيندڙ آهي ۽ هر قسم جي تعريف انهيءَ الله کي ئي جڳائي جو ساري ڪائنات جو پالڻهار آهي).

(جملہ) درود، (دعائيه) تحفا، سلام ۽ صلواتون انهي رسول صلي الله عليه وسلم جي عنبرين خاڪ ۽ روضه مظهر تي موڪلڻ گهرجن جنهن جي وعظ ۽ نصيحت جي اثر کان مؤمنن جي دلين جو آئينو صاف آهي، ۽ جنهن جي خُلق جي شعاعن ڪري، محبن جو ن جانيون مقبول آهن: اهڙو سچو جو سندس اخلاق جي چهري کي خلق جي چوڦيڙو ميرو نه ڪري سگهي: ۽ اهڙو سالڪ جنهن جي امن جي راهه ۾ هلندڙ قدم کي، کيڙي جا ڪنڊا ڏکوئي نه سگهيا: اهڙو ڪريم جو سندس شهنشاهت جي چاڪرن، محمدي نُور جي برڪت سان هر دفعي کنهن نه کنهن کي با اختيار حاڪم بنائي، حجاز جي ڪافرن، ايران ۽ خراسان جي بيدينن ۽ سرڪش هندن کي آبدار تراز ۽ خونخوار تيزي جي رعب سان ذليل ۽ خوار بنايو، ۽ بتن ۽ ٺاڪرن جي جڳهه تي مسجدون مقبر ٺهرايا، جنهنکري محمدي دليلن جا آثار ۽ نبوي نشانن جا معجزا ظاهر ٿيا.

۽ پڻ (صلواتون ۽ سلام) انهن ڏهن اصحابن ۽ پاڪ دامن نَقِيْبَن تي، جن جي حق ۾ نبوّت جي زبان ۽ بزرگي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي ٿيي قرآن مجيد مان هيءَ بشارت مقرر ڪئي تہ: (قوله تعالي) وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗ اَشِدَّآءُ [٢] عَلَي الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا (يعني جيڪي سندس (محمد جا) ساڻي آهن، سي ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ ٻاجهارا آهن ۽ تون انهن کي رکوع ۽ سجدو ڪندڙ ڏسندين)، صَلَوَاتُ اللّٰهِ عَلَيْهِمْ وَ رِضَي اللّٰهُ عَنْهُمْ اَجْمَعِيْنَ.

ٻنهي جنسن (جنن ۽ انسانن) جي رسول محمّد مصطفيٰ عَلَيْهِ الصَّلَوٰةُ والسلام جا مناقب هنن ڪنوارين جي هار جي جڙاءَ ۽ هنن قيمتي (موتين) جي قافين جي تصحيح تي روشن برهان ۽ هنن تصنيفن جي سينگار ۽ هنن گردانن جي نظام تي چٽو دليل ٿي رهندا (١). جڏهن اللّٰه تعالي جل جلاله جو حڪم رسول ڏنو تہ نبي حرمين کي ٻهتو تہ يَا اَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ قُمِ اللَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا نِّصْفَهٗ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَ رَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا (اي چادر ويڙهيندڙ، رات جو ٿورو حصو ڇڏي باقي عبادت ڪر: رات جو اڌ ائين ٻيهي گهار يا انهي کان ٿورو گهٽاءِ يا وڌاءِ، ۽ قرآن ناهي ناهي پڙهه). تڏهن آدم جي اولاد جو سردار ۽ ٻنهي جهانن جو وقار، رسالت جو

---

(١) مطلب هيءُ آهي تہ هن ڪتاب ۾ جيڪڏهن محمد رسول صلي اللّٰه عليه وسلم جي مناقبن ۽ خصوصيتن جو ذڪر هوندو تہ اهو هن ڪتاب لاءِ سينگار ۽ سونهن ٿيندو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

صدر ۽ بزرگيءَ جو بدر، سعادتمند ٽولي جو سالار ۽ عاقبت جي حقيقت جو جاڻڻهار، مصلي تي ايترو تہ بيهڻ لڳو جو سندس قدم مبارڪ سڄي پيا ۽ سندن منهن مبارڪ زرد ٿي ويو: نيٺ (الاهي) درگاهہ جو قاصد ۽ بادشاهيءَ جو مور، جبريل امين صلوات الله و سلامہ عليہ [وعلي نبينا] خدائي فرمان ڪٽي اچي پهتو ۽ چيائين: تہ اي مرسلن جا پيشوا، متقين ۽ بخت وارن جا تاج، ۽ صديقن جا امام! [الله] ذوالجلال [۳] جي درگاهہ مان، "طٰهٰ ما انزلنا عليك القرآن لتشقي" (اي پيغمبر، اسان توتي قرآن توکي تکليف ڏيڻ لاءِ نازل نہ فرمايو آهي) جي دستخط سان هڪ پکو فرمان جاري ٿيو آهي تہ: اي چوڏهينءَ رات جا چنڊ! نبي ۽ رسول تنهنجي اچڻ تي ختم آهن ۽ تنهنجا تہ خيالي عرض بہ [مالڪ] لايزال جي دربار ۾ مقبول آهن، (تنهنڪري) تون پاڻ تي ايتري محنت ۽ سختي ڇا لاءِ ٿو اختيار ڪرين؟ ترن پنهنجي عرض جو نقط اشارو ڪر تہ [مقبوليت جي] بشارت جو حڪم توکي آڻي ڏيان. طريقت جي سردار ۽ حقيقت جي راهہ جي سالار، نڪر جي دهلي جو ڏک کولي گفتگو جا موتي هن طرح ظاهر ڪيا تہ: "يٰاَخِيْ جِبْرِيْلُ اٰفَلَا اَكُوْنُ عَبْدًا شَكُوْرًا" (اي منهنجا ياءِ جبريل! ڇا مان شڪر گذار بانهو نہ هجان؟) (نہ بلڪ) آءٌ باوجود هيترن مرتبن جي جيڪي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مون کي حاصل آهن، آخر ۾ سانهو آهيان ۽ بانهي جو اولاد آهيان.

محمد [صلي الله عليه وسلم] جي حق ۾ [الله] جلّت عظمتهٗ جي درگاهه مان کيئي فرمان صادر آهن. ڦهريون، ساري جهان لاءِ رحمت هجڻ جي بشارت، مطابق [قوله تعالي] وَمَآ اَرْسَلْنَاكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ (اسان توکي ساري دنيا لاءِ رڳو رحمت ڪري موڪليو آهي)؛ ۽ جاءِ تي پاڻ کي اصحابن جي آڏو رسالت [جي عهده] سان جلوه گر ڪيائين: [بمصداق قوله تعالي] مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ - الآية(١)(محمدرسول الله ۽ جيکي سندس ساٿي آهن- الخ.)؛ ۽ ٻي جاءِ تي نبوّت جي خزاني کي نبوّت ۽ رسالت جي مهرسان بند ڪيائين، جيئن تہ "وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ[۴] وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ(٢)

---

(١) يعني هي سڄي آيت تہ: مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ (سوره فتح: رکوع-۴) (محمد رسول الله ۽ سندس ساٿي، ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي تي پاڇارا آهن. تون هنن کي رکوع ۽ سجدو ڪندڙ ڏسندين. هو پنهنجي ربّ جو فضل ۽ رضامندو گهرن ٿا. هنن جي پيشانين ۾ سجدي جي اثر کان نشانيون آهن) (مترجم).

(٢) اصل متن ۾ "محمد رسول الله خاتم النبيين" آهي، جو صحيح نہ آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(پر هو الله جو رسول ۽ نبين کي ختم ڪرڻ وارو آهي)؛ وري ٻيءَ جاءِ تي مخلصن ۽ متقين جي لاءِ بشارت ۽ فسادين ۽ سرڪشن لاءِ دڙڪي جو اشارو موڪلياٿين، جيئن تہ "يَا اَيُّهَاالنَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَ الْمُنَافِقِيْنَ" (اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر). [اي جبريل! آءٌ] جڏهن هنن سيني رتبن، عزتن، دلجوئين ۽ احترامن سان مشرف ٿيو آهيان، تڏهن منشا الٰهين ڪي هئي تہ ظلم جي ڪارنهن ۽ ڪفر جي گمراهيءَ، اسلام ۽ ديندارين جي روشنائيءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ها، منافقيءَ ۽ جهالت جو بنياد ڍهي پوي ها، اسلام جا جهنڊا بلند ٿين ها. هن حڪومت جو دور ۽ هن مذهب جو آئين قيامت تائين زماني ۾ جاري رهي ها ۽ ڪنهن بہ شرڪ ۽ مخالفت سان نہ ڪڏجي ها، ۽ سنت جو گل، بدعت جي ڪنڊي سان نہ چيرجي ها.

جبريل امين صلوات الله عليه و سلامه [و علي نبينا] موڪي ويو ۽ ساڳئي وقت موڪي آيو ۽ چيائين: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا مُحَمَّدُ! خدا تعالي سلام ۽ درود چوي ٿو- ۽ الله تعالي جو قطعي فرمان ۽ مُحڪم تقدير جي تمهيد هن طرح نئين سر ٿي آهي تہ "اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَاءُ" (بيشڪ تون جنهن کي چاهين تنهن کي هدايت نٿو ڪري سگهين، پر الله تعالي جنهن کي چاهي تنهن کي هدايت ڪري سگهي ٿو). اي محمد! اٿين هرگز نہ پانڇ تہ کو ماڻهو تنهنجي سڏ تي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اسان جي درگاهہ ۾ اچي ٿو، يا ابليس جي وسوسي کري کو ماڻهو اسان جي درگاهہ مان ڌڪجي ٿو، [بلڪ] ڌڻيءَ اسان آهيون. جنهن کي ڌڻيون ٿا ڏنهن کي کوبہ کوڻي نٿو سگهي، ۽ جنهن کي کوڻيون ٿا، تنهن کي کوبہ ڌڪي نٿو سگهي: "إِنَّ عِبَادِي لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطَانٌ" (بيشڪ منهنجن ٻانهن تي تو کي کوبہ اقتدار حاصل نہ آهي). تنهنکري اي مُحَمَّدا! صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وسَلَّم ٿون هن کري فکرمند نہ ٿيءُ؛ جو ماڻهن [۵] ميثاق جي ڏينهن "اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ" (چا ٻان توهان جو رب نہ آهيان) ساهہ سان سڌيو ۽ "قَالُوا بَلَىٰ" (چيائون ٿي هائو) وارو فرمان برادريءَ جو طوق پنهنجي گردن ۾ وجهي، اسان جي وحدانيت جا اقراري ٿيا، [تن لاءِ] محمدي شهنشاهت جي چاکرن مان هر وقت کوڻ کو [اهڙو ماڻهو] خلق جي سڀان جَلْوَهٔ آفروز کنداسون، جنهن جي کوشش جي وسيلي، اهي ماڻهو اسلام جي عزت سان مشرف ٿيندا [رهندا]، ۽ جنهن فرقي اسان جي حڪم کان سَرْکشي ۽ عِناد اختيار کيو آهي تن کي گمراهي ۽ نعمت جي انڪار سان منسوب کنداسون، جيئن اهي [مؤمن]، "جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنَافِقِينَ" (کافرن ۽ منافقن سان جهاد کر) جي فرمان ۽ "اُقْتُلُوا الْمُشْرِكِينَ حَيْثُ وَجَدْتُمُوهُمْ" (مشرکن کي جتي لهو اتي قتل کريو) جي اشاري موجب، [کافرن کي] خونخوار

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ترار ۽ دل ڏاريندڙ نيري ۽ تير جو لقمو بنائين ٿا هي خراسان، ايران، عراق، شام، روم ۽ هندوستان جون فتحون زماني جي ڪتاب تي لکجن ۽ انهن جو ذڪر زماني جي حاشيه تي هميشه قائم رهي۔ والله اعلم بالصواب (الله تعالي حق کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو).

قباجة السلاطين خلد الله ملكه جي تعريف

هيءُ داستان ۽ هيءَ وٺندڙ تاريخ انهيءَ وقت لکي ويئي، جڏهن اسلام جي بادشاهه، ملڪ جي شهنشاهه، الله جي شهرن جي مالڪ، الله جي ٻانهن جي فرياد ٻڌندڙ، خدا جي ٻانهن جي مددگار، ڪفر ۽ گمراهيءَ جي بنيادن کي ڌاهيندڙ، دين ۽ هدايت جا پايا ڪڍا ڪندڙ، جهان جي ولين جي مددگار، انسان جي دشمنن جون پاڙون پٽيندڙ، دين خواهه دنيا جي عزت وڌائيندڙ، اسلام ۽ مسلمانن جي واهرو، جهان ۾ الله جي ڇاڻي ۽ امير المؤمنين جي حمايتي، بختاور شهيد سلطان ابوالمظفر محمد ابن سام نور الله ثراه وجعل الجنة مضجعه و مثواه (شال الله تعالي سندس قبر کي روشن ڪري ۽ جنت سندس آرام گاهه ۽ رهڻ جي جاءِ بنائي) جي بادشاهي جي تخت کي غلبي واري شهنشاهت جي مددگار۔ بزرگ بادشاهه ۽ وڏي ۾ وڏي شهنشاهه جي همنشين، [٦] سچائيءَ جي شان، خلق جي برهان، خلافت جي ٽيڪ، دنيا ۽ دين جي مددگار، اسلام خواهه مسلمانن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي عزت، دشمنن ۽ سرڪشن جي پاڙن کي پٽيندڙ، قسيم امير المؤمنين (امير المومنين جو پائيوار) ابو الفتح قباچة السلاطين - سينگاربو هو ۽ سندس شان و شوڪت جا طنبو تاڪيد جي طنابن ۽ سختي جي انتظام سان ڪٽل ۽ منظم [هنا] ۽ سندس امر ۽ نهي جا حڪمنامه ولايتن ۽ دنيا جي [سيني] حصن تي جاري ٿيا هنا، هن حد تائين جو سرڪشن ۽ دشمنن جو تولو ڪنڌ، ۾ لڳي ويو ۽ مخلص ۽ پرهيزگار امن ۽ سلامتيءَ ۾ گذارڻ لڳا: الله تعالي جو شڪر ۽ احسان، جو حڪومت جو انتظام ۽ شهنشاهت جو قانون انهيءَ درجي تي [پهتل] آهي، جو جنهن طرف ڏانهن به سندس آسمان کي پهچندڙ جهنڊا ڪڇن ٿا تہ جوان حڪومتون به شوق ۽ اطاعت مان هٿ ٻڌي بيهن ٿيون (١).

شعر

خسروا ملک بر تو خرم باد
نخل گيتي ترا مسلم باد
از تو آباد ظلم ويران شد
به تو بنياد عدل محکم باد

---

(١) هن سڄيءَ ڏيکه، جو مطلب هيءُ آهي تہ هيءُ لطيف داستان انهيءَ وقت لکيو ويو، جنهن وقت سلطان محمد بن سام بالقابه جي بادشاهيءَ جي تخت کي ناصرالدين قباچه بالقابه پنهنجي جلوس سان سينگاربو هو ۽ سندس حڪومت اهڙي تہ پکي پاڻي تي ٻيٺل هئي ۽ جو جنهن به ملڪ تي، ڪاهيائين ٿي تہ اهو ملڪ سندس اڳيان ٻانهون ٻڌي ٿي ٻيٺو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۱۰)

خطبہ تعظیم یافت از نماست
ہمچنین سال و مہ معظم باد
و آنچہ در ملک جم نبود ترا
ہمہ زیر نگین مختم باد
چتر میمون ہمت عالیت
سایہ دار سپہر اعظم باد
ہر دلے کز تو حال عصیان است
ہم کارش چو زلف درہم باد
تا کم و بیش در شمار آید
دولت بیش دشمنت کم باد
بہ یمینت چو ملک داد یسار
در یسار تو خاتم جم باد
[بادشاها! تون ملک سڑ پلي
ساري دنيا تون هٿ ۾ آڻ پلي
تو کيو ظلم جو بنياد ختم
عدل جي پاڙ تو ڪئي محڪم
خطبہ کي نانءِ تنهنجي کان عزت
تو ڏني سال و ساه کي عظمت
نہ ملڻ جنهن جي کان هو جم غمگين
سو سپني هجئي زير نگين
تنهنجي همت جي چٽ سندو سابو
شل ڪري آسمان تي پايو
جا بہ دل توکان ٿي رهي برهم
شل نہ ٿئي بر صواب تنهن جو ڪم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گهٽ ۽ وڌ جو شمار ٿئي جيسين
هجي دشمن کان دوست وڌ تيسين
کانپي جڏهن ملک ڪيو سڄي جي وس
زيب کانپي جو جم جي خاتم بس]

شال الله تعالي هن ملک ۽ هن بادشاهيءَ جي رونق کي مضبوط بنيادن تي [٧] دائم ۽ قائم ۽ هن بادشاهيءَ جي مضبوط محل ۽ هن نعمت ۔ شال سندس طرف سدائين آباد رهن۔ جي محڪم قلعي کي بد انتظاميءَ جي حادثن جي آسيب کان محفوظ رکي، ۽ سندس خطبو ۽ سڪو، سندس لقبن ۽ اعليٰ درجي جي خطابن سميت دنيا جي ختم ٿيڻ تائين شال منبرن ۽ درهمن کي سينگارينڌڙ هجي، ۽ جيسين جهان قائم آهي ۽ جيسين آسمان جي گردش برقرار آهي۔ تيسين شال سندس بادشاهي جي شان و شوڪت جو سج ۽ حڪومت جي اقبال جو چنڊ، بزرگيءَ جي ڪناري ۽ ڪمال جي آسمان مان حضرت محمد ۽ سندس سموري آل جي صحابي چمڪندو ۽ ايرندو رهي۔

علي ڪوفي هن ڪتاب جوڙڻ جو سبب ٻڌائي ٿو۔

هن ڪتاب "تاريخ هند" جو لکندڙ ۽ "سنڌ جي فتح" جي تقرير ڪندڙ، محمدي شهنشاهت جو بندو **علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي** جڏهن پنهنجي عمر جو هڪ عرصو آرام ۽ نعمت ۾ گذاري چڪو ۽ ڪميني دنيا مان وڏو نصيب ۽ مڪمل حصو ڪٽي چڪو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تڏهن حادثن جي مصيبتن ۽ زماني جي اوچين آفتن کان [مجبور ٿي] پنهنجي اصلوکي وطن ۽ پيدائش جي جڳهه کان جدا ٿي، کي ڏينهن اچي آڇ مبارڪ ۽ سکونت ڪري آرام ورتائين. وري "ذٰلِكَ الاَيّامُ نُداوِلُهَا بَيْنَ النّاس" (انهن ڏينهن کي ماڻهن ۾ ڦيرايون ٿا) جو حڪم ٿيتو، ۽ تقدير جي آبدار خوشيءَ جي پيالي کي ايذاء جي [ڪڙي] ٿوهه سان بدلايو ۽ خوشيءَ کان محرومي جاري رهي (۱)، ۽ غدار ڦرندڙ آسمان جي سختين سببان زهر جا ڏڪ پريندو ۽ قهر جا ڏڪ جهليندو آيو. انونجاهه سالن جي عمر ۾، سنه ۶۱۳ ڇهه سؤ تيرهن ۾، سيني کمن مان هٿ کڄي، قيمتي ڪتابن کي پنهنجو وندرائيندڙ ۽ همنشين بنايائين: ۽ پنهنجي دل ۾ خيال ڪندو رهيو ته جنهن صورت ۾ لکندڙ جي دل تي [۸] سيکڻهن علم سان ڪجهه نه ڪجهه اشارو نقش ٿيل آهي، ۽ هرهڪ وقت جي عالم ۽ يگاني حڪيم پنهنجي زماني ۾ پنهنجن مخدومن ۽ مُربيَن جي مدد سان ڪائنات جا تاريخ يا تصنيف زماني ۾ يادگار ڇڏي آهي. جيئن ته اڳيان مصنف خراسان، عراق، ايران، روم ۽ شام جي فتحن سان هرهڪ جو بيان تفصيل سان نظر خواهه نثر ۾ لکي ويا آهن: هندوستان جي فتح

---

(۱) اصل فارسي عبارت "و استقامت بندست سرور متواتر شد" اسان جي خيالات ۾ عبارت ۾ خلل آهي ۽ مطلب اهوئي ٿي سگهي ٿو جو ترجمي ۾ ڏنل آهي. خود فارسي ايڊيشن جي علامه ايڊيٽر کي پڻ هن عبارت ۾ شبه آهي، جيئن ته حاشيه ۾ چوي ٿو ته "عبارت در اين جا مختل است."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنهن ۾ محمد بن قاسم، ۽ شام ۽ عرب جي اميرن جي هٿان هن ملڪ ۾ اسلام ظاهر ٿيو ۽ سمند کان وٺي ڪشمير ۽ قنوج تائين مسجدون ۽ منبر ٺهيا، ۽ اروڙ جي تختگاه ۾ رهندڙ راجا ڏاهر بن چچ بن سيلائڄ، جنهن کي شاندار امير عمادُ الدّولةِ والدّينِ (دين ۽ حڪومت جي پشتي) محمد بن قاسم بن [محمد بدابي] عقيل الثّقفي رحمة الله قتل ڪيو. [جنهنڪري] هي سارو ملڪ پسگردائين سميت سندس حوالي ٿيو. سو مون چاهيو تہ هن ملڪ جو بيان- خلق جي ڪيفيت ۽ انداز ۽ هن [ڏاهر] جو ڪجھ معلوم ٿئي ۽ [اهڙي هڪ] تاريخ تيار ڪئي وڃي. جڏهن انهيءَ جي ڳولا لاءِ نفس اماري کي تڪليف ڏنم ۽ آڇ مبارڪ کان اروڙ (١) ۽ بڪر جي شهرن ڏانهن رخ ڪيم- چاڪاڻ تہ اتان جا امام عربن جي خاندان ۽ بنياد سان هئا ۽ جڏهن انهي شهر ۾ پهتس تہ وڏي امام، زبردست عالم، دين ۽ مذهب جي ڪمال ۽ حاڪمن جي سردار مولانا قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شَيْبان (٢) بن عثمان ثقفي- آدَاءَ اللهُ فَضْلَهُ و رَحِيمِ آباءه [٩] وَ أَسْلَافَهُ بِحَقِّ مُحَمَّدٍ وَ آلِهِ أَجْمَعِينَ- جوفصاحت ۾ فضيلت جي ڪاڻ آهي ۽ نمڪينيءَ ۾ عقل جي جان؛ علم زهد جي سڀني فنن ۾ بينظير آهي، ۽ بلاغت جي [سڀني] قسمن ۾

---

(١) پ جي پڙهڻي مطابق "اروز" يعني "اروڙ". مگر بين جملي نسخن ۾ ويندي ن ۽ ر تائين هن لفظ جي پڙهڻي "الور" آهي.
(٢) ب: شهاب.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بيمثال، تنهن سان ملاقات ٿي: ڪانئس پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين تہ: هن فتح جي تاريخ سندس ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين حجازي هوليءَ [عربي] ۾ هڪ ڪتاب [جي صورت] ۾ لکيل آهي، جا هڪپٽي کان ميراث ٿيندي ورثي ۾ ايندي ٿي رهي، مگر جيڪڏن تہ اها عربي جي پردي ۾ حجازيءَ جي حجاب ۾ ڍڪيل هئي، تنهنڪري عجمين [غير عربن] ۾ مشهور نہ ٿي.

ڪتاب جو ترجمو

جڏهن بندو انهيءَ ڪتاب کان واقف ٿيو تہ [ڏاڍائين تہ] اهو حڪمت جي جواهرن سان سينگاريل ۽ نصيحت جي موتين سان سنواريل هڪ ڪتاب هو، جنهن ۾ عربن ۽ شامين جي بهادريءَ ۽ سرداريءَ جا ڪيئي قسم واضح هئا ۽ رعب ۽ دانائي سمجهس جاءِ نشين هئي. جيڪو بہ قلعو فتح ٿيو، تنهن سان دولت هٿ آئي ۽ ڪفر ۽ گمراهيءَ جي رات لاءِ صبح [ظاهر ٿيو] ۽ انهن ڏينهن ۾ جيڪو بہ طرف اسلام جي عزت سان مشرف ٿيو ۽ هٿ آيو تہ انهيءَ کي مسجدن ۽ منبرن کان نُور، ۽ عابدن ۽ زاهدن [جي وجود] سان سرور حاصل ٿي ٿيو، ۽ اهو پاسو اڄ تائين اسلام ۽ دينداريءَ جي جمال ۽ علم ۽ امانت جي ڪمال ۾ واڌارو ڪندو ٿو رهي ۽ دولت محمديءَ جو ڪوبہ سانهو جڏهن بہ ملڪ ۽ بادشاهيءَ جي تخت تي ويهي ٿو تہ نئين سر اسلام جي آئيني تان گمراهيءَ جي ڪٽ صاف ڏسو ڪري. [۱۰]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بزرگي ٻڌي ڪري) جي مدح، جنهن ڏانهن هي ڪتاب

منسوب ڪيل آهي.

هوء جڏهن هيءَ ديني داستان، عربيءَ جي پردي ۽ حجازي حجاب مان فارسي زبان ۾ نقل ٿيو ۽ عبارت جي هار ۽ ديانت جي سينگار سان مشرف ٿيندي نثر جي لڙهيءَ ۾ ترجمو ٿيو تہ دل هن فڪر ۾ غوطا هڻڻ لڳي تہ هيءَ عجيب نئون تحفو ۽ وٽندڙ فتحنامو ڪهڙي سردار ڏانهن منسوب ٿيڻ گهرجي. نيٺ بخت، بندي جي رهنمائي ڪئي ۽ هيءَ سعادت ظاهر ٿي جو دل ۾ چيم تہ: اي علي! گذريل ڏينهن ۽ سالن کان وٺي ڪيڏو عرصو گذريو آهي جو ماڻهن جي سردار، جهان جي صدر، صاحبقران جي وزير، وزيرن جي عزت، تراز ۽ قلم جي مالڪ، شرف الملك رضي الدولة والدين نَوَّرَ اللّٰهُ مَضْجَعَهٗ وَ طَيَّبَ ثَرَاهُ (شال اللّٰه تعالي سندس آرامگاهه کي روشن ڪري ۽ هن جي خاڪ کي عمدو بنائي) جي مهرباني جي پاڇي ۽ احاطي جي پناهه ۾ رهيو آهين، ۽ پنهنجي هن سينگاريل [تصنيف] کي انهيءَ جي احسان تي پلجي ترتيب ڏنو اٿئي ۽ سندس اولاد "دَامَ عُلُوُّهُمْ وَ رَحِمَ اَبَائُهُمْ" (شال سندن بلندي دائم رهي ۽ سندس وڏن تي رحم ٿئي) جي نعمت جا حق تنهنجي گردن تي لازم آهن، تنهنڪري چگو اٿين ٿيندو تہ هيءُ فتحنامو، جو ديني ثواب (۱) ۽

(۱) اصل متن ۾ "صواب" لکيل آهي جو غلط آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دنيوي گالهين [مان مرڪب] آهي. جنهن تي دنيا جا محقق ۽ گهڻي احسان وارا بادشاهه فخر ڪندا ۽ سيني ڪي عربن جي اعتقاد جي تصديق ۽ ادب ۽ ترقيء جي صاحبن جي خاوص ـــان نهايت اتفاق ٿيندو ـ ۽ هيء دولت [فتحنامو] جا عرب ۽ شام وارن جي ڏيڻي ۽ رعب جو [يادگار] هوندي [تنهن ڪي] پٺ عالیشان خاندان ـــ جو عرب جي حسب نسب مان آهي [١١] ۽ جنهن جي بزرگ ڏاڏي ـ وڏي ۽ وڏي شان واري امير، ۽ خاص ۽ خاص لائق توقير، دين جي عزت، عربن ۽ احترام جي لائق، ملت جي نظام ۽ امت جي قوام، قريشن جي فخر حضرت ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنه جي هٿان، خراسان ۽ ايران جو وڏو حصو فتح ٿيو هو، ۽ سندس انهي سڀ سالاري ۽ لشڪر ڪشيء بابت شرح ۽ تفصيل سان علحدا ڪتاب [لکيل آهن]، جتي به ڪافرن کي شڪست ڏنائين تہ اتي اسلام جا جهنڊا هميشه لاء بلند ٿيا ۽ اتان جي فتح جو خط اميرالمؤمنين عمر بن الخطاب کي پهچندو هو ۽ هو پاڻ مومنن جي اڳيان بيهي خطبو ڏيندو هو [جنهن ۾ اسلام جي شان تي] فخر ڪري، تعريف [الله تعالیٰ جي] ڪندو هو ـــ جي صاحب [ڪمال]، نعمتن جي مالڪ، تسرار ۽ قلم جي ڏڻيء وڏي ۽ وڏي امير، تائيد کيل، فتحمند، ڪامياب، ملڪ جي ڏئل (چونڊيل)، دولت ۽ دين جي فخر، ولايتن جي نظام، وزيرن جي شان، حسين بن ابي بڪر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن محمد الاشعر ضاعف الله جلاله فيه آمين آمين وآكرم جرثومة ساكرة الجديدان واتفق الفرقدان و اختلف العصران (شال الله تعالي سندس عزت کي ٻيٽو ڪري؛ عزت ۾ عزت واري خاندان ۾ شريف ۾ شريف گهراڻي ۾، جيستائين رات ڏينهن منجها رهن، فرقدين (١) اتفاق ڪندا رهن ۽ زمانا هڪٻي ٻئيان ايندا رهن) جي گذارش ۾ آندو وڃي ٿو. ملاحظي جي شرف ۽ مطالعي جي نظر سان مشرف ٿي، قبوليت جي عزت سان برڪت پريل ۽ مقبول ٻڌجي، ۽ زماني جي بزرگين جي فهرست ۾ [داخل] ٿئي. (٢)

---

(١) فيروز اللغات، ص ١٨٥ ۾ "فرقدان" يا "فرقدين" جي معني هيءَ ڏني ويئي آهي: اتر قطب جا اهي ٻ تارا جيڪي قطب وٽ آهن، ان جي چوڌاري گردش ڪندا رهن ٿا، ۽ شام کان وٺي صبح تائين ظاهر رهن ٿا، ۽ ڪڏهن ٻ نظر کان غائب نٿا رهن.

(مترجم)

(٢) عنوان کان وٺي، هن هندسم تائين سڄي ڏيکهه، جو مطلب هيءَ آهي ته "جڏهن هيءَ ڪتاب عربيءَ کان فارسيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو، تڏهن سان پنهنجي دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳس ته هيءَ ڪتاب ڪهڙي امير ڏانهن منسوب ٿين گهرجي! آخر بخت رهنمائي ڪئي ۽ دل ۾ چيو ته اي علي! تون جنهن صورت ۾ وزير شرف الملڪ مرحوم بالقابه جي نعمتن جو پالیل آهين، تہ سندس ۽ سندس اولاد جا حق تنهنجي گردن تي واجب آهن، تنهنڪري مناسب اٿين آهي ته هيءَ ڪتاب، جو هنن، هنن خوبين جو حامل آهي ۽ جنهن جي پڙهڻ سان عرب

(ڏسو حاشيه صفحو ١٨)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مصنف جي معذرت

وقت جي بزرگن ۽ تاريخ جي مالڪن کيترين شين کي پنهنجي يادگار جو باقي رکندڙ ۽ پنهنجي نسالي کي جڻاءُ ڏيندڙ بنايو آهي: پهريون تہ هو انصاف، عدالت، نهٹائيءَ ۽ وقار کي پنهنجو لباس بڻائيندا آهن، ٻيو تہ نفس جي گذران کان پوءِ، جو آدميءَ جو سرمايو آهي، [باقي بچيل] مال کي آخرت جو ٿمر کندا آهن؛ ٽيون تہ پنهنجي اولاد کي عجيب هنرن سان سينگاريندا آهن؛ چوٿون تہ وقت جي عالمن ۽ حڪيمن کي قيمتي ڪتابن جي تصنيف ۽ مفيد حڪمتن جي تاليف [۱۲] جي ترغيب ڏيندا آهن، ۽ انهيءَ کي پنهنجن مقصدن جي ڏاکڻ ۽ مطلبن جا ذريعا سمجهندا آهن، چاڪاڻ تہ حڪمت جا سخن ۽ نصيحت جا قسم هميشہ لاءِ ڪتابن ۽ اخبارن جي پنن تي يادگار رهندا.

قطعہ

آن سروران کہ نام نکو کسب کرده اند
رفتند يادگار از ايشان جز آن نماند

۽ شام جي رهاکن جي عظمت دلين ۾ گهر ڪري ويندي وغيره وغيره، ڪٹي وڃي وزير حسين بن ابوبڪر بن محمد اشعري بالقابه جي خدمت ۾ پيش ڪري، چاڪاڻ تہ هو ۽ عرب جي خاندان سان آهي ۽ ٻئ سندس وڏي ڏاڏي حضرت ابو موسيٰ اشعري بالقابه جي هٿان ايران ۽ خراسان جو وڏو حصو فتح ٿيو هو- تہ من جي مطالعي جو شرف حاصل ڪري ۽ هي ڪتاب برڪت پريو ۽ مقبول ٿئي." (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نوشيروان اگرچہ نراوانش گنج بود
جز نام عدل از پس نوشيروان نماند
[نالو چگو دنيا ۾ ڪيبو جن به سرو ڪَن
هو ويا لڏي، دنيا ۾ رهيو تن جو نيڪ نانءِ
نوشيروان* به عدل جي تعريف وبو چڏي
گرچه رهيا ها بخت ۽ دولت سندس غلام]

اگرچ [هن] بنده کي اها مجال نہ آهي جو پاڻ کي هن عاليشان درگاهہ ۾، جا فضل جي کاڻ ۽ حڪيمن جي جلوه گاهہ آهي، فضل جي لباس ۾ ظاهر ڪري، ليکن جڏهن بخت پوکاريو، عام احسان حڪم ڪيو، ۽ اقبال جي سچ بخت واري ستاري ڏانهن رهنمائي ڪئي، تڏهن انهيءَ سردار جي دعا ۽ ثنا لاءِ تيار ٿيو، جنهن جي ثنا ۾ زماني جي بزرگن ۽ وقت جي فاضلن زبان کولي آهي، ۽ وقت جي عالمن ۽ بيمثال حڪيمن هن جي دعا واسطي هٿ مٿي کنيا آهن: بنده علي کوفي [پڻ] نعمتن جي حقن ادا ڪرڻ واسطي، اخلاص سان دعا گهري ٿو: ته شال هن حڪومت جي اقبال جو چمن، احسان جي صاف پاڻيءَ سان تازو ۽ بزرگيءَ جي چنڊ جي نُور سان سرسبز ۽ قردار هجي!

* بندي هن ڪتاب کي عربيءَ جي پرده مان ڪيو، فارسي بيان ۾ فقط هن شاندار گهراڻي ۽ عالي قدر خاندان جي عزت افزائيءَ ۽ هميشه لاءِ يادگار قائم ٿيڻ لاءِ آندو

... هن نشان جي وچ واري عبارت جو سدار پ، ر، م نسخن جي روايت تي آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي. جڏهن [هيءُ ڪتاب] پسنديدگيءَ جي نظر ۾ احسان جي اشاري سان سينگاريو تہ ٻانهو انهيءَ جي وسيلي اهڙو تہ وڏو درجو ۽ بلند مرتبو حاصل ڪندو، جو هن "فتحنامہ" جي فخر جي چادر ۽ عزت جو زيب، زماني جي استعمال ڪرڻ تي ٻہ پراڻو نہ ٿيندو، ۽ وقت جي رٿيسن ۽ زماني جي نخرن کان ۔ جن چند سان گڏ تارن وانگر [جهان] کي سينگاريو آهي ۔ اميدوار آهي [۱۳] تہ انهيءَ سبب ڪري جو طبعيت جو ستارو مراد ڏانهن مائل نہ هو ۽ دل کي قرار ڪونہ هو، کا سهوَ يا قصور ڏسڻ ۾ اچي تہ هن عذر ڪري معذور سمجهن ۽ معافيءَ سان انهيءَ کي ڏيکين، چاڪاڻ تہ ڪنهن ٻہ مخلوق کي "اَلاِنْسَانُ مَرَكَّبٌ مِنَ الْخَطَا وَ النِّسْيَانِ" (انسان خطا ۽ ويسر جو گهر آهي) جي چشمي نان پاڻي پيڻ ۽ انهيءَ رستي تي پهچڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو ڪونہ آهي. *

جڪڏهن عذرن جو تفصيل شرح سان لکيو وڃي تہ هزارن ماڻ هڪڙو ۽ گهٽن ماڻ ٽوڙو ٻہ پورو ڪين ٿيندو، ليڪن [بندي هيءُ ڪتاب] اختيار سان نہ بلڪ مجبوراً آئي پيش ڪيو آهي تہ جيڻن هن ڪوتيءَ وٽ جي وسيلي آسانيءَ سان درجا حاصل ڪري سگهي، ۽ بلند درگاهہ ۔ شال سدائين بلند رهي! ۔ ۽ ويجهڑائي حاصل ٿئي، ۽ قبوليت جي اقبال سان مشرف ٿئي، ۽ هيءُ "فتحنامو" دنيا جي پوري ٿيڻ تائين ڪتابن جي صفحن تي باقي رهي. وَاللّٰه وَلِيُّ التَّوْفِيْق (توفيق جو مالڪ الله آهي).